
# شاھ جو رسالو



(ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي مطابق)

★

(محترم عبدالماجد پرڳڙي جي ٽيڪسٽ انپٽ)

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# سُثاءُ


| سُر | صفحو | سُر | صفحو |
|---|---|---|---|
| ڪلياڻ | 03 | گهاتو | 183 |
| يمن ڪلياڻ | 12 | سورٺ | 185 |
| ڪنڀات | 32 | ڪيڏارو | 192 |
| سريراڳ | 40 | سارنگ | 199 |
| ساموندي | 54 | آسا | 208 |
| سهڻي | 61 | رپ | 217 |
| سسئي آبري | 82 | ڪاهوڙي | 221 |
| معذوري | 100 | بروو سنڌي | 226 |
| ديسي | 109 | رامڪلي | 230 |
| ڪوهياري | 120 | ڪاپائتي | 249 |
| حسيني | 127 | پورب | 253 |
| ليلا چنيسر | 143 | ڪارايل | 257 |
| مومل راڻو | 148 | پرڀاتي | 260 |
| مارئي | 159 | ڍهر | 263 |
| ڪاموڏ | 178 | بلاول | 271 |

# سُر ڪلياڻ

## داستان پهريون

1

اَول الله عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌَڻِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم؛
والي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازق، رَبُّ رَحِيم؛
سو ساراه سچو ڌڻي، چئِي حَمدُ حَڪِيم؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

2

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، جن اُتوسين ايمانَ؛
تن مڃيو مُحمَّدُ ڪارَڻِي، قَلبَ ساڻ لِسانَ؛
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرمان، اَوَتڙِ ڪنهن نہ اوليا.

3

اَوَتڙَ ڪنهن نہ اوليا، سُتَڙِ ويا سالِمَ؛
هيڪائِي هيڪُ ٿيا، اَحَدَ سين عالِمَ؛
بي بها بالِمَ، آڳي ڪيا اڳِهين.

4

آڳي ڪيا اڳِهين، نسورو ئي نُورُ؛
لَا خَوفٌ عَلَيهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ، سچن ڪونهي سُورُ؛
مولي ڪيو مَعمُورُ، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

5

وَحَدَهٗ جي وِڍِيا، اِلَا الله سين اورِيِنِ؛
هِنيون حقيقت گڏيو، طريقت تورِينِ؛

معرفت جي ماٺ سين، ڏيساندَرُ ڏورِينِ؛
سُک نہ سُتا ڪڏهين، ويهي نہ ووڙِينِ؛
ڪُلَهِنئُون ڪورِينِ، عاشق عَبۡدُاللَطِيفُ چئي.

6

وَحۡدَهٗ لا شَرِيکَ لَهٗ، بُڌءِ نہ ٻوڙا؛
کہ تو ڪنين سُئا، جي گهٽ اَندر گهوڙا؛
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿِيندءِ سامُهان.

7

وَحۡدَهٗ لا شَرِيکَ لَهٗ، اِهو وِهائج وِيُّ؛
ڳٽين جي هارائِئين، هنڌ ٽُنهنجو هِيُّ؛
پاٽان چوندُءِ پِيُّ، پري جام جَنَّت جو.

8

وَحۡدَهٗ لا شَرِيکَ لَهٗ، اِيُ هيڪڙائِيءَ حَقُّ؛
ٻيائِي کي ٻَکُ، جن وڌو، سي ورِسيا.

9

سِرُ ڏِونديان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڏِونديان، سِرُ ناهِ؛
هَٿَ ڪَرايُون آڱريون، ويا ڪپجي ڪانِهہ؛
وحدت جي وِهاَنءِ، جي ويا، سي وڍِيا.

10

عاشق چَؤ مَ اُنَ کي، مَ کِي چَؤ معشوق؛
خالق چَؤ مَ خامَ تون، مَ کِي چَؤ مخلوق؛
سَلِج تنهن سُلوڪ، جو ناقِصئا نِڱيو.

11

وحدتان ڪَثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُّ؛
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻِيءَ مَ ڀُلُ؛
هُو هُلاچو هُل، با الله سندو سڄٽين.

12

پاڻَهِين جَلَّ جَلَالَهُ، پاڻهِين جانِ جمالُ؛
پاڻهِين صورت پِرِينءَ جي، پاڻهِين حُسن ڪَمالُ؛
پاڻهِين پِر مُريد ٿئي، پاڻهِين پاڻَ خيالُ؛
سڀ سڀوئي حالُ، منجهان هي معلوم ٿئي.

13

پاڻَهِين پسي پاڻکي، پاڻهِين محبوب؛
پاڻهِين خلقي خوب، پاڻهِين طالب تن جو.

14

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهِين؛
هُئا اَڳِهين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

15

ايڪ قَصَرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪَڙِس ڳڙکيون؛
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهُون.

16

ڪوڙين ڪاياڻُون ٿُنهنجيون، لِڳَن لَکَ هزارَ؛
جِيءُ سڀڪنهن جيءَ سين، دَرسن ڏارون ڏَار؛
پِرَيمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چِئِي ڪيئن چوان.

## وائي

سڀڪا پريان ڪُون پُوڄي؛
نيهن نيٽيڻ، ڳُڻُ ڳالھ وو.
جا چِتايم چِتَ ۾، سڄڻ سا ٿو ٻُجهي؛
لات جا لَطِيفُ جي، سَڏُ تنهنجو سُڄي.

## داستان ٻيو

1

اڳهي اَڳهائي، رَنجُ ٻِريان کي رسيو؛
چَڪيَمِ چڱائِي، سورانگهي سُورِيءَ تان.

2

انڌا اُونڌا ويجَ! ڳلَ ڪُڄاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون پيارِئين پيـجَ؟
سُورِي جنِين سيـجَ، مرڻ تي مُشاهِدو.

3

سُوري آهِ سينگار، اَڳِهين عاشقن جو؛
مُڙڻ موٽڻ ميهڻو، ٿيا نِظاري نِروارُ؛
ڪُسڻَ جو قرارُ، اصل عاشقن کي.

4

سُوريءَ مٿي سيڻَ، ڪهڙي ليکي سَنَرا؟
جيلَه لڳا نيڻَ، تي سُوريائِي سيـجَ ٿي.

5

سُوريءَ تي سَؤ وارَ، ڏِهاڙيو ڇَنگ چڙهين؛
جِمَ وِرچي ڇڏئين، سِڪڻ جي پَچَار؛
پِرت نہ پسِين پارَ، نيهن جِئان ئي نِڱيو.

6

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڻو؛
ڏُکُ پِريان جو ڏِيلَ ۾، واڄَٿَ جئن وَڄاءِ؛
سِيخن ماهُ پَچاءِ، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينهنَ جو.

7

ڪاتِيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳنُ وڍيندڙ هٿ ۾؛
پَسيو پَرِ عجيب جي، لِڇيو وجي لوهُ؛
عاشقن اندوهِ، سدا معشوقن جو.

8

كاتِي تكي مَ ٿئي، مَرُ مُنِيائِي هوءِ؛
مانَ وِرمَن توءِ، مُون پِريان جا هٿڙا.

9

اڳِيان اَڏِنِ وَٽِ، پويَن سِر سنباها؛
كات نہ پوين قبولَ ٿِي، مَڇُڻ پائين گھٽِ؛
مٿا مُهايَنِ جا، پيا نہ ڏِسين پَٽِ؟
كلالكي هَٽِ، كُسڻ جو كوپُ وَهي.

10

جي اَٿيئِي سَڌَ سُركَ جي، تہ وَنءُ كلالن كاٽي؛
لاهي رك، لَطِيفُ چئي، مٿو وَٽِ ماٽي؛
تك ڏيئي پِكَ پِيُ تون، منجهان گھوٽ! گھاٽي؛
جو وَرَنَهَ وِهاٽي، سو سِر وَٽ سَرو سهانگو.

11

جي اَٿيئِي سَڌَ سُركَ جي، تہ ونءُ كلالكي كُوءِ؛
مَهيسَر جي مَنڌَ جِي، هُتِ هَڏهِين هُوءِ؛
جان رمز پروڙيم روءِ، تان سِرَ وَٽِ سُركِي سَڳُڻي.

12

ناڻي ناهِ كَكُوهُ، كي ملھ مهانگو مَنڌُ؛
سَنباهج، سيّد چئي، كاٽڻ كارڻ كَنڌُ؛
هِيُ تنِين جو هنڌُ، مَٿن پاسِ مَرَنِ جي.

13

عاشَق زهر پِياكَ، وِهُ ڏِسِي وِهُسَنِ گھڻو؛
كڙي ءِ قاتلَ جا، هميشه هيراكَ؛
لڳين لنؤ، لَطِيفُ چئي، فَنا كيا فِراقَ؛
توڙي چِكَنِ چاكَ، تہ بہ آهَ نہ سَلِن عامَ كي.

14

مَ ڪَرِ سَڏَ سَري جي، جي تون ٿارِئين ٿُوهُ؛
پِيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَڳُن رُوح؛
ڪاتي چَڪُ ڪڪُوهُ، لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي.

15

سَڌِڙيا شراب جون، ڪُهُ پَچارُون ڪنّ؟
جُ ڪاتَ ڪَلالِنِ ڪِيا، تہ موٽيو پوءِ وڃِنّ؛
پِڪُون سي پِينِّ، سِرَ جن جا سَٽِ ۾.

16

سِرَ جُدا، ڏَڙَ ڌارَ، دوڳَ جنين جا ديڳِ ۾؛
سي مَرُ ڪن پَچارَ، حاضر جن جي هَٽ ۾.

17

اصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانڍِڻُ ڪمُ؛
سَؤ سِسِنئان اَڳِرو، سَندو دوسان دمُ؛
هِيُ هڏو ءِ چمُ، پِڪَ پِريان جِيَ نہ پَڙي.

18

جي مٿي وٿِ مِڙَنِ، تہ سِپڪنهن سَڏَ ٿئي؛
سِرَ ڏني سَٽِ جُڙي، تہ عاشقَ اِئن اچِنِ؛
لڌا تي لَيَنِ، مُلهِ مَهانگا سُپرينِ.

19

مُلهِ مَهانگو قَطرو، سِڪَڻُ شَهادت؛
اَسان عِبادتَ، نَظَرُ نازُ پِريَنِ جو.

# وائي

مَنڊُ پئندي مون، ساڄَنُ سهي سُڃاتو؛
پِي پِيالو عِشقَ جو، سِپڪِي سمجهيو سُون؛

پِريان سندي پارَ جِي، اَندرِ آڳِ اُٿُون؛
جِئڻُ ناهي جَڳَ ۾، ڏينهن مِڙيئي ڏُون؛
اَلا، عَبۡدُاللّطِيفُ چئي، آهين تُون ئي تُون.

## داستان ٽيون

1

اُتياري اتي وِيا، مَنجهان مُون آزارَ؛
حبيبَ ئي هٿِي ويا، پِيڙا جا پَچار؛
طَبيبن تَنوارَ، هَڏِ نہ وڻي هاڻِ مون.

2

اَورِ ڏُکَندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبِيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نہ ڪري، تنهنکي ڪو طَبِيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساٿَرِ صِحتَ سُپِرين.

3

ساٿَرِ صِحتَ سُپِرين، آهي نہ آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِنو ٿئي، ڪونِيندي قَهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٿي، جنهن سين ٿئي يارُ؛
صاحِبُ رَبُّ ستَّارُ، سوجهي رَڳُون ساهَ جون.

4

رَڳُون ٿيون ربابُ، وَجَنِ ويلَ سَيَڪَنهِين؛
لُچَڻُ ڪُڇَڻُ نہ ٿِيو، جانِبُ ري جَبابُ؛
سوئِي سَنڌِيندُم سُپِرين، ڪَيسِ جنهن ڪَبابُ؛
سو ئِي عينُ عَذابُ، سو ئِي راحَتَ رُوحَ جي.

5

سو ئِي راهَ رَدِّ ڪري، سو ئي رَهَنُماءُ؛
وَ تُعِزُّ مَنۡ تَشَاءُ، وَ تَذِلُّ مَنۡ تَشَاءُ.

6

سِڪِين ڪُه سَلامَ ڪي، ڪَرين ڪه نہ سَلامُ؟
بِيا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جنِين ديکيو.

7

مِنايان مِنو گهٽو، ڪَڙو ناه ڪَلامُ؛
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

8

پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئي مِنائي؛
ڪانهي ڪَڙائي، چَکِين جي چيتُ ڪري.

9

تو جنِين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذْڪُرُونِي اَذڪُرَ ڪُمَ'، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
هَتِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرِين جي.

10

پابوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄَڻين؛
اَلَسّتُ بِرَبِّڪُمَ، چَيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نہ لهي.

11

پابوهِيو پُڇَنِ، ڪِتي هَٿُ حَبِيبَ جو؛
نيزي هينان نِينهنَ جي، پاسي پانُ نہ ڪَنِ؛
عاشِقَ اَجَلَ سامُهان، اوچي ڳات اَچَنِ؛
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِ، مَرَڻُ تَنِ مُشاهِدو.

12

ڪوني ڪُهي سُپرِين، ڪوني ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هينان نِينهنَ جي، پاسي ڪر مَ پانُ؛
جُلُ، وِجائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

13

ڪونڻُ قَريبَنَ جو، عيـنُ تَڙڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالَهڙِي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، ڇِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُنِ جو.

14

ڪُهَنّ تان ڪَرَ لَهَنِ، ڪَرَ لَهَنِ تان ڪُهَنِّ؛
سيئِي ماءِ! مُهَنِّ، سيئي راحتَ رُوحَ جِي.

15

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوٺي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَرَ زَمان حبيبُ؛
تِڇي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جِي.

# وائي

ٿيندو تَنَ طبيبُ، دارُون منهنجي دَردَ جو؛
ٻُڪِي ڏيندُم ٻاجَهه جِي، اَچِي شالَ عجيبُ؛
پِرِين اچي پاڻَ ڪِيو، سندو غورُ غريبَ؛
ڏُکندو سيوئي ڏُور ڪيو، مَنجهون تَنَ طبيبَ؛
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، هاتِڪُ آهِ حبيبُ.



# سُر يمن ڪلياڻ

## داستان پهريون

1

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضن کي.

2

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَ! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

3

هَڻُ، حبيبَ! هَٿُ ڪٽِي، بَنگان لهِي باڻُ؛
ماڳِهين مون مِنهُن تِئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻُ؛
اِنَ پَرِساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون تِئي.

4

جِت حبيبَ هَڻنِ، نانُڪَ پَري نِينهن جِي؛
تِتي طبيبنِ، وِجا وِجي وِسري.

5

هَٿِين جي حبيبَ! محبتِي مَيا ڪري؛
پُڇان ڪينَ طبيبَ، هوند گهائُنِ سين تِي گهارِيان.

6

ڪانارِيا ڪُٽِڪَنِ، جنِين لوهُ لِگَنِ ۾؛
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لُڇَنِ؛

پاڻِهين ٻَڌِنِ پَٽِيئون، پاڻِهين ڇِڪِيا ڪَنِ؛
وَٽان واڍوڙِيَنِ، رهِي اَڇجي راتڙِي.

7

رهي اَڇجي راتڙِي، تن واڍوڙِينِ وَٽاءِ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهٽَ مَنجهاران گهاءِ؛
لِڪائي لوڪاءِ، پاڻهين ٻَڌِنِ پَٽِيُون.

8

اَڄُ پڻ ڪَنجهو ڪَنجَهه، واڍوڙَڪِيءَ مَنَهِينءَ؛
جهُ پڻ پِيـيَنِ سَنجَهه، هُو پِنِيُون هُو پَٽِيئون.

9

سَگهنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، گهايَلَ ڪيئن گهارِينِ؛
پِيَلَ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙَ نہ وارِينِ؛
پَرِ ۾ پَچَنِ پِرينءَ لَئي، هَئي! هَنجُون هارِينِ؛
سَڄَڻُ جي سارِينِ، تن رويو وِهامي راتڙِي.

10

سَگهنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، تا رُنڪَن رَنجُوري؛
پِيا آهن پَٽَ ۾، مَٽِن مامُوري؛
لڳين لَنؤ، لَطِيفُ چَئي، سَدا جِي سُوري؛
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامي راتڙِي.

11

آيَلِ! اُنِ نہ وِسَهان، هَنجُون جي هارِينِ؛
آڻيو آبُ اَکينِ ۾، ڏي کي ڏيکارِينِ؛
سَڄَڻُ جي سارِينِ، سي نڪي روئن نہ چون ڪِي.

## وائي

وِرسِيا ويجَ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پِرينِ جو؛
اُٺيو ويڄا! مَ وهو، وَجو ڏَبَ ڪڍِي؛

بُکي ڏيندا ٻاجَھ جي، آيا سُورَ ڏٿي؛
آيا جيءَ جِيارا، دِل ۾ دَردُ پرِينِ جو.

## داستان پيو

1
تَنَ طبيب نہ ٿُون، سُٽِ نہ لهين سُورَ جي؛
سانڍِ پنهنجا ڏِبَڙا، ڳَڏُ ڪٽي ۾ پُون؛
ڪانَ ڳُھرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ري.
2
ويڄنِ سين وائِيءَ پيا، ڪِري نہ ڪيائون؛
جي پَندِ پارياٿُون، تہ سِگھائي سَگھا ٿِيا.
3
آهي گھٽو اَگھنِ جو، تَرسُ طبيبنِ؛
ڪيو وَسُ ويڄنِ، تان ڪِريءَ ري ڪينَ ٿئي.
4
پاڙي ويڄَ ھُئام، تان مون مُور نہ پُڇيا؛
تيلاهين پيام، مورَيسرَ اَڪين ۾.
5
هارِيا! تو هِرِي، ڪُپَڄُ ڪايا سين ڪيو؛
ڪَرِئين جي ڪِري، تہ تون تَوانو ٿئين.
6
جي پائِين پرِينءَ مِڙان، تہ سِڪُ چوران ڪِي ذاتِ؛
جاڳِڻُ جَشَنُ جن ڪي، سُڪُ نہ ساري راتِ؛
اُڃهي ٻُڃهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ؛
سَلي سُوريءَ چاڙهيا، بيان ڪَنِ نہ باتِ؛
توڙي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳِي سَلَنِ ڪينَ ڪِي.

7

تڙي طبيبنِ، گهايَلُ گهران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِّ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَئي ناڙُ نَپَنِّ؛
وِرِچِيو ويجَ وَجنِّ، آءُ تہ پِريَمِ! اُبَهان.

8

وَڍِي جَنِ وِڍياسِ، وَري ويجَ ئِي سي ٿِيا؛
ٽُرڪُ بَڌائُون پَٽِيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِئين.

9

ويجَ! مَ ٻُڪِي ڏي! اَلا چَڱِي مَ ٿِيان!
سَڄَڻُ مانَ اَچِي، ڪَرَ لاهُو ٿِي ڪَڍِهين.

10

هُئين تہ ويڄنِ وَٽِ، تون ڪِئن جِيءَ جَڏو ٿِئين؟
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، ڪُھ نہ ڪَيءِ ڊَٻَڙا؟

11

ڪُنِيس ڪُويڄَنِّ، تَنَ طبيبَ نہ گڏيا؛
ڏيئي ڏنبَ ڏَڏَنِّ، پاڻان ڏِيلُ ڏڪوئِيو.

12

تَرسُ طبيبنِّ جو، جَڏَنِ ڪيو نہ جاتِ؛
جو ويڄنِ جي واتِ، دارُونئان تنهن ڏُور ٿِيا.

13

دارُون ۽ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويجَ مون؛
ٻُڪِي ڏيندا باجَھ جِي، نِهاري ناڙُون؛
جن جون سيڻَ لَهنِ سارُون، تن تان ڏُکندو ڏُور ٿئي.

14

اَگھن مِڙِي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ ڪي؛
ڏُور، ڏُکندا! پَڄُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

## وائي

اَڃِي سارَ لَهيجِ، ساجَنَ سُورَ ٿُماري آئُوُن ماري!
سُورَ ٿُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ؛
ڏِبَنِ پَري هَٿَڙا، دارُون، دوست! ڪَريجِ.

## داستان ٽيون

1

هَيءِ هَيءِ! وَهي هاءِ، مَنَ ۾ محبوبنِ جِي!
جيرا جوشَ جَلائِيا، ٻُڪين ٻَري باهِ!
پَسو مَچَ مَٿاءِ، جي ويساهَ نہ وِسَهو!

2

ڪاندين ٿاندين ٻاٻُرين، پَچان مَرُ پيئِي!
جيرا، جِگَرَ، ٻُڪِيُون، سيخُنِ ۾ ٿيئِي!
ويڄَنِئون ويئِي، ٿِي وهِيٽِي سَڄَٽين!

3

سَرُ جو سَڃِيو سَڄَٽين، ٻِيهَرَ باڻُ پَري؛
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪَري؛
جيرا، جِگَرَ، ٻُڪِيُون، لنگهي پِيو پَري؛
لڳو جِيءَ جَڙي، تاٽِيان، تِيرُ نہ نِڪري!

4

پُڇُ پَتنگَنِ کيۡ، سندِيُون کامَڻَ خَبَرُون؛
آڳِيو وجَهنِ آڳِ ۾، جِيءُ پَنهنجو جيۡ؛
جيري جنِين جيۡ، لڳا نيزا نِينهَن جا!

5

پتنگ چائِين پاڻَ کيۡ، تہ اَچي آڳِ اُجهاءِ!
پَچَڻَ گهٽا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ!
واقُف ٿِي وِساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کيۡ.

6

پَتنگُ چائِين پاڻَ کيۡ، پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائِيءَ سُپيرين جيۡ، کِهڙُ تہ ٿِئين گهوٽُ!
اَچا تون اَروٽُ! کُوري خَبَر نہ لهِين!

7

پَتنگَن پَهُ کيو، مِڙِيا مٿي مَچَّ؛
پَسِي لَهسَ نہ لِچيا، سَڙِيا مَٿي سَچَّ؛
سندا کِچين کَچَّ، ويچارن وڃائِيا.

8

جي تَنو تَنُ تنُورَ جئن، تہ چَندِي ساڻُ چَماءِ؛
آڳي آڳِ اَدب جي، باري جانِ جلاءِ؛
بُرقعان اندر بازيون، پنهنجو سڀ پچاءِ؛
لُڇَڻُ لنؤُ، لَطِيفُ چئي، پَدَرِ هَڏِ مَ پاءِ؛
متان لوڪ لَکاءِ، وصالان وڃ پَئي!

9

اچا تَنُوران، ڪالهہ ڪڍيائون سڄَڻين؛
پڻ تايائون تڪڙو، وحدت جي وَڏان؛
محبتين مٿان، مچُ مُورائينِ نہ لهي!

10

پَچائي پَهاڻُ، جن رساڻيو رُڪَ کي؛
تنين سندو ڄاڻُ، آهي آڳڙيُنِ کي.

11

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻَ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڌُوڌا! تِيُ مَ ڏارَ، جِمَ کَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

12

ڌُوڌا! تون نہ ڏئِين! آڳِ اوڏو نہ وڃين!
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سَهِين!
اُپو اِئن چَئِين، تہ آئون آڳڙيو آهيان!

13

سِرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گهرُ لهارَ جو!
ڏَکن هيٺ ڌري، مانَ گڏينئي رُڪَ سين!

14

سَهِين جئن سانداڻ، ڏَکن مٿي ڏَکڙا!
وَهِ وِڃائي پاڻ، ڏي ڌُٻائون ڌُڳَرين.

15

اَڄ آڳڙيا آئيا، سُوڌا سِراڻِي؛
پياري پاڻِي، تيغُون ڪندا تکيون.

16

اَڄ آڳڙيا آئيا، سائُو کي سُڃاڻ؛
لاهِيندا مُورياڻَ، رُڪُ کَرِيندا پڌرو.

17

سَرها ڌنم سي، جن ساڄاءَ سِراڻِ سين؛
تيغَ تنِين جي کي، ڪَٿُ نہ لڳي ڪڏهين.

## وائي

جِيءُ جياريو، جِيءُ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو؛
پرينِ جِيءَ پَچار، سيڻن جِيءَ سنپارَ، جَڏڙو جِيءُ جياريو؛
اُجيو تن عَمِيق مان، پِريُن پُوجَ پياريو؛
مرضُ مريضن تان، اِشاري ساڻ اُتاريو؛
ڪَرَمَ ڪريمن جي مون ڪي، اَهُڪِيءَ مان اُڪاريو؛
سنئون مُنهن ڪري، سپرين! اَئِين نرمل نورَنهاريو؛
سائلن جِئن سڏ ڪري، اَئِين طالحن ڪي تاريو.

## داستان چوٿون

1

ايڪ پيالو! ٻہ ڄڻا! عشق نہ ڪري اِيئَن!
ليڪيا جي لِڱڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئن؟
هُئڻ ڪيا هِيئَن، وانجيا، پَسُ! وِصال ڪان.

2

ايڪ پيالو! ٻہ ڄڻا! عشق نہ ايئن ڪري!
آئِي سي ايڪ ٿيا، جي ڳتا نينهن ڳري؛
دوئِي ڏار ڏري، جہُ خُلَّت خنجر آئيو.

3

ايڪ پيالو! ٻہ ڄڻا! عشق نہ ڪري اَڏَ!
اِيَ تان، ساعر! سَڏَ، ڪَيَءِ جا قَوال سين.

4

قاتلَ ڪمائِي ڪري، وَهُ ماڪي جي ڪن؛
وٽان ويهِي تن، پِيِچ ڪي پياليون.

5

هوندو هَڏِ مَ سَندِ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
پوجَ پيارج پَنهِيڙا، ويندا ونيو ڪَندِ؛
تہ هَٿَ تنهنجي هندِ، موڪي! ڪو مانُ لهي.

6

هوندو هَڏِ مَ رَڪُ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
وٽِي واٽاڙُئن ڪي، تان پياري پَرَڪُ؛
سا لِڪَ لهي ٿي لَڪُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

7

گهٽَنِ ۾ گهِٽِڪَنِ، وَٽيُون پِيَنِ وِهَ گاڏيُون؛
بَرخِيز بده ساقِي! پيار ڪي پِريَن؛
پِڪين نہ پرچن، مٿ تڪيائون مَنجهيان.

8

آٽي اُتر واءَ، موڪيءَ مٿ اُپٽيا؛
مَتارا تنهن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباهِيو.

9

وجهج واٽاڙُئن تي، ميخاني جي ماڪَ؛
ٽيندي سُڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪَ؛
پِره جا پياڪَ، جُہ سي اَگَڻ آئيا.

10

جُہ سي اَگَڻ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُج؛
سائِي ٽِيندين اُج، هي پِيتو! هُو آڻ ڪِي!

11

موڪِي چوڪِي نہ ٿئي، اصل اوچِي ذات؛
وَٽيون ڏيئي واتِ، مَتارا تنهن ماريا.

12

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون نہ مَرِين!
ڪيهِيءَ پَرِ پَرِين، ڏُڪِي! ڏاتارن ري؟

13

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون بِي مَرُ؛
تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سهندو اُنِ ري!

16

سَري ڪين ڪيونِ، ويڻَ موڪيءَ جي ماريا!
ڪو جو سخن ڪلال جو، پِٽي تي پيونِ!
تِهان پوءِ ٿيونِ، مرڻ مَتارنِ ڪي!

15

ڪَنڌ ڪَٽارو، مُنهن وٽِي، عادت سندين اِيَّ؛
تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجهان جِيَّ؛
سرو تن سَبِيّ، جَن حاصل ڪيو حال ڪي.

16

موڪِيءَ مَنو نہ گُهريا، وِهُ نہ وِهاٽيا؛
سُرڪِيءَ ڪاڻ، سيَّد چئي، اُتي ٿِي آٽِيا؛
جي ڳالهين ڳِنگاٽِيا، تن بَٽَنِ پاسي بُٽيون.

20

سِرُ ڏيئِي سَٽِ جوڙ، ڪنهن پَرِ ڪَلالن سين!
ڪاتِي ڪَرٿُ ڪپار ۾، خَنجَرُ آٽي ڪوڙ!
مَرِٽان مُنهن مَ موڙ، وَٽِي ٿِي وڏِ لهي!

18

وَٿَ وَٿَ وٽِيءَ ۾، مَٿَ مَٿَ مَنڌُ ٻيو؛
قدر ڪيفَ ڪلال جو، پِياڪَن پيو؛
اَچن دُرسُ دڪان تي، ڪَنڌَ قبول ڪيو؛
سُرها سِرُ ڏيو، چَکَن سُرڪَ سيَّد چئي.

19

ڪلالنئون ڪاءِ، مَتِ نہ سِڪِين مون هِنئان!
روئندي رات وِهاءِ، چِڪائِيندي بَٽيُون!

## وائي

دوسُ پيهِي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو؛
ڏِينهين پُڄاڻوُن آٽي اسان کي، مولي مُحب ملايو؛
ويو وِڇوڙو، ٿيو ميلاپو، واحد واءُ واريو؛
هو جَنهِين جو ڏَسُ ڏُوراڏو، اوڏو اَڄ سو آيو؛
عَبۡدُاللّطِيفُ چئي، اَڄِي عجيبن پاڻ فَضلُ فرمايو.

## داستان پنجون

1

صوفِي سالم سي ويا، جي اَکثر سين اَڏيارَ؛
بازي بازِندنِ کي، آهي اَويسارَ؛
پِريا سين پَهکارَ، رِندِيءَ رَساٽي کيا.

2

صوفِيءَ سيرُ سِپن ۾، جئن رِڱن ۾ ساه؛
سا نہ کري ڳالهڙِي، جئن پويون پروڙي پساه؛
آهِس اِيُ گناه، جي کا کَري پَڌرِي.

3

ڏِني ڏُکويا، اَڻ ڏِني راضي ٿيا؛
صوفِي تي ٿيا، جئن کِينَ کنيائون پاڻ سين.

4

صوفِي لاکوفِي، کونَ پانئيس کيرُ؛
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ؛
جنين ساڻس ويرُ، تئي تنين جو واهَرُو.

5

صوفِيءَ صاف کيو، ڌوئِي ورق وُجُود جو؛
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

6

صوفِي چائِين، سَڏَ ڪرين! صُوفين اِيَ نہ صلاحَ؛
ڪاتي رک ڪُلاهَ، وجھ اُچلي آڳ ۾.

7

جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿِيءُ؛
وِهه وِٽي هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
هَنڌُ تنِين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

8

جُسي ۾ جَبّار جو، خَفِي خِيمو کوڙ؛
جَلّي تون زبان سين، چار ئِي پھر چور؛
فڪر سين فُرقان ۾، اِسم اعظم ڏور؛
ٻيا در وجي مَ ووڙ، اِيُ اَمُلُ اِئائِين سَپَجي.

9

عالَم آئُون ساڻ، پَريو تو پيرَ ڪري؛
پاڻ نہ آهي جانُ، ماندِيءَ مَنڊُ پکيڙيو.

10

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي رُوءِ؛
جنِين ڏٺي جُوءِ، تني ڪُڇيو ڪين ڪِي.

11

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راءِ؛
ماڙهُو اِتِ ڪِياءِ، مَنڊُ نہ پسين مَنديو!

12

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، روميءَ چيو آهي؛
تاڙِي جي لاهي، تہ مَنجِهين مُشاهدو ٿئي.

13

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجھ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙه اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

14

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنّ؛
فِڪرَ فَرَهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنّ؛
پَنو سو پڙهنّ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

15

سا سِٽَ نہ سارينِ، اَلف جنهن جي اَڳ ۾؛
ناحَقُ نهارينِ، پنا ٻيا پِرينءَ ليءِ.

16

سا سِٽَ سارِيائون، اَلف جنهن جي اَڳ ۾؛
”لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينِ“ اِن پَرِ اُتائون؛
سَٻَرُ سوناٽُون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

17

اَکرَ پڙهي اَياڳِيا! قاضِي ٿئين ڪِياءِ؟
پيرِئين ۾ پانئِئين، ايڏا اِئن نہ آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سندو ساءُ، پڇج عَزازِيل کي.

18

عاشق عَزازِيل، ٻيا مٺِيئي سَڌڙِيا؛
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتِي لال ٿيو.

19

جو مون پڙهيو پاڻَ لَيءِ، سبقُ سابِقُ جو؛
پهرين سُجاتم پانهنجي، نفسَ جو نِهو؛
جِي عَرفانُ اَصَل ۾، ٿي رُوحن روزَ ڪيو؛
وري وَرَقُ پيو، گَڏيم وَڏُ وصال جو.

20

پَڙهيو ٿا پڙهنَّ، ڪَڙهن ڪين قُلُوب ۾؛
پاٽان ڏوهَ چڙهنَّ، جئن وَرَقَ ورائين وِترا.

21

اَکر پڙه اَلف جو، وَرَقَ سڀ وسار؛
اَندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

30

جئن جئن وَرَقَ وَرائِين، تئن تئن ڏنو ڏوهُ؛
تنهن ڪَهڙِيءَ ڪبو ڪوهُ؟ جي رهڙِيءَ رهيو نہ سُپرين.

23

ڪاتِبَ! لِکِين جئن، لايو لامُ اَلف سين؛
اَسان سڄڻُ تئن، رهيو آهي روح ۾.

24

تهڙا چالِيها نہ چالِيهَہَ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو؛
ڪهڙي ڪاتِبَ! ڪَرِئين، متي پنن پِيهہَ؛
جي ورقَ وارِين وِيهہَ، تہ اَکر اُهوئِي هيڪڙو.

25

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيم چاليها رَکُ؛
ڪوه نہ پُوڇيو پُوڇئين، اَنئِي پهر اَلَکُ؟
تان تون پائُ پَرَکُ! سَيَڪَنهن ڏانهن سامهون.

26

سَيَڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالِي ناهِ؛
اَحَدا جي اَرَڪَ تيا، سي ڪانئرَ ڪبا ڪانهِ؟
مُحبُّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَجاڻندِيءَ اُجهيو.

## وائي

وِسارج مَ ويڻَ، جوين بہ ٿي ڏينهڙا.
لونيُون سَهَنِ لوڪ جا، وِهاڻِيءَ تيون ويڻَ؛
اصل اَسارِيُن جا، سُتي وِيَڙا سيڻَ؛
جيڏيون! جي مان وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نيڻَ؛

راتڙيُون جاڳن جي، سي آئُون ڪندڙي سيڻَ؛
آڏيءَ رات اُٿِي ڪري، جهل تون نِندان نيڻَ.

## داستان ڇهون

1

دائودِي ڏيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ اَيَنگُ، ڪاهيو پاڱرئين هٽي.

2

دائودِي ڏيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي ڇيٺُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ سُڇيٺُ، ڪاهيو پاڱرئين هٽي.

3

او قابِيلَ! اَڪين ۾، توکي باري باڻَ؛
اُيو اَڳرايُون ڪرين، ماڳِ هٽيو مَستانَ؛
جانبَ! تون زيانَ، اَڪين سين ايذا ڪرين!

4

جي هو پائِينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر رکُ؛
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چَٽڪا چَکُ؛
سورِي پانءِ مَ شڪُ، عاشقُ ٿِيُ تہ اُبَهِين.

5

جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر ڏيجِ؛
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٿي جهليجِ؛
پاهان پَڳَ مَ ڏيجِ، عاشقُ ٿِيُ تہ اُبَهِين.

6

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، ميان! مار مَ مون؛
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئِي توکي لڳي.

7

کيو ڇڏين ڪانُ، هَڏَ نہ هَڻائين ٿا؛
ٿيا جي نيشانُ، تہ پھرئين سان پورا هئا.

8

لوڙِي جِت لڳوم، اُتِ اُپو ئِي آهيان؛
سورهُ پرين سَندوم، مانَ ٻاجهائي ٻيو هَٽي!

9

محبّت جي ميدان ۾، ڪر پَڙاڏو پَٽُ؛
سِرُ سورِيءَ، ڏَڙُ ڪُنگرين، متان ڪُڇين ڪَٽُ!
عشق نانگ نِپَٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

10

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ؛
سورِيءَ سُپيرِين جي، چَڙهُ تہ ٿئين چانگُ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏَنِ ڪي پوي.

11

عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪَنسِ ٻِيرُو؛
جِيَ جُسي ۽ جانِ جِي، پِجي جو هيڪاندِ؛
سِسِي نيزي پاندِ، اُڇل تہ اَڏ ٿئي.

# وائي

عشق تمام، بره تمام، وو! مئن لُوٺي يارَ لوڪو!
سيجَ سُتي نُون جَهپَ نہ آوي، نيٹين نندَ حَرامُ؛
راتيان جاڳَنُ، صاحبُ سنڀالنُ، اِي فقيران دا ڪامُ؛
مَتِ عقلَ دي مُنجھ گـئِي، آيا عشق اِمامُ.

# داستان ستون

1

عاشقن اللهؔ، ويروتار نہ وسري؛
آهَ ڪَرِيندي ساهُ، ڪڏهن ويندو نڪري.

2

عاشق اِئن نہ هُونِ، جئن تون سَڃي اڱرين؛
وڃي در دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙِي رُون؛
ٻِيَ پَرِ ڪَنهِين نہ پوَن، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

3

جان عاشقَ متي رَتُ، تان دعوىٰ ڪري مَ نِينهن جِي؛
سائو مُنهن، سُونهن ڳئِي، سِڪَڻَ اِيُّ شرط؛
نَڪِي گوڏِ ڳَرَتُ، متا سِرَ سؤدا ڪري.

4

اَڃا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڌون ڪرين؟

5

سِڪڻُ ۽ سورِي، ٻئي اَڳرِ هيڪڙي؛
وِهڻُ واتَڙِيُن تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛
ٻِنهي جِي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نہ جُڙي.

6

جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، ناتَ پَسُ سِڪندئين؛
پاسي تنين مَ لِڪُ، نِينهُن نہ سُڃاڻن جي.

7

عاشقَ! معشوق جِي، ونِي ويهُ ڳِرِي؛
جِمَ وِرچي ڇَڏِين، سَندِي دوست دَرِي!

ڏِيندا بُڪِي ٻاجَھ جِي، ويندءِ ٿَپَ ٿَرِي؛
اَسان تان نہ سَرِي، تون ڪئن سَرِي سپرين؟

8

عاشقَ! معشوقن جو، وٺِي ويھ دُڪاڻ؛
پَـئِجِ پيش پِريُنِ جي، پَٽِيءَ وجِھي پاڻ؛
تہ تون تنِين ساڻُ، سدا رهِين سُرخُرو.

9

عاشقَ! معشوق جو، وٺِي ويهج گهٽُ؛
جِمَ وِرچِي چَڏئين، موڪِيءَ سندو مَٽُ؛
ڪري سِرَ جي سَٽُ، پِيِجِ ڪي پِياليُون.

## وائي

سُپيريان جي سونهن جِي، ڳالھ ڪِينَ وجي؛
وجِي دَرِ دوستن جي، سُوريءَ سِرُ هَڄي؛
عاشقَ اَنگُن چڙهيا، ٻيو سَيڪو يَڄي؛
پُڇِجِ پوءِ پِرِيتَڻون، پهرين سِرُ سَڄي؛
عاقِلَ ئِي اوڇُون ٿيا، پورو ڪِينَ پَڄي.

## داستان اٺون

1

هَرَ هَرَ هَرائِي، وڃڻ دَرِ دوستن جي؛
ٻاڙي ڏانهن پِرينِ جي، اُڃُ مَ اَوائِي!
اَلڙُ ٿِي آچ مَ تون، واٽاڙُن وائِي؛
لائِيندءِ لَطِيفُ چئي، سُوران سَرهائِي؛
ڳُجهو ڳالهائِي، پِرتِ وَٽجي پاڻ ۾.

2

سُورُ جنين کي سَريو، سَرِي تن صحتَ؛
مِنِي مصيبت، آهي عاشقن کي.

3

جي پياري پاڻَ، تہ ڪَرَهو ٿِي پاڻِي پِئين؛
اڳِي اِنَ نِياڻ، اَڻَ ڪوٺيو ڪونَ ڳِهڙي.

4

اَڻَ ڪِي عَيان نہ ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سچِي جيهِي سونَ، منهن نہ پيئِي ماڙهُوئين.

5

اَڻَ ڪِي عَيان نہ ٿئي، ڪي پروڙي ڪونَ؛
سا سُونهِين ٿئي سونَ، اَمُرُ عطا جنهن جو.

6

چِنَن توءِ مَ چِڻُّ، پاءِ اُميرِي اُنِ سين؛
جي اَوڳڻ ڪَنِئِي، اَسُونهِين! تہ تون ڳُڻان ئِي ڳِڻُّ؛
پاند جهليو تون پِڻُّ، هن سُونهاري سَگَّ ۾.

7

نَمِي ڳمِي نهار تون، ڏَمَرُ ڏولائو؛
ٿِيَءِ ساجائو، جي اُپِئين اِنهِيءَ پيرَ تي.

8

ڳمُ! ڳمَندِنِ ڪتيو، هارايو هوڙَنِ؛
چڪيو نہ چُوندنِ، هو جو ساءُ صبرَ جو.

9

ڳمَندَڙَن ڳهرِ ڪِين، چَوَندڙ چڱا نہ ٿيا؛
ويٺَنِهُون ويڌُ پَئي، هٿِ نہ اَچي ڪِين.

10

هُو چَوَنِئِي، تون مَ چؤ، واتان ورائي؛
اَڳُ اڳِرائِي جو ڪري، خطا سو کائي؛

پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪي.

11

ڪِنِين ڪِينَ پِرائيو، ڪِيني منجهان ڪِين؛
جي هوءِ سَٽاڻِي سِيگ، تہ زِهَ چِني جوکو ٿئي.

12

اَڻ چَوندَنِ مَ چؤ، چَوندَن چيو وسار؛
اَنئِي پهرَ اَدبَ سين، پَرِ اِهائي پارِ؛
پايو مُنهن مُونن ۾، غُربت ساڻ گذار؛
مُفتِي منجھ وهارِ، تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئين.

13

جِنِين سَندِيءَ "بوڏّ" ۾، پَتون پَتين "جِيُ"؛
تَنَ! تنين سين پِيُ، اوڏا اوڏي پَڳڙا.

14

ويني جِنِين وَٽِ، ڏُکندو ڏادِو ٿِئي؛
سا مَجِلس ئِي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هَزارَ جو.

15

وَيني جِنِين وَٽُ، ڏُکندو ڏُور ٿِئي؛
تَنَ! تِنِين سين ڪَٽِ، اوڏا اَڏي پَڳڙا.

## وائي

يار سڄڻ جي فراقَ، ڙِي جيڏيُون! آئُون مارِي!
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا، مُون جيها مُشتاقَ؛
جاٽي ڪاٽي محبوبن جي، آه حُسنَ جِي هاڪَ؛
سُرمو سَهِي ڪر اَکين جو، خاص پِريان جي خاڪِ؛
عَبُدُاللَّطِيفُ چئي، پرين اَسانجو هميشه آ حُسناڪُ.

# سُر ڪنڀات

## داستان پهريون

1

ڀَلا ڀِي آهِينِ، پِرِين ڀَلائِيءَ پانهنجي؛
سَڀاجها سِرِ چَڙهيو، ڏوراپو نہ ڏِينِ؛
مان ڏي مَديُون ٿِينِ، سَڄَڻَ سَڀاڻِ ۾.

2

تون چَندَ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسِين ٿو پِرِينءَ کي؛
آڏِتُ چيئج اُنِ کي، ڏِيانءِ جو روئِي؛
هيڪانڊِيءَ هوئِي، سانگُ مَ پَوي سَڄَڻين!

3

مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرِين، سانگِ مَ وڃن سيڻَ!
رهيا آهِينِ روحَ ۾، نِتُ جِنين جا نيڻَ؛
وِماسِيا جِن ويڻَ، ٿو تارِيءَ تَڳي تِنِ هِنئون.

4

رات سَهائِي، پُون سَنئِين، پائِي! گُهرجي پَلُ؛
آهُرَ ۾ ايلاچِيُون، چَندَن چَرِي چَلُ؛
مون توئِي سين ڳالهڙِي، ٻِئي ڪَنهِين مَ سَلُ؛
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايُون ڪَرَنِ ڪي.

5

چوڏهِينءَ چَندَ! تون اُپرين، سَهسين ڪَرِئين سينگارَ؛
پَلَڪَ پِريان جي نہ پُڙِين، جي جِيلَنِ ڪَرِئين هَزارَ؛
جهڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.

6

سهسين سِجَنِ اُڀري، چوراسِي چَنڊَنِ؛
بالله ري پِريَنِ، سَڀَ اُونداهِي پانئِيان.

7

چَنڊَ! تنهنجِي ذاتِ، پاڙيان نہ پِريُنِ سين؛
تُون اَچو ۾ راتِ، سَڄَڻُ نِتُ سوجِهرا.

8

چَنڊَ! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي نہ پانئِئين؛
ڪَڏهن اُڀرين سَنهڙو، ڪَڏهن اُڀرين ڳچُ؛
مُنهَن ۾ بَريئِي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشانِي پِرينءَ جِي.

9

ڪَڻِي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ؛
سُورجَ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ؛
تارا ڪَتِيُون تائِب ٿيا، ديکِيندي دِلبَرُ؛
جَهڪو ٿيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

10

تارا تيلِيءَ رُوءِ، لُڏا لالَنَ! اُڀرين؛
جَهڙِي تو صُبوح، تَهڙِي صافِي سَڄَڻين.

11

توڏانهن گهڻو نِهاريان، تارا! تيلاهِين؛
سَڄَڻُ جيڏاهِين، تون تيڏاهِين اُڀرين.

12

هُنَ تاري، هُنَ هَنڌِ، هُتِ منهنجا سُپِرين؛
سَڄَڻَ ماکيءَ مَنڌِ، ڪَؤڙا ٿين نہ ڪَڏهِين.

13

تارا، تِرَ، تِروڪِڻيئِن، مَٿِن ڦُلَڙيُون؛
ڪوءِ! سي راتَڙِيُون، جي مون پِرينءَ پُڄاڻا پيئِيُون.

## وائي

وَهلِي وَنءُ مَ وِهامِي! رَهُ رات! رائِيندِيس پرِينءَ کي.
شَمع ٽِينديَس شَب ۾، اِن خوشيءِ کان کامِي؛
بابُوئن سندِي باه جِئَن، بَران شال اُجهامِي!
پِرتِ جا پِيتَم جِي، سا ڪِينَ پروڙي عامِي؛
مونکي مون پِريُن جو، آهي دَردُ دَوامِي؛
آهيان يارُ سَيَّدَ جو، کانَ رهِي کا خامِي؛
هُوءَ جا لَنؤُ لَطِيفُ چئي، مونکي آهي مُدامِي؛
روشَنُ ٿِيان رُجُنِ ۾، جي هُئان لَنؤُ اِنهيءَ لامي؛
ڪارِي سا قِيامَ سَنئِين، هوتُ جنهنجو حامِي؛
آيَم تَنهِين لوڪَ سان، جيسِين مان چَوَن سامِي.

## داستان پيو

1

ناسِيندي نِگاهَ، پهرين ڪج پِرينِ ڏي؛
اَحوالَ عاجزن جا، آکِجِ لَڳِ اللهَ؛
روزُ نِهارِينِ راهَ، اَکيُون اَوهانجي آسِري.

2

چَڱا چَندَ! چَئيجِ، سَنِيها کي سَڄَڻين؛
مَٿان اَگهڻ اُيرِي، پِريُنِ جي پَئيجِ؛
جِهيڻو ڳالهائيجِ، پيرين وِجهي هَٿڙا.

3

اُپِرُ چَندَ! پَسُ پِرين، تو اوڏا، مُون ڏُورِ؛
سَڄَڻَ سُتا وِلَهه ۾، چوتا پَري ڪَپُورِ؛
پيرين آئُون نه پُڄِڻِي، بابُل ڏِئي نه بُورِ؛
جنهن تي چڙهِي اَسُورِ، سَنجهي سَڄَڻَ سِيئيان.

4

ڏِٽي! ڪَرِيندين ڪَڏهِين، حياتِيءَ هيڪانڊِ؟
مَنَ ۾ مُشتاقَنِ جي، ڪِي رنجائي راندِ؛
پِرِين ڏيساندَرَ پاندِ، ڳُجُهه ڳِرهِيان ڪن سين؟

5

هِنئَڙي سَجَڻَ سارِيا، ڪِٿي هُوندَمِ هيرَ؟
اَچِي لالَنَ! نہ ڏِئين، مَٿي پَلَنگن پيرَ؟
ٿِي وِرُونهڻ ويرَ، ڳُجُهه ڳَرهِيان ڪن سين؟

6

ڪَرَهو نہ ڪيڪانُ، پيرين آئُون نہ پُڄِٽِي؛
جو مون راتِ رَساٽِي، نيئِي ساجَنَ ساڻُ؛
مُون نہ وَهِيٽو پاڻُ، وينِي نيڻَ نِچوئِيان.

7

ڪَرَها! ڪَسَرَ چَڏِ، وِڪَ وَڏَندِي پاءِ؛
منهنجو هلڻ اُتَهِين، جِتي جانِبَ جاءِ؛
توڪي چَندَنُ چارِيان، ٻيو وَڳُ، لاٽِي ڪاءِ؛
اِئين اُٿَ! اُناءِ، جِيئن هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.

8

ڪَسَرَ چڏ ڪَنواٿَ! وِڪُون وِجُهه وَڏَندِيُون؛
سَنئِين سُپيرِيُنِ جِي، وِنگِي پانءِ مَ واٿَ؛
چَڏ جهورِي، ڏي جهاٿَ، تہ هوندِيءَ رات هُتِ مِڙُون.

9

آٽي ٻَڌُمِ وَڻَ جاءِ، مانَ مُڪريُون چَري؛
ڪُڏاٿُورو ڪَرَهو، لِڪيو لاٽِي ڪاءِ؛
اِنَ مَئي سندي، ماءِ! مُون ڪي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو.

10

مَيا! مَجُ مِنثَ، اَڄ منهنجي ڪَرَها!
جهاڳِيندي جَرَ پَٽـيُون، مَتان ڪَرِئين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، مُون کي نيئِي ميڙِئين.

11

ڳلِ ٻَانا ياقُوتَ جا، موتِيُنِ ڳُتيَس مالَ؛
ڪَڍِيفي ڄِي ڪَرَها! هيڊِي پايَنءِ حالَ؛
چَندَنُ چارِيَنءِ جالَ، جي مُون رات رَساٽِئين.

12

مَيا! تو مَهارَ، سڄِي پايان سونَ ڄِي؛
چارِيَنءِ چَندَنَ چوٽِيُون، نايو مينڍِيءَ ڏارَ؛
سَنڍِي پِيَ پَچارَ، جي مُون رات رَساٽِئين.

13

اُٺُ نہ وجي وَڳَ سين، چَري نہ چانگو؛
لَڳيسِ نائُڪَ نِينهَن ڄِي، نِهوڙِيو نانگو؛
چَڏِي سِرَ سانگو، رڙهي رَندِ پِرين جي.

14

وِهي مَنجهـهِين وَڳَ، ڪٿُورِيءَ ڏارَ چَري؛
ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَڌَرِ پَڳَ نہ لَڳَ؛
جَڳَ سين جهڙو جَڳَ، هِنئين سين هُتِ چَري.

15

اَڄ نہ اَڳِينءَ ڍِارَ، ڪَرَهو جيئن ڪالهہ هو؛
اَڱَڻَ آيو نہ ڪري، پاهوڙي پَچارَ؛
جيڪُسِ مَنجهہ قَطار، ڪا وَلِ چِنائين وِهُ جي.

16

مَيي ماڪائِي، وِڏو واٺُ وَليُن ڪي؛
خَبَر ٿِي ڪيڏَ ڏَٽيُنِ ڪي وِڏُوڙا واهِي؛
ڪَرَهي ڪاڪَتَ چِڙِي، وَريسِ نہ وائِي؛
چانگي چَرِيائِي، ويئِي ويچاري وِسرِي.

17

وَٿي سيٺَ سُوَٺَ، پاءِ پنهنجي ڪَرَهي؛
وَليُون واسَ وَرنيُون، پَهرِيُون مَٿي پَٺَ؛
چانگي چَٽِي چَٺَ، تہ پوءِ نہ رَهَندو پَيئِدَ ري.

18

ڪَرَهي ڪي ڪَئِين، وِڏَمَ پَئِدَ پَلَڻَ جا؛
ليڙو لاٽِيءَ ڪي چَري، نِيَرَ ساڻ نَئِين؛
چانگي سَندي چِتَ ۾، صاحبَ! وِجُهه سَئِين؛
اوباهيوس اَئِين! لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

19

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مَٿان اَڪَ نہ اُلَهي!
جنهن وَلِ گهٽا وِهاٽيا، اُنَ سين آرِ لَڳياسِ؛
چوڏارِي چَندنَ وَڻَ، پَچِي پُوجَ پِياسِ؛
رُئاري رَٺُ ڪَياسِ، هِنَ ڪُڏاٺُوري ڪَرَهي.

20

اُٺي اَڙائِينس، چِڙيو تہ چيڪَ ٿِيو؛
ڪارايان، ڪِڙِيو وجي، پَلاٽي پائِينسِ؛
ڏانوَڻِ تنهن ڏائِينسِ، جِئَن چَري ۽ چِنگهي پُٽو.

21

دُو دَستِي، دُو پيرَ، سِيني سَنگهرَ رُڪَ جِي؛
ماءِ! مُنهنجي ڪَرَهي، تازي ڦُلَنِ هيرَ؛
تنهن ڪامَڻَ ڪَندِي ڪيرَ؟ جو مُونهِين وَٿِ مَسَ رَهي!

22

كِنين كامَڻَ كَياءِ؟ كِيئَن پَنپولِئين؟ كَرَها!
اَكِيُن مَتي اَكيا، پِڙَ ۾ پيرَ گَناءِ!
وَڳَ ڪِ وِسرِياءِ؟ ٻَڌو جِئَن گهاٽي وَهِين.

23

كائي نہ كَنٿهارَ، چَندَنَ جا چُوپا كري؛
اَگَرَ اوڏو نہ وَجي، سِرڳندَ لَهي نہ سارَ؛
لاٽِيءَ جي لَغارَ، مَيو مَتارو كيو.

24

چانگا! چَندَنُ نہ چَرِين، مَيا! پِئَين نہ موڪَ؛
اَگَرَ اوڏو نہ وَڄِين، ٿُكيو چَڌِئين ٿوكَ؛
لاٽِي وِچان لوكَ، تو كَهڙي اَكرِ آئُڙِي؟

25

جِئان كوڙِ ٻہ كانئُون، پَنجين لَكين پاءُ؛
مَيو تنهن ماڳاءِ، ڏِيهاڻي ڏارَ چَري.

26

لَكِ لاكِيڻو كَرَهو، كوڙين ڏيئي كاهِ؛
ايلاچيون آهُرَ ۾، پُوڄَ مَيي كي پاءِ؛
كَٿ نہ كَندو كاءِ، جُ پَلاٽيو تہ پِرِينءَ مِڙي.

# وائي 1

سَڌين سيڻَ نہ هُونِ، نِينهُن نِياپي نہ ٿِئي؛
كارِيءَ رات رَتَ ڦڙا، جان جان نيڻَ نہ رُونِ؛
موٽَڻ جنِين ميهڻو، پِڙَ تي سيئِي پُونِ؛
جِن مُسافر سُپِرِين، سي مَرُ رويو رُونِ.

# وائي 2

توڙي تَڙِئين ٿُون، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇڏيان!
مون کي سو مُشاهِدو، جي مُنهن نہ ڏِئين مُون؛
مُون ٻيا درَ گهٽا نِهاريا، آهِئين ٿُون ئِي ٿُون.

# سُر سريراڳ

## داستان پهريون

1

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، ڇتان لاهِ مَ ڇَرُ؛
اُنِين جا اَمُرَ، ڳَڻُ تہ خالي نہ ٿئين.

2

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، ڇتَ ۾ رکِج ڇيتُ؛
سِڙهُ ڏُئاري صافُ ڪر، صابُڻَ ساڻ سُپيتُ؛
سامُونڊِي! سُڇيتُ، ٿِيُ تہ پهچِين پارَ ڪي.

3

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، ڇتان لاهِ مَ ڇورُ؛
ڪَڍِي ڇَڏِ ڦَلبَ مان، ماري ڪُوڙو ڪورُ؛
هُنَ پَرِ سَندو هورُ، مٿان تو معافُ ٿئي.

4

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرِين، ڇيتاريج ڇتُ؛
دائِما ڏُوربِيءَ ۾، پَسِين وِلاٽُن وِٽُ؛
نيهُ نيڪاري نِٽُ، مَلاحَ! ڳَڏُ مُعَلِمَ سين.

5

ڪايو ڪَمايومِ، موتِي مون نہ وَٽِجيا!
سِيهي جو سَيَّدُ چئي، وَڳَرُ وِهايومِ؛
هَهڙو حالُ سندومِ، توهَ ٿُنهنجي اُبَهان!

6

كَڇُ كَمايومِ كوڙُ، پَڳُمِ عَهدَ اَللهَ جا!
پِڃِرو جو پاپَنِ جو، سو چوڻِيءَ تائين چُورُ!
مَعلومُ اَٿيئِي مُورُ، ڳُوڙها! اِنهيءَ ڳالهه جو.

7

ڪُوڙُ ڪَمايُءِ ڪَڇُ، اُتي اورِ اَللهَ سين؛
ڪَڏُ ٿُون دَغا دِل مان، صاحِبَ وٽي سَچُ؛
مُحبتَ سندو مَنَ ۾، ماڻڪَ! بارجِ مَچُ؛
اِنَ پَرِ اُتِي اَڇُ، تہ سَودو ٿِئيئِي سَفَرو.

8

لُڙَ، لَهِريون، لَسَ، ليٿَ، جِتي اَنتُ نہ آبَ جو؛
الله! اُتِ مَ اولِئَين، بيڙا مَتي بيٿَ؛
جوکو ٿِئي مَ جَهازَ کي، ڦَرهي اَچي مَ ڦيٿَ؛
لڳِي ڪا مَ لَپيٿَ، هِنَ غارِيبي غُرابَ کي!

9

سِڙهَ سَنوان، لاڄُو نَوان، مُهاڻا سندن مِيرَ؛
ساتِي سَفَرِ هَليا، ٿِيا سَڻاوا سِيرَ؛
جي اَچَنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي بيڙا رَکِين باجَهه سين.

10

منجهان پيئي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاڻِيءَ بُوند؛
سيئِي ڏِنمر رُوند، وَڪَرُ جِن وِڃائِيو.

## وائي

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمَ جا.
حَمد چئج حڪيم کي، جورِ هڻِي جانا؛
تو ڏيڪاري تو ڏٺِي، باطِنَ جا بانا؛
مَتان، مردَ! وسارئين، صاحبَ جو ثَنا؛

دوستُ رکِي دل ۾، پَڙهَ لالَنُ لِسانا؛
جَفا ڏيئِي جِيَ کي، ٿِيُ فِکرَ منجهه فَنا؛
تُسِي تو سين توهُ کري، مَنَ آگو اَحِسانا؛
کَڏُ ٿُون دَغا دِل مان، ٻانُهپَ سين، ٻانا!
صاحبَ وٽي سَچَ سين، ٿِيُ دانهُ، دِيوانا!
جي تَسلِيمَ سين تَحقِيقُ هئا، سي کِئن اَمانا؟
جاڳيا جي جَبارَ لَءِ، سيئِي سَمانا؛
فَاذْكُرُونِيِ، اَذْكُرْكُمْ، کَهِيو قُرآنا؛
وَاشْكُرُوَالِيِ وَلَا تَكْفُرُوْنِ، کَڏُ تون کُفرانا؛
سَڀِ سَنوريا سُپِرينءَ، کُوَلَ تو کَنا؛
چَڱِي چِئج چاهَ سين، مَدحَ اِيَ مَنا؛
تائِبَ ٿيو تَکڙا، جوشا، جُوانا!
نہ لَهِين ٿُون لَطِيفُ کان، اَمَنُ اِيمانا.

## داستان ٻيو

1

جيکِي منجِهه جَهانَ، سو تارِيءَ تَڳِي تُنهِنجي؛
لُطفَ جِي، لَطِيفُ چَئي، تو وٽ کَمِي کانَ؛
عَدُلَ جُٺان آئُون نہ، کو ڦيرو کَج فَضُلَ جو!

2

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد کيو؛
اُنِ جِيَ، عَبْدُاللَطِيفُ چئي، مِٺِيءَ لڌو مانُ؛
کوڙين کَن سَلامُ، آڳهِ اَچيو اُنِ جي.

3

سيوا کَر سمندَ جِي، جِت جَرُ وهي ٿو جالَ؛
سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻِکَ، موتِي، لالَ؛
جي ماسو جُڙيئِي مالَ، تہ پُوڄارا! پُر ٿِئين.

4

سي پُوڄارا پُرِ ٿِيا، سمنڊ سيويو جِنِ؛
آندائُون عَمِيقَ مان، جُوتِي جُواهرنِ؛
لَڏائُون لَطِيفُ چئي، لائُون مان لَهرنِ؛
كانهي قِيمتَ تِنِ، مُلهه مَهانگو اُنِ جو.

5

سيوِيو جن سُبحانُ، وِيرِ نہ وِڙهي تن سين؛
توبَهَ جي تاثِيرَ سين، تَرِي ويا طوفانُ؛
ڏيئِي تَوَڪّلَ تَڪِيو، آرُ لَنگِهيا آسانُ؛
كامِلُ ڪِشتِيبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيُن واهَرُو.

6

سارِي رات سُجانَ، سَودو ڪَن صاحبَ سين؛
بانهپَ پَري بيڙِيُون، هليا جوبَ جُوانَ؛
پاڙِي پَهلوانَ، لَحظي مَنجِهه لَنگِهي ويا.

7

اِيَ گَتِ غَوّاصَنِ، جِئَن سَمنڊُ سوجِهيائُون؛
پيهِي مَنجِهه پاتارَ جي، ماڙِڪَ ميڙيائُون؛
آڻي ڏنائُون، هيرو لال هَٿنِ سين.

8

آڇاڙا عَمِيقَ جا، گَڏيا غَوّاصَنِ؛
جَهرِيُون جهاڳِي آئِيا، كارُونيارَ كُنَنِ؛
سمنڊُ سوجهي جَنِ، آڻي اَمُلَ اولِيا.

9

ويا جي عَمِيقَ ڏي، مُنهن كائو ڏيئِي؛
تِن سِپُون سوجهي ڪَڍِيُون، پاتاران پيهِي؛
پَسَندا سيئِي، اَمُلَ اَكَڙِيُن سين.

10

آڏو چِڪَڻُ چاڙُ، مُنهنجِي موجَ نہ سهي مَڪُڙِي؛
ميڙي مَنايِنِ جو، بيحَدِ چاڙهيمَ بارُ؛
چَوَڻُ چارو ناهِ ڪو، بَديُون بي شُمارُ؛
ڪِپرُ ڪارُونيارُ، اُڪارِئين اِحسانَ سين.

11

ويرَ مَ لاهي ويهُ، متي آرَ اوڙاهَ جي؛
پَسِي پاڙي واريُون، ڪج اَنديشو ايهُ؛
ويندو نہ پَسِين ڏيهُ، پَتَڻِ هُن پارِ مَٽي؟

12

هِڪِي بانهي چِتَ ۾، بِي سِٽِي صاحِبُ؛
ڪَڏِي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آڳي جو عَجَبُ؛
اِيُ سائينءَ جو سَبَبُ، جِئَن بُڏا اُڪاري بارِ مان.

13

هِڪِي بانهي چِتَ ۾، بِي جا ڪري اَللهُ؛
پاٽُهِين وجهي ڪُنَ ۾، پاٽُهِين اُڪاري اوڙاهُ؛
تنهن واحدَ ڪي واهُ، جو سُتَڙِ سيپئي ڪري.

## وائي

ڪَنڌِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ! اَمانَ!
يا اِلاهِي! باجَھ بِلاتِي پانئِيان.
ڳَٽَڻَ ڳاٽيتو ناه ڪو، اَپَرِ تيا عِصيانَ؛
خَبرَ ناه قَبرَ جِي، نِسورا نِسيانَ؛
والِي! رَسج وَهِلو، اَرَڪِ تيا اَنسانَ؛
سُڻُ سَباجها سُپرِين، نَعرو نِگهبانَ!
مَدِيُون پَسِي منهنجون، شَرِمايا شَيطانَ!
هِنَ منهنجي حالَ تي، هَيءِ هَيءِ ڪَن حَيوانَ!

سائِين! سُڪاڻِي آهِئَين، سامُونڊِي، سُبحانَ!
ٺُرَهو چِنُم تارِ ۾، رَسِج تون رَحمانَ!
ٻيلِي جو ٻُڏَنِ جو، مون تي موٽي مانَ؛
وينو ٻني پِنَّٽو، ڪَر پيرو مٽي پانَ؛
خالِقَ تان خوبُ ڪيا، گولَنِ جا گُذِرانَ؛
آئُون پڻ اَنڌو اُنِ ۾، وينو پِنان پانَ؛
سَڀِ سُوالِي سَمِگيا، داتا ڏيئِي دانَ؛
وِلها سڀِ وَنهِيا ڪيا، تنهنجي جُودَ جُوانَ؛
مَتان مُونکي ڇَڏِئين، ٻيلِي سندا ٻانَ!
وِيرَ! وَسِيلو آهِئين، داڙوُ ۾ دِيوانَ؛
لاءِ ڏُهارِينِ ڏِينهَن ڪي، خِيمو اَڏِيو خانَ؛
اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئي، سُٽِج ڪا سُلطانَ!

## داستان ٽيون

1
ڳُوها ڪالهه ڪٽِي، اُنِ وِڏا اُتَرَ آسَري؛
اَلا جُهري مَ اُنِ جي، اولي جي اَٽِي؛
وَٽجارَنِ وَٽِي، وَڳرُ وِڏو ٻيڙِيين.
2
وَڳرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿِئي؛
ويچِيندي وِلاتَ ۾، ڏِرو ٿِئي نہ ضاءِ؛
سا ڪا هَٽَ هَلاءِ، آڳِهِ جَنهنجي اُبهِين.
3
اورِيائين آڙِينِ، ميڙيو مُعَلِمَ خَبرُون؛
سا تان سُڌِ نہ ڏِينِ، جتي وَهُ ويڏ ڪري.

4

ٻيڙِي پُراڻِي، وَکُرَ پاءِ مَ وِتَرو؛
تَري ۾ تُنَ پيا، پاسَنِئُون پاڻِي؛
هِيءِ هَڏِ وِهاڻِي، کَڙهُ ڪالهوڻي ڏِينهَن کي.

5

تَري تُنَ پِياسِ، پاسَنِئُون پاڻِي وَهي؛
کُوهو جُهرُ جهنو ٿيو، لاڄُو سَپ لَڙياسِ؛
جيلان سَڌَرُ سڪاڻياسِ، وَهي تي وَهَ سامهون.

6

وينو ٿُنَ ٿُنِينسِ، مَکِ ڏيهاڻِي مَڪُڙِي؛
سَنباهي، سَيّدُ چئي، مٿي نيندوُءِ نِينسِ؛
وَٿائي وَڏاندَرا، لاڄُو لَڳائِينسِ؛
آخرِ اُهِرائِينسِ، تہ جوکو ٿِئي نہ جهازَ کي.

7

اَڇِي سو ڏنوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين؛
سُتي لوڪ لَطِيفُ چئي، يادِ نہ ذرو ڪيوءِ؛
غافِلُ ٿِي غُرابَ کي، اوڙاهَ تي آندوءِ؛
سو چِتَرُ چُوهي ڪان رَکِين! جو پِيو پُراڻو پوءِ؛
جهازُ ضَعيفَنِ جو، پاڻِيءَ ۾ پَرِتوءِ!
سَيّدُ! ساٿُ سندوءِ، پُرِ بَندَرِ پَهچائِين!

8

جُتو وانءُ جَهازَ! گَڏيو غُرابَنِ سين؛
پُورِيندي هُنَ پارَ ڏي، سَڌَرَ ڪَڄِ سازَ؛
اَچِنِ ٿا آوازَ، سَٽاڻي سَمُندَ جا.

9

دَنگِي وِچ درياهَ، ڪِي ٻُڏي ڪِي اُپِڙي؛
هُو جي وادِي واڻيا، سي سُونهَڻَ سپ سَڙيا؛
مُعَلِمَ ماڳِ نہ اَڳِئين، فِرَنگِي مَنجه ڦِرِيا؛

مَلاحَ! تُنهنجِي مَڪُڙِيءَ، اچِي چورَ چڙهيا؛
جِتي ڍِينگ ڍَرِيا، تِتي تارِي تُنهنجِي!

10

بيڙِياتا! بيئِي، تو نہ ڦَبَنديُون ڳالَهڙِيُون؛
سَچِيُون راتِيُون سُمهِين، پَرُ سُڪاڻ ڏيئِي؛
صُباحَ سَييئِي، پارِ پُڇَندءِ خَبرُون.

11

وَهَ تِڪَ وَهَڪَرا، جِت لَنگر نہ نُهرَنِ؛
وڏاندَريُون وَهَ سامُهِيُون، جَهجهي زورِ جُنبَنِ؛
نيڍِوُءَ ۾ ناتارِيُون، وَڻِجارا وِجَهنِ؛
مُلان مُعَلِمَنِ، مُون ڳِري سُئِي ڳالهڙِي.

12

وَڻِجارا! وينِي، تو نہ سَرَندِي شاهَ ري؛
مَڪِ پَنهنجِي مَڪُڙِي، چَڱِي ڪَر چينِي؛
پاسا پاڳڙِينِ جا، سَمُندُ تو سيڪي؛
جي لُندا ۾ ليڪي، وِيرِ وڙهندِي تِن سين.

13

ناڪُئو نِگَهَبانُ، مُعَلِمَ مُنجي خَبرُون؛
جِن ساري ڪنيو سَمندَ تي، سَفَرَ جو سامانُ؛
لُطفَ ساڻ لَطِيفُ چَئي، تِن لَنگهيو طُوفانُ؛
سَنياري سُبحانُ، وجِي عادَنِئُون اُڪَتا.

14

بَندَرِ جان پَئِي، تہ سُڪاڻِيا مَ سُمهو؛
ڪَپَرُ تو ڪُنَ ڪري، جِئَن ماڻي منجهه مَهِي؛
ايڏو سُورُ سَهِي، ننڊ نہ ڪجي، ناڪُئا!

15

سُتا سَبِ پَئِي، سَندي مُعَلِمَ آسري؛
اَئِين پڻ سُمهو، ناڪُئا! بَندَرِ ناهہ پَئِي؛

جن جِي سَيدَ لَجَ کَنئِي، سي سڀ لَنگھيندا لَڪيُون.

## وائي

ساٿِينِ سَنڌا بارَ، وو! تن پانڌِينِ سَنڌا بارَ؛
توکي آرِسُ اَگَڙِيُنِ ۾!
پاتا پاڙيوارِيين، پَڳَهَ منجِھ پاتارَ؛
پَتڻُ تو پُورَ ڪري، آئِي تُنهنجڙي وارَ؛
سَڄِيُون راتيُون سُمهِين، ڪِيو منجھ خُمارَ؛
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، هَلڻَ جِي هاڪارَ؟
تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا، سَچِي اِيَ سَنيارَ؛
نِندَ نہ ڪجي ايترِي، سُڄِ اَدا يارَ!
سائينءَ مُڪين سَچَ کي، تون ڪُوڙو منجھ قطارَ؛
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ؟
ڳِھڙان ٿِي رِءَ گھڙي، اِلاهِي تُهارَ!
هو جو شَڪُ شارِڪَ جو، تِئان رَکُ سَتارَ!
ڪُلُّ نَفۡسٌ ذَائِقَةُ الۡمَوۡتِ، پَڙهو اِيَ پَچارَ؛
شِڪارُ تون شَهبازَ جو، تون تان مَنجِھ شِڪارَ!
يَوۡمَ يَفِرُّ الۡمَرۡءُ مِنۡ اَخِيۡهِ، جِت پَجَندا يارَ؛
تُرَهو چِنو تارِ ۾، اَچِجِ تُون اوسارَ!
لَکَ مِڙيئِي لُٽِيا، هُنئِهين ويا هَزارَ؛
ڏِنئہ جي اَللّٰهَ کي، هُوندَ تِئين پَرِيين پارَ؛
جوٺَنِ مَٿان جُتِڪي، دُنِي تُنهنجي دارَ؛
جِيفو آهِ حَديثَ ۾، اَنڌِيءَ اِي آچارَ؛
وَٿِيءَ کين وِلَهِنِ سين، ڪَنبِي پَرِ قَهارَ؛
سا ڪِئَن هَلي تو سين، جا پَڳِي ڪان پَتارَ؟
جِيَڻُ جالَ نہ نِبَهي، سُڄِ اِيَ سَنيارَ؛
جِمَ وِسارِئين ويسِرا! پِتِيُن جِي پُلڪارَ.

# داستان چوٿون

1

سَيِيئِي سُبحانَ جي، ڪَرِ حوالي ڪَمَ؛
ٿِيُ تَحقِيقُ تَسلِيمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ؛
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصَل ڪري حاجَ تو.

2

چَڱا ڪَنِ چَڱايُون، مَنايُون مَنَّنِ؛
جو وَڙُ جُڙي جِن سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَنِ.

3

مَيَنِ مَتي سَمَرا، کُهِيَنِ سَڌَ ڪَرِينِ؛
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، اِيَ پَرِ سَندِي سَڄَڻين.

4

وِٿُ وِيمي جو جي لَهِين، تہ بِي ڪارِ نہ ڪَرِئين ڪا؛
سا پَرُوڙِج ڳالهڙِي، وَڻجارَنِ وٿان؛
موتِي مِن هَٿان، آندَءِ گهٽي اَدَبَ سين.

5

اَمُلَ آچِ مَ اُنِ ڪي، جي نہ پَرُوڙِينِ مَٿِ؛
جِتِ گَڏِجيئِي جوهَرِي، ماڻِڪُ تِتَهِين مَٿِ؛
جنِين سونَ سين سَٿِ، تِن هَٽِي رِيُّ رَدِ ڪيو.

6

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڏو لاهِ مَ لَڏِ؛
سودو سوئِي چَڏِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي.

7

جُ صَرافَنِ لَڏِيو، تہ ٿُون پڻ لَڏِج، سونَ!
قَدُرُ لَهَندُءِ ڪونَ، نيئِي گَڏِيندَءِ گڏُونءَ سين.

8

اَڳِهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٽِي!
پَلَيءِ پايو سَچُ، آڇِيندي لَڄَ مَران!

9

ويا سي وِينجهارَ! هِيرو لال وِنڌِينِ جي؛
تِنِين سَندا پويان، سِيهي لَهَنِ نہ سارَ؛
ڪُٽِينِ ڪُٽِ لُهارَ، هاٽِي اُنِين پيٽِيين.

10

وڃن مَ وِينجهارَ! پاٽِيَٺَ جي پَرَکَٽا؛
ڪَٽَيَرُ پايو اَکِئين، لَهَنِ سَيَڪَنهِن سارَ؛
موتِيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجِهہ ڪِنارَ؛
صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو ٽِئي!

11

ماڻِڪُ، مُنڌَ هَٿان، پيتِيءَ ۾ پُرزا ٿيو!
سَڄو تان، سَيّدُ چَئي، لَهي لَکُ سَوا؛
پَڳِي پُڄاڻا، پَدَمان پَري ٿيو.

12

ڄِتي ماڻِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو؛
سَنئون تِن سُياڳُ، اَمُلُ جن اوباهِيو.

13

چورُ اُيو اِئن چوءِ، تہ آئُون اُهوئِي آهيان؛
جي اَسِي اَکِيُنِ هوءِ، نہ لِڪي ڪي ڪونہ لَهي.

## وائي

جاڳو، يارا! جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنِجي؛
جاڳو جوشان، جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنِجي.

هَلَندي حَبِيبَن ڏي، ويلو وِچ نہ ڪجي؛
مَتان اُهِسَ اُسِرِي، پَتنگَ جِئَن پَئِجي؛
عَرضُ اَحوالُ اُنِ کي، چَگِّيءَ پَتِ چَئجي؛
ڪري نِيازُ نِڪَٽو، واحِدَ ڏي وَرجي؛
آهي مَوتُ مِڙَن تي، گوڙِيُون ڪيو گَجي؛
اَجَلُ ايندُءِ اوچتو، جو سَدا تو سڄي؛
اَڳِيان اُونداهيءَ جو، سَمَرُ ساڻُ ڪجي؛
ڪَڻُ تون ڦُوتُ قَبَرَ جو، گهٽو تو گُهرجي؛
آگو عيبَ اوهانجا، ڍَڪيا ڳُجَهه ٻُجهي؛
جيڪِي وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمجهي؛
ڏِڄِي داءِ ڏَٽِيءَ جي، جيڪو پَيءِ پَڄي؛
اَمَنُ آهي اُن کي، جو مَنجهه اَللهُ اَجهي.

## داستان پنجون

1

لَهرِيُن ليڪو ناهِ ڪو، جِتِ ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا؛
آجاڙا عَمِيقَ جا، اَچَنِ اويارا؛
اُتِي اَسارا! وِيرِ وِڙَهنديءِ ويسِرا!

2

ڪالهه وِڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جَهازَ؛
تُنهنجِي اَڄُ تَرازَ، آهي آرَ اَڪِيُنِ ۾.

3

مُلاحِظو مَهراڻَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءُ؛
سامُوندِي! سَنيالِ ڪِي! سُمَهڻَ آيُءِ ساءُ؛
جاڳِي جَرَ مَتاءُ، تاري وانءُ تَرازَ کي.

4

تاري وانءُ تَرازَ کي، مَنجهان مَوجَ، مَلاحَ!
دانهُون ڪَنِ درياهَ جون، اُونهي جا آگاهَ؛

سُونهَنِ جي صَلاحَ، وَٺُ تہ وِيرِ لَنگھي وَڃِين.

5

سُونهان سَڌِيون ڏِينِ، هِنَ ديواني درياہَ جون؛
کُوڙَ اوڏائِي ڪِينَ ڪِي، رُڳو سَچُ سودِينِ؛
عِجِزَ جي اَڌَ راتِ ڪي، وَڪرُ وِهائِين؛
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ مان.

6

ڦَرڦُلَ ڦوٽا، پارچا، پاٽِيَٽَ پاتائُون؛
ڪونِيُون ڦِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ ۾ تاڪِيائُون؛
لاڄُنِ مَنجھہ، لَطِيفُ چئي، ٻيڙا ٻَڌائُون؛
نَذرُ نَبِيءَ ڄامَ جو، چَڙَهندي چَيائُون؛
جي ڇُوهي ڇوڙيائُون، سي ٻيڙِيُون رَکِين ٻاجَھہ سين!

7

وِچِينءَ جان ويهِي، جَرَ پَلؤ پائِيان؛
”تَرِ ٻيڙا! گھرِ سُپرِين!“ اُوسَهِ اِيَ پيئِي؛
ڄِئَن وَڻِجارو سين وَڳرين، سَرَها سَپيئِي؛
حُرمَتَ ساڻُ حَبِيبَ جي، سُونڳِيا نہ سيئِي؛
پاڻَهِين اُوءِ پيهِي، ڳَندَ ڪيڙائُو آئِيا.

# داستان ڇهون

1

تانگھي ۾ تاڻي، ٻَڌُ پَنهنجو تُرَهو؛
اُونهي ۾ آڻي، ڪو نہ ڏِيندُءِ ڪو ٻيو!

2

ڏوري لَهُ ڏاتارُ، ڄِمَ وِهِين ويسِرو!
هَڪِيو هوئِجِ هوشيارُ، ڪِنوڙِ ڪِنونڌَيءِ اوچتي.

3

كِنوڻِ كِنوايو، آيَءِ نِندَ اَياڳَ كي!
جِنِين نہ پِؤَ پانيو، كَري ٿَوائِي تِن كي.

4

سامُوندِي! تو سَنبَهِين، ساڃو جَهلِ سُكاڻُ؛
لَڳِي واءُ وَڏاندَرو، مُنجهائِي مَهراڻُ؛
جِنِين پانيو پاڻُ، كَري ٿَوائِي تِنِ كي.

5

نَكو سُک نَكَٿين، نہ ويساندِ نَئين؛
جيكا اَچيئِي سامُهِين، پانئَين سا سَنئين!
مُوڙِي كوہ مَئين؟ جِئَن سَڃيُون راتِيُون سمهين!

6

اَهُكِي راهَ اَللهَ جِي، اَهُكِي، اَهُكِيءَ پَتِ؛
هُوءِ جي ڏيهائِي ڏيهَ جا، تن پڻ مُوڙهي مَتِ؛
آچاڙانِ اُبَتِ، كِهڙِج گهاٽي نِينهَن سين.

7

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهٽو لَهُ گهوري؛
اَدَبَ ۽ اِخلاص جا، سِڙهَ بَڌج سوري؛
وَكرَ وينَتِيُن جو، تنهن ۾ پائج توري؛
تہ عادَنِئُون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ ٿِئي.

8

سمندُ جي سيوِين، تِنِين ماٽكَ ميڙيا؛
چِلرَ جي چوئِين، تِن سانكوٽا ۽ سُتيون.

# سُر ساموندي

## داستان پهريون

1

پَڱَهَ پاسي گهارِ، آيَلِ! سامُوندِيُن جيءَ؛
وِجهي جِيُ جَنجارِ، جِمَ وَجَنِئِي اوهِرِي.

2

پَڱَهَ پاسي پَچُ، آيَلِ! سامُوندِيُن جيءَ؛
مَنَ ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَجَنِئِي اوهِرِي.

3

پَڱَهَ پاسي ويهُ، آيَلِ! سامُوندِيُن جيءَ؛
تون ويسِرِي وِکَ کَٽِين، هو پُورِيندا پَرَڏيهُ؛
سَمُنڊُ جِن ساٽيهُ، کوهُ نہ ويئِينءَ تِن سين؟

4

نَنگَرَئُون نيٽين، مَنُ اولِيءَ نہ اوهِرِي؛
سَٻاجهين سيٽين، پائي ڳُڻَ ڳِهيو هِنئون.

5

سيئِي جويَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَڄَڻَ سَفَرِ هَليا!
رُئان رَهنِ نہ سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪِيئَن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِرِي!

6

نہ سي تڙِ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جُون!
سَرتيُون سامُوندين جا، اَڄُ پِڻُ چِڪِيَمِ چاڪَ؛
مارِينمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پِريُنِ جا.

7

وِيا اوهِرِي اوءِ، مُونکي ڇڏي ماڳِهين؛
جُڳِنِ جا جُڳَ ٿيا، تِئان نہ موٽيو ڪوءِ!
ڳُونڌَرُ مارِيندوءِ، ويچارِي! وِيَنِ جو.

8

اُونهي ۾ اوهِرِي، جڏهن ويا جي؛
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ! سامُونڊِي سي؛
ڪارو تِنِين کي، جيڪُسِ وَهُ ورِي ويو!

9

اُهِريا جِئائِين، ڏُکَنِ تِن تَڙائيين!
سامُونڊينِ، سائِين! واءُ سَٽائو وارِئين!

10

سامُونڊِيَڪو سَگُ، آهي ڳُونڌَرَ ڳاڻُئون؛
انگنِ چاڙهي اَنگُ، ويو وَڻِجارو اوهِرِي!

11

وجيئِي وِسرِي شال! جو تو سودو سِکِيو؛
اَجا آئين ڪالَ، پڻ تو سَفَرِ سَنبهِين!

12

ڳِرِيو جَهليو روءِ، مَٽي مُهُري هَٽڙا؛
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا! سِکِيو.

13

اُلوڙَڻ نہ ڏِئي، وَرُ وِڌائين وَنجَهہ کي؛
رَهُ اَجوڪِي راتڙِي، لالَنَ! مُون لائي؛
وَڃُ مَ قوڙائي، ايڏي سَفَرِ، سُپِرين!

14

جيڪُسِ نِبَرُ نِينهُن سَندومِ؛ جئن مون بِينِي هُن ٽيلِيو؛
سعيو سامُونڊِيُن سين، اکِهين تان نہ کَيومِ؛
وِجَهڻُ مَنجِهہ هُئومِ، پاڻُ وراکي رَسِ سين.

15

بيڙِيءَ جي پُٽَنِ، نِينهُن نہ ڪَجي تِن سين؛
اُپِيُون ڏُنيَ ڏِسَنِ، جُہ سِڙهُ ڏيئِي سِيرَ ٿيا.

16

هِنئَڙو بيڙِيءَ جان، ڏُتَڙِ پئي ڏينهن ٿيا!
پُڇيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهُو ٿِي ڪڏهين.

17

سَرَ نِسرِيا پاندَ، اُتَرَ لڳا، آءُ پِرِين!
مُون تو ڪارَڻَ، ڪانڌَ! سَهِسين سُڪائُون ڪَيون.

18

جيڪر اَچِي هاڻِ، تہ ڪريان رُوحَ رُچَندِيُون؛
آيَلِ! ڍولِئي ساڻُ، هوندَ ڳِرِ لِڳِي ڳالهيون ڪَريان.

19

آيَلِ! ڍولِئي ساڻُ، اَچِي تہ جهيڙِيان؛
لايَءِ ڏِينهن گهڻا، مون سين ڪَيَءِ ٿورڙا.

20

لاهِيندا ئي ڪَنِ، ڳالهيُون هَلَڻَ سَندِيُون؛
ڏِيندا مُون ڏُڪَنِ، وَهَ وِڇهندا جِندڙو!

21

مونکي جِياريو، پِرِيُنِ جي ڳالهہ ڪري؛
ڏِنو اَڄُ اَڏِيو، هِنئڙو ڪوٺَ بُرجَ جئن.

22

چِمڪيون چَوڏارَ، ڏَڄُون ڏاڙيچنِ جُون؛
ماءِ! سامُونڊِي آئيا، سَهسين ڪَري سِينگارَ؛
اُنِين جي پَچارَ، ڪالهونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.

## وائي

آيَلِ! ڪَريان ڪِيئن؟ منهنجو نِينهُن اَپليو نہ رهي.
ويو وَڻِجارو اوهِرِي، مونکي چاڙهي چِيئَن؛
سامُوندين جي سَڱَ کي، رُئان راتو ڏِينهن؛
اُڏوهِيءَ جئَن ڏُڪڙا، چَڙهيا چوتِيءَ سِيئَن؛
گُوندَرَ مٿان جِندڙِي، وَريا وَليُن جِيئَن؛
مادَر! پائي مُندِيُون، وجان هادِيءَ سِيئَن.

## داستان ٻيو

1

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَڻِجارا وَجهَ جُون؛
هَلڻَ هارا سُپِرين، رُئان تان نہ رَهَنِ؛
آئُون جَهلِيندِي ڪيترو؟ آيَلِ! سامُوندين؛
پَڳهَ چوڙي جَنِ، وِڌا ٻيڙا ٻارِ ۾.

2

لاهِيان جي نہ چِتان، اَلا! اُنِ مَر وِسران!
مَڙِهيو مَنجهاران، جِيُ مُنهنجو جن سين.

3

تَڙين تَنوارِينِ، ماءِ! سامُوندِي آئِيا؛
مونکي جِيارِينِ، وايُون وَڻِجارَنِ جون.

4

لَڳِي اُتَرَ اوهِريا، واهُوندي وَرَنِ؛
آئُون گهڻو ئِي گهورِيان، سؤدو سامُوندِيَن؛
اَڱڻِ جن اَچَنِ، عِيدَ وَرتِي اُنِ کي.

5

اَڱڻِ آئِيا جان، تہ سَرَتِيُون مون سُکَ ٿيا؛
اَمُلَ پِرِينءَ مٿان، ٻَرڪِيو ٻين ڏيان.

6

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جَن تَڙنِ تي؛
سِڙهَ سِبِي ساڄا ڪري، ڪُوها ڱنيائُون؛
بيرَڦُون بحرنِ ۾، ڇوڙي ڇَڏيائُون؛
لَهريُون لَنگهيائُون، لُطف سان لَطِيفُ چَئي.

7

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جِن تَڙنِ تي؛
مُلان مُعلِمَ خبرون، پُڇِي پُوريائُون؛
سُتَرُ سونِيائُون، اَوَتِرِ ڪنهن نہ اوِليا.

8

بَندَرَ ديسان ديسِ، مُلهہ نہ مِلي وارِئين؛
فَقِيراڻي ويسِ، اَمُلَ ڏِيَن اَتوريا.

9

اُپِيُون تَڙَ پُوڄِينِ، وَهُون وَڻجارنِ جون؛
آڻيو اَڪا ڏِينِ، ڪَٿُورِي، سمُوندِ ڪي.

10

جَرَ ٿَڙَ ڏِيا ڏي، وَڻَ ٽِڻَ بَڏي وانئُٽِيُون؛
اَلا! ڪانڌُ اچي، آسائِتِي آهيان!

11

جا جَرَ جاڻُون نہ ڏِئي، ڏِيا نہ موهي؛
سَڌُون ڪوهُ ڪَري، سا پنهنجي ڪانڌَ جون؟

## داستان ٽيون

1

پُران، مانَ پُڄان؛ بَندَرَ مون ڏُورِ ڏِيا؛
نہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آئُون چَئِي چَڙهان؛

اِيهين ڪَجِ، پاتِڻِي! جنهن پَرِ پِرينءَ مڙان؛
ڪارُون تي ڪَريان، تو دَرِ اُپِي، ناڳُئا!

2

هَڙَ ۾ ڪِينَ هُئونِ، هُنئِين هُنِ نہ چاڙهيا؛
سارو ڏِينهُن سمندَ تي، لهِي سِجُ وِيونِ؛
جڏهين سائينءَ سَببُ ڪَيونِ، تڏهن سُتَڙِ ٿيا سَيَّدُ چئي.

3

اسان اُڏارا، آڻي آوَنگَ چاڙِهيا؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيا، سَمُهان سِيارا؛
اُپِرَنِ سيِڪارا، پَسو وَرَ ٻين جا.

4

مون اُپِي تَڙَ هيٺِ، پِريُنِ پَڳَهَ ڇوڙِيا؛
ڪا مُونهِين ۾ ڏيٺِ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهٽو.

5

مون اُپِي تَڙ پاسِ، پِريُنِ پَڳَهَ ڇوڙِيا؛
هو اَللهُ هارَ اُهِرِيا، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪَندياس؛
آهَ نہ لاهِينداس، موٽِي ايندا مان ڳَري.

6

ڪاري ڪيڙائُو، مَٽي مِني موٽيا؛
سَودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائُو؛
موٽِي جي مَهراڻَ جا، ٽِن جا طاماعُو؛
سامُونڊِي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.

7

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لَيءِ لَنڪا جي اوهِرِيا؛
سُٽِي سونُ لَنڪا جو، سُڪُ نہ سامُونڊيُنِ؛
پِرِهَ پَڳَهَ ڇوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ؛
وَڏي ياڳَ پٽِنِ، جي ڪَهيا ڪارُونيار ڏي.

8

وَٽجارنِ ورِي، پِرِهَ پَڳهَ چوڙِيا؛
اولِيُون پَسِي اُنِ جون، پِيَڙَمِ ڳَچَ ڳِرِي؛
ويندِيسِ، ماءِ! مَرِي، ساري سامُوندِيُنِ کي.

9

وَٽجاري جِي ماءِ، وَٽجارو نہ پَلِئين؟
آيو ٻارهين ماهِ، پڻ ٿو سَفَرِ سَنبهَي!

10

وَٽجاري ڪانڌاءِ، مُون وَرُ ويٺي گهارِيو!
لَڳِي اُتَرَ واءُ، ڍولِيو هَلڻَ جون ڪري.

11

جي تون وَٽجارو ڪانڌُ، تہ مُون هَڏِ مَ لائون لَڏيُون!
پَرَ ڏيهَ مٿي سانگُ، اَنئِي پَهرَ جنهن ڪيو.

12

ڏِٺِي ڏِياري، سامُونڊِيُنِ سِڙهَ سَنباهِيا؛
وِڄهيو وَرُ ونجَهہ کي، روئي وَٽجارِي؛
مارِيندَءِ مارِي! پِرِهَ سُورَ پِريُنِ جا.

# سُر سهڻي

## داستان پهريون

1

وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، جِت نِينهُن، تِکَ نرالِي؛
جِن کي عِشقُ عَمِيَقَ جو، خِلوَتَ خِيالِي؛
وارِئين سا، والِي! هِنَئڙو جِن هَٿِ کيو.

2

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَجا وَهُ اَڳِي ٿيو؛
گهرِ وينيون گهڻا کريو، سَرَتِيُون سَڱَ سَنوان؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِنِي آن؛
هُوندَ نہ پَليو مان، ڪِهڙو سپ گهڙا ڪڻِي.

3

کَنڌِي اُپِيُون کيترِيُون، ”ساهَڙُ ساهَڙُ“ کَنِ؛
کنِين سانگو ساهَ جو، کي ”گهورِيسَ“ کيو ڪِهڙَنِ؛
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي ڪِهڙنِ جي.

4

وَڻَنِ وينا کانگَ، وِڇين ٿِي ويلا کري؛
ڪِهڙِي گهڙو هَٿِ کري، سُڻِي سانجِهيءَ بانگَ؛
سيئِي ڏُونڊي سانگَ، جِتي ساهَڙُ سُپِرِين.

5

ڪِهڙِي گهڙو هَٿِ کري، بَهُون نِهاري بَنگُ؛
سر در يار فِدا شُد چہ بَجا شُد، وَصَلَ اِهوئِي وَنگُ؛
رات جنِين جو رَنگُ، الا! سي اُکارِئين.

6

ڪِھڙِي گھڙو ھَٿِ ڪري، ٻَھُون نِھاري ٻَنگَ ُ؛
وَ اَمّامَنۡ خَافَ مَقَامَ رَبِّہٖ، اِيُ لَنگھِيائِين لُنگُھ؛
سِڪَندِيَنِ ڪي، سَيّدُ چَئي، ڪِينَ جَھلِيندو جَھنگَ ُ؛
راتِ جِنِين جو رَنگَ ُ، الا! سي اُڪارِئين.

7

ڪِھڙِي گھڙو ھَٿِ ڪري، اِلاھِي ٺُھارَ!
جَنگھ جَرڪي واتَ ۾ سِسِيءَ ڪي سيسارَ؛
چُوڙا پِيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙِھيَس وارَ؛
لَڪين ڇُھتيسِ لوھِٽيُون، ٽيلھيُون ٿَرَنِئُون ڏارَ؛
مِڙِيا مَڇَ ھزارَ، پاڱا ٽِيندِي سُھٽِي.

8

گھڙو پَڳو تہ گھورِيو، مَرُ چُورُ ٽِئي چُوڙو؛
طالِبُ الۡمولیٰ مُذَڪّرٌ، اِيُ ٻُڌَندَنُ ٻُوڙو؛
ڪوڙِھيو ڏَمُ ڪُوڙو، مُون ميھارُ مَنَ ۾.

9

گھڙو پَڳو تہ گھورِيو، پاٽان ھو حِجابُ؛
واجِبُ وِجي وُجُودَ ۾، رھيو رُوحَ رَبابُ؛
ساھَڙَ رِءَ صَوابُ، آءٌ گھٽو ئِي گھورِيان.

10

گھڙو پَڳو تہ گھورِيو، تان ڪِي تَرُ، ھِنيان!
اَدَبُ اَڪَڙِيُنِ ڪي، ڏيھاٽِي ڏِيان؛
ميھارَنِ مِيان، سَئون سُونھايَم پيچِرو.

11

گھڙو پَڳو تہ گھورِيو، آسَرَ مَ لاھيجِ؛
لَا تَقۡنَطُوا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ، تُرھي اِنَ تَريجِ؛
حَبِيباٽِي ھيجِ، پَسِين مُنھُن ميھارَ جو.

12

گھڙو پَڳو، مُنڌَ مُئِي، وَسِيلا وِيا؛
تِنهان پوءِ سُئا، سُهڻِيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

13

پاڻُ مَ ڪَڇِ پاڻَ سين، وَسِيلا وِسارِ؛
لُڙُ لنگهائي، سُهڻِي! پِرتِ وِجهنديءِ پارِ؛
سي تُرتُ لنگِهينديُون تارِ، اُڪَنڊَ آڳهُ جن سين.

14

پاڻُ مَ ڪَڇِ پاڻَ سين، رِءِ وَسِيلي وانءُ؛
مَٿان سائِرَ، سُهڻِي! پِرتِ ونجي پانءُ؛
نينهن ڳِنهندي نانءُ، ونءُ پِريان جي پارَ ڏي.

15

ڪونهي آڳهُ اَهِڙو، جهڙِي مُحبتَ مَنِ؛
اُپيُون اورئين پارَ ڏي، ڪُوڙيُون ڪَکَ پُڇَنِ؛
نَدِي تِن نيڙُ تِئي، جي رِيءَ تُرهي تَرَنِ؛
سِڪَ رَساڻي، سُهڻِي! اَصُلِ عاشِقَنِ؛
سي جَهليُون ڪينَ ڪُنَنِ، پُڇَنِ جي ميهارَ ڪي.

16

پُڇَنِ جي ميهارَ ڪي، پُڇي سي ميهارَ؛
تُرَهو تِنِين بارُ، عِشقُ جنِين کي آڪِرو.

17

ساهَڙُ سا سُهڻِي، سائِرُ پڻ سو ئِي؛
اهي نِجو ئِي، ڳُجُهه: ڳجهاندَرَ ڳالهڙِي.

# وائي

كهڙي مَنجهه حِساب؟ هُئڻُ مُنهِنجو هوتَ ري، لا!
گولِي! پَجُ گُناهَ كان، كونهي سُولُ ثَوابَ؛
نكِي تَقاوَتَ ۾، نكِي مَنجِهه رَبابَ؛
خُدِيائِي خُوبُ ٿِئين، لائِين جي لُعابَ؛
پَلِيتُ ئِي پاڪُ ٿِئي، جُنبِيو مَنجِهه جِنابَ؛
سو نہ كَنهن شَيءِ ۾، جيكِي مَنجِهه ٿُرابَ؛
هُوءِ جي جَركِيا جَرَ تي، سي تان سَپ حُبابَ؛
هادِيءَ سين هُنَ پاَر ڏي، رِڙهِين ساڻُ رِكابَ؛
چَنبو وِجِهي چورَ كي، آءُ چَڙَ، عُقابَ!
دِيدُ وِجاءِ مَ دوسَتَ جو هَلِي مَنجِهه حِجابَ؛
كَسرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدّغامَ ۾ اِعرَابَ؛
فَنا وجِهي فَمَ ۾، كارَڻِ ٿِيُ كَبابَ؛
ڏي طَهُورا تن كي، جي سِكَنِ لاءِ شَرابَ؛
مُنِيءَ كيا مرضَ ۾، جاوا سَپِ جَوابَ.

## داستان پيو

1

كَرَڱلَ كوچَ كُنَ گهٽا، جِتِ جَرَ واڱُو جِئائِين؛
پاڻُ اُچِلِي آبَ ۾، وَهَ سِرِ وِڌائِين؛
لَهرِيُون لَنگهيائِين، لُطف ساڻ لَطِيفُ چئِي.

2

دَهشَتَ دَمّ دَرياهَ ۾، جِتِ سَٽاٽا سيسارَ؛
بيحَدِ باڱُو بَحرَ ۾، هيبَتَناكِ هَزارَ؛
سارِيان كانَ سَرِيرَ ۾، طاقَتَ توهان ڏارَ؛
ساهَڙ جامَ! سَتارَ! سِگهو رَسجِ سِيرَ ۾.

3

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙڪو ڪُنُ ڪري؛
توڏي تاڪُن وِچَ ۾، مَتان وِيرَ وَري؛
آءُ، ساهَڙَ! مُنهِنجا سُپِرين! پِرتان پيرَ پَري؛
هادِيءَ، هَٿ ڏَري، اونهي مان اُڪارِئين.

4

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو؛
آهيم اُنهِين پارَ جو، دِلِ اندرِ دَڙڪو؛
يَجي سِڪ، سَيّدَ چَئي، سِيرَ سَندو سَڙڪو؛
والِي! ڪَج وَڙُ ڪو، تہ پارِ لَنگهيان پاجهہ سين.

5

دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ جايُون جانارَنِ؛
نَڪو سَندو سِيرَ جو، مَپُ نہ مَلاحَنِ؛
دَرَندا دَرياهَ ۾، واڪا ڪيو وَرَنِ؛
سَجا پيڙا پارِ ۾، هَليا هيٺ وَجَنِ؛
پُرزو پئدا نہ ٿِئي، تَختو مَنجهان تَنِ؛
ڪو جو قَهرُ ڪُنَنِ، ويا ڪِينَ وَرَنِ؛
اُتي اُٽَتارُنِ، ساهَڙَ! سِيرَ لَنگهاءِ تُون.

6

دَرَهَڙَ ڏَنَسَ دَرياهَ ۾، جِتِ لَهريُون ڪَنِ لوڙا؛
سَئِين اَچي سمُوندَ ۾، ٿِيا سِيٽايا سوڙا؛
جي تارُو هُئا توڙا، تن هَربو پانيو هيڪڙو.

## داستان ٽيون

1

تَڙَ تَڪَڙِ تارِ گهڙڻَ، اِيُ ڪاٽِيارِنِ ڪَمُ؛
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ؛
عَقُل، مَتِ، شَرَمُ، ٽيئِي نِينهَن نِهوڙِيا.

2

گهيڙان ڪَري نہ گُهورَ، تَڙُ تَڪَڙِ ڪان نہ لَهي؛
جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جِي، پُورَنِ مَٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪِي وَهلُورَ؛
جَنهِنکي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنهِنکي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.

3

جِئان گِهڙي تِئان گهيڙُ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪُوڙِيُون؛
ڏَمَ سين جُسو ظاهِرا، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ؛
سا نَدِي پانئي نيڙُ، جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جِي.

4

جِئان وَهي تِئان واٽَ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪوڙيُون؛
جن ڪي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گهيڙَ نہ پُڇَنِ گهاٽَ؛
جن ڪي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهُڙُ پانئِينِ وِڪڙِي.

5

ڪنهن جنهن گهيڙَ گِهڙِي، جِئن اَوَتڙان تَڙُ ڏِيوسِ؛
سالمُ ويئِي سُهڻِي، ڪُنَنِ ڪِينَ ڪَيوسِ؛
اُهِسُ اَڪَڙِيُنِ ۾، پِريان جو پِيوسِ؛
حَقّان حَقُّ ڏِيوسِ، هُئِي طالِبِ حَقُّ جِي.

6

هُئِي طالِبَ حَقُّ جِي، تودِّي لاڪُون توڙَ؛
نہ مَلاحُ نہ مَڪُڙِي، نڪِي بَدّي نوڙَ؛
پاڻِي پِنِيءَ بوڙَ، سُهڻِيءَ ليڪي سِيرَ ۾.

7

تودِّي توڙائِين، نِينهَن نوازِي سُهڻِي؛
ڳِچِيءَ هارُ حَبِيبَ جو، لائِقُ لَڏائِين؛
سو تَڙُ سونائِين، جيڏانهن عالَمَ آسِرو.

8

توڏِي! ٿُهائِين جي، سي هِتي ڇَڏِ حِرصَ؛
ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي! ڪوٺِيُون ڪَنِ ڪِرسَ؛
وَڏِي اِيَ وِرسَ، جِيئن ڏَمَرَ وَتِ ڏِينهَن گُذارِئين.

9

ساري سِڪُ سَبَقُ، شرِيعَتَ سَندو، سُهڻِي!
طرِيقَتان تِکو وَهي، حَقِيقَتَ جو حَقُ؛
مَعرِفَتَ مَرَڪُ، اَصلُ عاشِقنِ کي.

10

صَبُرُ شاڪِرَنِ، آهي اوطاقُنِ ۾؛
جي واصُل ٿِيا وِصال ۾، سي ذرو ظاهِرُ نہ ڪَنِ؛
وِيبَتَ واهَرَ تَرَنِ، هِنئَڙا، جَنِ هَجِي ويا.

11

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا گِهڙي وَسندي مِينهَن؛
هَلو تہ پُڇُون سُهڻِي، جا ڪَرَ جاڻي نِينهَن؛
جنهن کي راتو ڏِينهَن، ميهارُ ئِي مَنَ ۾.

12

سانوَڻَ گِهڙي سَيَڪا، هِيءُ سَرَهِي سِياري؛
تَنُ وِڏائِين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري؛
مُحبَتِي ماري، ڪونهي دادُ دَرياهَ ۾.

13

واهُڙَ! پَرِيُون مَ پاءِ، تو پِڻُ ليکو ڏيٺو؛
سدا سانوَڻَ ڏِينهَڙا، هِئن نہ هُونداءِ؛
وهاڻي ويِنداءِ، اوپَرَ اُتاهان لَهِي.

14

مُحَبّتِي ميهارَ جُون، دِلِ اَندرِ دُونهِيُون؛
آڻيو وِجهي آرَ ۾، لُهاڻو لُوهيُون؛
جي ساهڙ جُون سُونهيُون، سِير سِراڙو تن کي.

# وائي

مَدَتَ ٿِيُ، ميهارَ! يارَ! ساھَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
اُونها ڪُنَ، اَتانگَ تَڙَ، اولِي ھَڻُ، آڌارَ!
ڏِينهَن ڏُهِلا ڏَمَر سين، آهِيان اَوهان ڌارَ؛
ٻِچَلِ ٻانڌِي ٻارِ ڪَري، اَتِ اُٻَتا آرَ؛
تِتي ڪِهڙِي سُهڻِي، آڳَهَ رِءَ آڌارَ؛
”ڪارِي راتِ، ڪَچو گهڙو“، توڏِيءَ ڪِي تَنوارَ؛
سَنپُوڙو سِيٽاهِ سين، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ!
اوراران آهُون ڪَرِيان، پَهچان شَلَ پرارَ؛
سُٽِيو جهانءِ جِهجِي هِنئُون، سانپارا سَنپارَ؛
آيَمر ريلِي ريءَ سين، اَللهَ تو آهارَ؛
تارِ تَرَندَيَسِ، لُڙَ لَنگِهيندِيَسِ، وِينديَسِ وَٽِ وَچارَ؛
پُورِينديَسِ پارِ مَٽِي، سَهسَين جي سيسارَ؛
گَولِي گهاگهائي ڪِهڙِي، جَڳَنِ ٿا جانارَ.

## داستان چوٿون

1

اَدِيُونَ! سڀ اَندامَرَ، چَڙَنِ مُنهِنجار چورِيا؛
لارُنِ جا لَنوءَ لائِي، سا ڪِيئَن آچِيان عامَ؟
لَڳِيس جنهن جي لامَ، سو دِلاسا دوست مُنجي.

2

ڪارا ڪُن، ڪارِي ٽُٻِي، جت ڪارِيهَرَ ڪَڙڪا؛
مَئي مَتي مِهراڻَ ۾ ، اَچِنِ ڏُپارا دَڙڪا؛
وِيندي ساھَڙَ سامهان، جهولَ ڏِنسِ جَهڙڪا؛
ڪرِڪِنِ جا ڪَڙڪا، سُونهان ٿِيَڙَسِ سِيرَ ۾.

3

جِياريَسِ سَنيارَ، ڪُهُ ڪَرِيندَمِ ڳَڏِجي؟
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پِرِيُنِءَ جي پَچارَ؛
سَجَڻَ هُونِ ڏارَ، جي هِنئين ۾ حَلُ ٿِيا.

4

ٻيلي پارِ ٻُرِي، مون کي چَڙَنِ چورِيو؛
مُحَبّتِي ميهارَ جِي، سُتِي شاخَ چُرِي؛
مَٿي جهوڪَ جُهرِي، پَوَندِيَسِ پاريچَنِ جي.

5

هُنَ پَرِ سُيَمِ هُوءِ، سُتي سَنيارَنِ جِي؛
چِتُ چَڙَنِ چورِيو، جؤنڪَ ٿِيَڙَمِ جُوءِ؛
مُحَبّتِي ميهارَ جِي، بِاللهِ پِييَمِ ٻُوءِ؛
وجِي رُوءِ ٻَرُوءِ، ديکيان دوستَ ميهارَ کي.

6

ڪِٿي ٿِيو ميهارُ؟ ڪِٿي ٿو ڳِهندُ ڳُڙي؟
ڪِٿي ڏُونهِي دوستَ جِي؟ ڪِٿي پَرِيون پارُ؟
جَنهن مُون سَڀِ ڄَمارَ، جَرَ ۾ جهوٽُون ڏِنِيُون.

7

ميهاران مِرِڪَ، پِيتائِين پريمَ جِي؛
تنهن مُنڌَ مَتوالِي ڪِي، سندِيءَ ساءَ سُرِڪَ؛
لَڳِيَس ڪامَ ڪِرِڪَ، لوهان تِکِي لَطِيفُ چئي.

8

مَري تان مَ ميهارُ، وَٺاڻُ وِلَهو مَ ٿِئي؛
وَچِنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ؛
ساهَڙُ مُون سِينگارُ، ماڻُهنِ ليکو مِهٽو.

9

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَٿي ٻيٺَ؛
لُڙَ لَنگهِينڊِيُون ليٺَ، لُطِفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

10

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَٿي ڪُنَ؛
ڪوڙِيين ڪَرَ ڳٽنڊِيُون، ساهَڙَ جي سَمَنَ؛
مينھُون ساڻُ اَمَنَ، پَرچِي پارِ لَنگھِينڊِيُون.

## داستان پنجون

1

ساندَه سَپِ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جِي؛
چِڪِي چولِيءَ ۾ گِهڙي، جِتي جِيِّ وِڙاهُ؛
پَسيو ڏوه ڏَڪي هِنئون، آرِ مَٿي اَرِواحَ؛
جي توهُ ٿِئي توڏانھُن، تہ وِيرَ وَهِيٽو ناهِ ڪي.

2

سِڪَڻَ وارَنِ سُٽِرو، جي دَهشَتَ سان دَرِياهُ؛
اوڙَڪِ اُنِين جو نہ رهي، آرَ بِنا اَرِواحَ؛
ويندي ساهَڙَ سامهون، صَدقو ڪنديون ساهُ؛
جن کي حُبّ اُنھِين جِي آهِ، ساهَڙُ ساٿِي تن جو.

3

گِهڙيا سي چَڙهيا، اِئين اَٿيئِي؛
مئي مٿي مَهراڻ ۾، پَوَ ٿپو ڏيئِي؛
تہ ميهارُ مِليئِي، سَنپُوڙو سِيٽاهَ سين.

4

اَڪيُون مُنھن ميهارَ ڏي، رَڪيُون جن جوڙي؛
رِءَ سَندَ، سَيّدُ چئي، تارِ گِهڙَن توڙي؛
تنين کي ٻوڙي، سائِرُ سَگهي ڪِينَ ڪِي.

5

جيڏانهن چِتَ چاهُ گهٽو، آرُ ٻہ اوڏانهِين؛
وجِي وَهُ واڪا ڪيو، تِڪو تيڏانهِين؛
ميهارُ مِلائِين، لَهرُنِ منجِھ، لَطِيفُ چئي.

6

پَلِيان، پَلِيو نہ رهي، نِرتُون نِينهُن نِبارُ؛
گِهڙان، گهورِيو جِندُڙو! اُٿَلَ مُون اَپارُ؛
جنِين مَنِ ميهارُ، هَلَڻُ تنِ حَقُ ٿِيو.

7

سَندو ڏَمَ ڏَهَڪارُ، هَڏِهين ڪونهي هِنَ ڪي؛
هِيءَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، پُسائي نہ سِينگارُ؛
ڪارَڻِ مُنڌَ ميهارُ، ڪارِيءَ راتِ ڪُنَ تَري.

8

جيهَرَ لوڪُ جَهپَ ڪَري، ڏَرو جاڳَ نہ هوءِ؛
اوهيَرَ اَچيو، اَديُون! پَهُ پِريان جو پوءِ؛
جي ڪَچو چَوَنِمِ ڪوءِ، تہ مَرڪُ پانيان مِهڻو.

9

تہ ڪَرڪِينءَ سُئِي؟ جي سِيرَ نہ گِهڙِي سُهڻِي؛
هِتِ حياتِيءَ ڏِينهَڙا، هَڏهن تان نہ هُئِي؛
چُلي تنهن چَرِي ڪئِي، جو ڏِنُسُ اُنَ ڏُهِي؛
سُهڻِي ڪي، سَيّدُ چئي، وڏو قُربَ ڪُهِي؛
هُنئِين هُوندَ مُئِي، پَرَ بُڏِيءَ جا بِيٺا ٿيا.

10

ڪا جا ڪُن ڪَرِينِ، پِنِيءَ پُڻِ جُهڻِ پاڻ ۾؛
اَڪيُون تنهن آبَ ڪي، آڏِيءَ اُڪِيرِينِ؛
توڙي تِڪوُن ڏِينِ، تہ بہ اُجَ اُنِين ڪي نہ لَهي.

11

دائِمَ جا دَرِياهَ ۾، سا مَڇِي ڪِنِي ڪوهُ؟
آهس اِيُ اَندوهُ، پاڻِي ڪِٿي پِيان.

12

لهرَ مِڙوئِي لالَ، وَهَڻُ ڪَٿُورِيان وتَرو؛
اوبِهارا عَبيرَ جا، جَرَ مان اَچن جالَ؛

ڪُنَنِ ڪِهڙِي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُهڻِي.

13

جيڪِي ڏِٺُءِ تارِ ۾، ڪَنڌِي سو ڪَهيج؛
جَرُ وڏو، جهاجَهه گهڻِي، پانڌُ مَ پُسائيج؛
ساهَڙُ ساڱاهيجِ، تہ ثابِتُ لَنگِهين سِيرَ مان.

14

جا هَڙَ اَندَرِ جِيّ، ساهَڙَ ڏِنِي ساهَ کي؛
سا هَڙَ ڇُڙي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيّ؛
ساهَڙَ ميڙِ، سَمِيعَ! تہ سا هَڙَ ڇُڙي ساهَ جِي.

## وائي

اَڪيون پيرَ ڪَري، وَججي، وو! وَججي.
سُپيرِيان جِي ڳالهڙِي، ڪنهن سان ڪِينَ ڪجي؛
لِڪائي لوڪَ کان، ڳُجَهڙِي ڳوٺِ نِجي؛
مُحَبَّتِيءَ ميهارَ جو، سُور نہ ڪنهن سَلجي.

## داستان ڇهون

1

ساهَڙَ جا سِينگارَ، اَڻَ لِکيا اَڳي هُئا؛
نڪا ڪُنۡ فَيَكُوۡنُ هُئِي، نَڪا ٻِي پَچارَ؛
مَلَڪَنِئان مَهَندِ هُئِي، توڏِيءَ جِي تَنوَارَ؛
مُحَبّتَ ساڻُ ميهارُ، لايائِين لَطِيفُ چئي.

2

ڳهيڙَ لَنگهيو ڳهاري، مِيثاقان ميهارَ ڏي؛
اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ قَالُوۡا بَلىٰ، پَر اِها پاري؛
ڏِسيو ڏيکاري، پِرت پِريان جو پيچرِو.

3

اَلَسّتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن چَيائُون؛
مِيثاقان ميهارَ سين، لَڏيُون مُون لائُون؛
سو موٽي کِيئن پانهُون؟ جو مَحفُوظان مُعافُ ٿِيو.

4

اَلَسّتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن اَمُرُ کيو اَحَدَ؛
هو مَنَ ڪاڍِو ميهارَ ڏي، سُهڻِيءَ سِڪَڻَ سَڏَ؛
دِلو دَؤرَ دَرِياهَ جي، کيو اِرادي اَڏَ؛
جيڪِي آيسِ ڏانهن عَهدَ، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

5

’اَلَسّتَ‘ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن جاڳايو جَلِيلَ؛
سَنئِين راهَ، سَيّدُ چئي، سوناڻُون سَبِيلَ؛
وَحدَتَ جِي وادِيءَ ۾، کوڙين کي قَلِيلَ؛
دَرِياهَ جي دَلِيلَ، لَکين لَهوارا کيا.

6

ڪامان، پَچان، پَڄُران، لُچان ۽ لوچان؛
تَنَ ۾ تَؤنسَ پِرِينءَ جِي، پِيان نہ ڍاپان؛
جي سَمُندَ مُنهن کريان، توءِ سُرِڪيائِي نہ ٿِئي.

7

ڪارِي راتِ، کَچو گهڙو، اُٿِيهَ اُونداهِي؛
چَندِ نالو ناهِ ڪو، دَرِياهَ دَڙَ لائِي؛
ساهَڙَ ڪارَڻ سُهڻِي، آڏِيءَ ٿي آئِي؛
اِي کَمُ اِلاهِي، ناتَ کُنَنِ ۾ کيرَ گِهڙي؟

8

ڪارِي راتِ، کَچو گهڙو، نڪا سِيٺهَ ساڻُ؛
وِجهي وَيرَمَ نہ کري، پِريان ڪارَڻِ پاڻُ؛
مُحَبّتَ کي مهراڻُ، سُکِي سَپُ پَٽُ ٿِيو.

9

اورارِ نہ پَرارِ، ويچارِي وَہَ وِچَ ۾!
سُڪِي ڏِنِيءَ سُپِرِين، ٻِيو مِڙوئِي تارِ؛
تُون گِهڙُ، ڪِيمَ نِهارِ، ٻُڏَندَنِ سين ٻاجُهون ڪري.

10

هِنَ پارِ، نہ هُنَّ، ويچارِي وَہَ وِچَ ۾!
نِيچُ نِهاري نہ گِهڙِي، تنهن ۾ پيس تُنَّ؛
اَللهُ! ساڻُ اَمُنَّ، آران ڪنهن اُڪارِئين.

11

سَهسين سائِرَ گَجَنّ، توءِ سَهَجَ نہ مَٿِي سُهٽِي؛
تہ ڪي نِينهَن چِڄَنّ، پَرِتَهِين پِريُنِ جي؟

12

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڏِي! هَٿُ مَ لاءِ؛
صُباحَ تو چَوَنداءِ: ”اَسان تو اُڪارِيو.“

13

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڏِين، توءِ مَ لَڳُ؛
جي پانئِين پِرِينءَ مِڙان، تہ پُور اُبتي وَڳُ؛
پاءِ تيڏاهِين پَڳُ، ناهِ جيڏاهِين نِجُهرو.

14

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جي، ساهَڙُ ساٽِي تن جو؛
لَهرنِ سِرِ لَطِيفُ چئي، ڪُلهنِ چاڙهيو ني؛
جي پُڄَنِ پَنڌُ پَري، تِن اُماٽِي اورهُون.

15

سُڪِيءَ جي سانباهَ ۾، ٻُڏِين، توءِ ٻُڏُ؛
ڪَڪَ، ڪانڊيرا، ڪانيُون، ميڙي، ٻَڌُ مَ مَڌُ؛
نکو ساهَڙُ سَڌُ، نڪا سُڄي سُهٽِي.

16

جي تو بيتَ پانيا، سي آيتُون آهِينِ؛
نِيو مَنُ لائِينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.

## داستان ستون

1

ٻوڙِئين، چاڙِهئين، تُون ڏَٺِي! ٻِئي جو دعوىٰ رَسي نہ دَمُ؛
هِن مُنهِنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مَعۡلَمُ؛
رَکُ پيلي جو پَرَمُ، جو اَچِي پِيو اجهور ۾.

2

ڪانڌِي ڪَنگَ ٽِياسِ، وَهَڻُ جَنازو سُهڻِي؛
ٻَگها جي ٻيٺِنِ جا، ڪُلها تن ڏِناسِ؛
اَڪئين مَلَڪَ ڏِناسِ، توءِ مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي.

3

اُپو تَڙِ ميهارُ، مَلاحنِ سَڏَ ڪري؛
آءٌ پِڻُ وِجهان هَٿَڙا، اَئِين پِڻُ وِجهو ڄارُ؛
گهوريُون ڪارُونپارُ، مانَ مِلَنِئُون سُپِرين.

4

ڪَنڌِي ڄهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُپو آهُون ڪري؛
تو ڪِيئن ٻوڙِي سُهڻِي؟ ٻيلِي مُنهِنجِي ٻانهَن؛
دَرِياهَ! تو تي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.

5

ڄِتي ٻيرَ ٻِرَنِ، ٻُريوُن ٻَون ٻَواريوُن؛
تانگهه نہ لَڌِي تارُئين، مَپُ نہ ماٽِيَڙَنِ؛
ڪَنڌِيءَ اُپا ڪيتِرا، سِيٽاهِيا سَنڪَنِ؛
تُون ڪِيئن تن تَڙَنِ، اَچيو، اَسارِي! گهِڙِين؟

6

سانيارا سَڏُ ڪيو، اُٿيا چوَنِم: ”آءُ“؛
هِڪ تِڪو ئِي تارِ وَهي، ٻيو لُڙُ، لَهريُون ۽ واءُ؛
ساڻِي جن اَللهُ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديُون.

7

هارِي! حَقُّ رَکيجِ، سانيارا ساهَڙَ جو؛
خوابَ، خيالَ، خَطرا، تن کي تَرَڪُ ڏِئيجِ؛
اَندَرُ آئِينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيجِ؛
اِنهِيءَ راهَ رَميجِ، تہ مُشاهِدو ماڻِئين.

8

سانيارا سيئِي، تَنُ جنِين جو طالِبُو؛
مَنُ پِريان نيئِي، پڳهِيو پاڻ ڳري.

## داستان اٺون

1

ٻُڏندي ٻُوڙَنِ کي، ڪي هاتِڪَ هَٿَ وِجهنِ؛
پَسو لَڄَ، لَطِيفُ چَگِي، ڪيڏِي کي ڪَکَنِ؛
توڙي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساڻِن وجن سِيرَ ۾.

2

ڪَچِي ڪانِي ڪانهَن، ٻُڏا ڪَڍي بارِ مان؛
يا لَنگهائي، لَطِيفُ چئي، يا ڌُريان ڪري دانهَن؛
ڪَما حَقَّهُ ڪَکَنِ جِي، آهي ڳالهِ اڳانهَ؛
جيڪِي ڏي ٻُڏَنِ کي ٻانهَن، ناتَ ساڻِن وجن سِيرَ ۾.

3

آهِئين هُتِ اُماڻَ، ٻَڌُ تُرهو تارِ جو؛
لَهريُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئي، جَهليا جُنگَ جُواڻَ؛
اُونهي تَڙِ آگهتِيا، آڏي پائي آڻَ؛
جي پِيا مُنهن مهراڻَ، تن ٻانڌِيُنِ ٻيٺُ نہ اُجَهي.

4

کَچي ساڻُ کَھي، پَکو پُڇي نہ سُھڻِي؛
لَنگھيو لُڙُ، لَطِيفُ چئي، وَڇارَنِ وَھي؛
سا کِئن نِينھَن نھَي؟ جنھنکي نِينھَن نَڌو کٽِي.

5

کڍيا جي کُلالَ، سي پَسِي خالَ خُوشِ ٿِئي؛
پاڻِيءَ ڇڄَ پُسائِيا، ڏاءَ نہ جَھلِي ڏمالَ؛
سپَکَ پانيا سُھڻِيءَ، جوڀَنَ جي جَمالَ؛
آکي جا اَحوالَ، مَعَلُمُ ٿيا مهراڻَ ۾.

6

کَچو تان کوھُ؟ پَکو نَظَرُ پِريُنّ جو؛
ساھَڙُ مُنهِنجو سُپِرِين، ڏَمَ ڏِنيئِي ڏوھُ؛
جي ڇَڻو جي ڇوھُ، تہ پُورِيندِيَسِ پارِ مَٽِي.

7

کَچي کَٿُ نہ جَھليو، پيلو پِيو پُرِي؛
سارَ ڇَڏيائِين سِيرَ ۾، بانھُنِ کان بُرِي؛
لَٽي لَھريُون ويئِيُون، چوڏارِي چُرِي؛
هِنئَڙي مَنجھ ھُرِي، ماھِيَتَ مَلَکَ الَمَوتَ جي.

8

پيلي پُلائِي، پَسِي ڇڄَ ڇَرِي ٿِئِي؛
”بِرَ! بِرَ! بُڏِي سُھڻِي!“ وِيرُنِ ۾ وائِي؛
کَچي کيرائِي، لال لَھرنِ وِچَ ۾.

9

پَکو کَٽِج پاڻَ سين، ڇَگو ڇِٽائي؛
کَچو ڏيجِ کُلالَ کي، مُنھن تي موٽائي؛
سو سُڻُ ھِنئين سين، سُھڻِي! جيکِي فائِقُ فَرمائي؛
موُجُون مُنجھائي، مارِينِئِي مَھراڻَ جون.

10

پِرُ، پَلِيرا سُپِرِين! پَلا ۾ بيراهَ؛
تو رِءَ تارِي ناهِ ڪا، والِي! تو رِءَ واهَ؛
ساهَڙَ جي صَلاحَ، تَنَ کي ڪَڍِي تارِ مان.

11

تَنَ کي ڪَڍي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو؛
اُتِ آڏو اَچي ڪِين ڪِي، ٻيلِيپَو ٻِئي جو؛
ميهَرَ! ڪَج مُنهنجو، کو اوڪَرُ ڪَنهِين آرَ تان.

## داستان نائون

1

جَرِ ٿَرِ تِکَ تَنوارَ، وَڻُ ٽِڻ وائِي هيڪڙِي؛
سِيپِئِي شَيءِ ٿِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ؛
هَمَهَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪَهڙا چاڙهيو چاڙهئين.

2

سَيَتِ پَچار پِريُنِ جِي، سَيَتِ هوت حُضُورُ؛
مُلڪُ مِڙيو مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهَندين ڪيترا؟

3

لَهرِنِ لَکَ لِباسَ، پاڻِي پَسَڻُ هيڪِڙو؛
اُونهي تَنهِن عَمِيقَ جِي، واري ڇَڏِ وِماسَ؛
جِتِ ناهِ نِهايتَ نِينهَن جِي، کوءِ اُتِ پنهنجِي ڪاسَ؛
تَڙَنِ جِي تَلاسَ، لاهِ تہ لالَنَ لَڀِ ٿِئين.

4

وَجان ڪِينَ وَرِي، هُوندَ رِءَ ڇَئي رَهِي رَهان؛
ڏُونهِينءَ پاسي دوسَ جي، ماڳهين پَئان مَرِي؛
صُورَتَ نہ سُنهن ڪا، ڪَيسِ ڇتَ ڇَرِي؛

وِصالان فِراقَ جِي، سُڄي ڳالھ ڳِرِي؛
تيلاهِين تَرِي، مُنهن ڳِنِيو موتِيو وجان.

5

جي قِيامَ مِڙَنِ، تہ ڪَرَ اوڏا سُپِرِين؛
تِهان پَري سُڄَڻِ، واڏايُون وِصالَ جُون.

6

آئُون ڪِ نہ ڄاڻان اِيئن؟ تہ جَرَ ڳِهڙي جوڪو ٿئي؛
قَضا جا ڪَرِيمَ جِي، تَنهن ڪان ڪَنڌُ ڪَڍِبو ڪِيئن؟
هِڪُ لِکِئي، بِئي نِينهَن، آٽي اولِيَسِ اول ۾.

7

نہ ڪاتِيءَ نہ ڪانهَن، نڪو ڏوهُ قَلَمَ جو؛
اَنگُ اُتيئِي لِکِيو، جِتِ نہ رَسي بانهَن؛
ڪَنهِنکي ڏِيان دانهَن؟ قَضا قَلَمُ وَهائِيو.

8

نَڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ؛
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پاڙَ لَهي.

9

سِڪَ تُنهِنجي، سُپِرِين! اَندر ٿِي اَجَهلَ؛
ٻَرڪِيو ٻاهر نِڪري، کُوري ڪانئِي ڳَلَ؛
رِءَ سِيراهِيءَ سَل، مُونکي ڏِنا سَڄَڻين.

10

ڪِي تران ڪِي تارِ مُون، ڪِي سَگهان ڪِي سَگُهہ؛
آڏو ڏيِجِ مَ لَڳُ، مُون هيڪلِيءَ، وَلَها.

11

ڏِني ڏِينهَن ٿِيامَ، ڪوهُ ڄاڻان ڪهڙا پِرِين؟
سَهسين سِجَ اُلَهِي، واجهائِيندي وِيامِ؛
تِنِين سالَ ٿِيامَ، جنِين ساعَتَ نہ سَهان.

# متفرقہ بيتَ

1

ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي، نِسورِي ناپاڪَ؛
نَجاسَتَ ناهِ ڪري، اُنِين جِي اوطاقَ؛
هُوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تنِين پاڪَ ٿِئي.

2

ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي، هِيءَ تان جُنبِي جوءِ؛
هِنَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، مُورِ نہ مَٿو ڌوءِ؛
جي پِرِينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪَر توڏِيءَ تَڙُ ڪيو.

3

ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي، هِي تان جُهڪِي زالَ؛
توڏِيءَ تَپُ شرُوع ٿِيو، هَيءِ! هِيٺِيءَ جي حالَ؛
جَڏِيءَ رِءَ جَمالَ، اَگِهي ٿِي آهُون ڪري.

4

ساهَڙَ ڏاران سُهڻِي، آهي ٻہ آزارَ؛
ڏَمَ پاسي ٻہ ڏُکندو، صِحَتَ وَٺِ سَنگهارَ؛
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ٻہ دِيدارَ؛
جي پَسي مُنهن ميهارَ، تہ سِگهيائِي سَگِهي ٿـئي.

5

ڏِيهاڙِي ڏَمَرُ ڪري، مَٿي مُحَبَتَ مُون؛
تنهِن ڪي اَچِي ٿُون، پِرِيَمِ! ڪوہُ نہ پَلئِين.

6

جان جان هُئِي جِئَرِي، وِرِچِي نہ ويٺِي؛
وجِي پُون پيٺِي، سِڪَندِي ڪي سَجَٽين.

7

جان جان هُئِي جِتَّرِي، ويٺِي نہ ويساندِ؛
لُڙهِي لَهرِن پاندِ، مُيائِي ميهارَ ڏي.

8

وَرُ اُونداهِي راتِڙِي، کوءِ چانڊُوڻِيءَ چنڊان؛
اوري ميهاران، مُنهن مَ پَسان کو ٻيوَ.

9

سائِر ٻوڙِي سُهڻِي، نہ ڊوري نہ ڊنڊِ؛
اَکين مَنجهہ اُکَنڊَ، مُيائِي ميهار ڏي.

10

سانوڻ لَهرِيُون، ٿَرَ وارِي، تِرَ وارَ؛
اِنهان ئِي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ کيا.

# وائي

مُنهِنجُون سيپئِي، آيَلِ! ماءِ، مَنَ مُرادُون پُنيُون.
جهڙِي پِريان ڳالهڙِي، تَهڙِي ٻِي نہ کاءِ؛
ڪجي تان ڪوڙُ ٿِئي، سُڄي تان سيباءِ؛
ويهُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جَنهن جُڳاءِ؛
ڪانهي حَدَ حَمَدَ جِي، تہ ڪَريان لالَنَ لاءِ؛
ڳِڻيو، ڳِڻيان ڪيتريُون، وَڏيُون وَڏاياءِ؟
سو مُون هَتان نہ ٿِئي، جيڪِي تو جُڳاءِ؛
تو سَڄِيُون، تو سَنديُون، سِڪَن توهِين ساءِ؛
اُجَ تُنهِنجي اُڃيُون، لوچِن توهِين لاءِ؛
دِلِ دانهُن ري نہ رهي، مُون کي ماٺِ جُڳاءِ.

# سُر سسئي آبري

## داستان پهريون

1

جي سِجهائِي سڳَ، تہ پڻُ سِڪي سَسُئِي؛
پِيتائِين پُنهونءَ کي، هڏِ نہ پِڳِيَسِ هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُجَ ٿئِي.

2

پَسِي جهاجهہ جَمال جِي، جنِين پِيتِي پڪَ؛
اَپِرِ اَڳانجهو ٿيو، سُورُ اُنِين کي سِڪَ؛
هڏِ نہ پِڳِيَنِ هڪَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

3

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تِشَنَگِي تارِ؛
پِي پِيالو اُج جو، اُجَ سي اُجَ اُٿِيارِ؛
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تہ اُجَ سِين اُجهائِيان.

4

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ ۾، پُرُ پِيالو جن؛
پِيَڻَ پَرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِيَن؛
تنهن نِهايَتِ ناهِ ڪا، جنهن سُجا سُجَ وجن؛
تيلان اُجَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

5

سَدا سائِرَ سِيرَ ۾، اَندرِ لَهي نہ اُجَ؛
پَسَڻُ جو پِرينءَ جو، سا سَپائِي سُجَ؛
تيلان مَرَنِ اُجَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

6

ساجَنَ ڪارَڻِ سُجَ، مَرُ قَبُولي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُجَ، پاڻِي اُجِيو اُنَ ڪي.

7

پاڻِيءَ مَٿي جهوپڙا، مُورکَ اُجَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپَرِين، لوچي تان نہ لَهنِ؛
دَمُ نہ سُڄاڻَنِ، دانهون ڪن مُنَنِ جئن.

8

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ؛
ڪري پيکُ پُنهونءَ سين، پاڏارِيائِين پاڻُ؛
جَٺِ وِڄايو جاڻُ، ٻانيَڻِ ٻَروچَنِ سين.

9

لَڳي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئِي لَهسِيو؛
اُپَنِ مَنجهان آيو، "هيءِ! هيءِ!" جو هڳاءُ؛
ڏُيورَنِ تَنوارِيو، پُنهونءَ پُڄاڻاءُ؛
رَسِيو سُورُ شَبانَ کي، وُحُوشَنِ وَٿاءُ؛
مِرُوئَنِ موتُ قَبُولِيو، اَپَرِ اَفسوساءُ؛
ٻَرَ پِڻُ ڪن ٻُڪاءُ، اُڪَندِيا آرِيءَ لَءِ گهڻو.

10

مَهندِ مُحتاجِي ڪَري، پُنِيءَ پيرُ ڳڻيجِ؛
ڪُٻيلِياڻِي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هلائيجِ؛
پاڻا ڏارَ پرِيتَڻو، سَسُئِي! ساڻُ ڳڻيجِ؛
اوڏِي عَزازِيلَ کي، ويجهي تان مَ وَڃيجِ؛
نا اُميدِي نيجِ، تہ اوڏِي ٿِئين اُميدَ کي.

11

ويهُ مَ مُنڌَ! ٻَنيورَ ۾، هاڙهي هڏِ مَ هلُ؛
ڪُوڙِي ڪَجِ مَ ڪڏهين، سَچِي ڳالهہ مَ سَلُ؛
جانِبَ لءِ مَ جَلُ، سُورَ وِسارِ مَ سَسُئِي!

12

سُکين ٿِيُ مَ سَنَرِي، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ؛
پَٽي کَر مَ پانهنجو، گهورِي! اَڏِ مَ گهرُ؛
مارِي! هڏِ مَ مَرُ، مَچُڻِ جِيُ جِيارِئين.

## داستان ٻيو

1

پَسِي ڏُونگرَ، ڏاهِ! جِمَ هلَڻَ ۾ هيٺِي وَهين؛
لانچي لَکَ لَطِيفُ چئي، پُنِيءَ کيچِيُنِ کاهَ؛
پُڇي پُورج، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باهَ؛
اِنَ وَڙائِتي وَرَ جِي، آسَرَ هڏِ مَ لاهِ؛
جو اَکِنَئُون اوڏو آهِ، سو پِرين پَراهون مَ چئو.

2

هتان کَٽِي هتِ، جن رَکِيو، سي رَسِيُون؛
ساجَنُ سُونهن سُرتِ، وِکان ئِي ويجهو گهٽو.

3

جيکُسِ يادِ کَياسِ، وَرُ وجِي وَٽِکارِ ۾؛
جَلِدُ جَرِيدي پَندَّ ۾، اَدِيُون! اَجُ ٿِياسِ؛
وَجِي کيچِ پُنِياسِ، ٻاروچاڻِي ٻاجهه سين.

4

واقُفُ نہ وَٽِکارَ جِي، پاڙِي کَنيُمِ نہ پاءُ؛
جَبَلُ جَلدايُون کري، تِکَ ڏيکاري تاءُ؛
لَڳِي لُکَ لَطِيفُ چئي، معذُورِنِ مَٿاءُ؛
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هيکِلِي آهيان.

5

وَڏا وَڻَ وَٽِکارِ جا، جِتِ نانگَ سُڄَنِ نِيلا؛
اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئي، کيا هيکِلِيُنِ حِيلا؛
جِتِ کُڙِمَ نہ قَبِيلا، اُتِ رَسج، رَهبَرَ! راهَ ۾.

6

ويچارِيءَ وَڻِڪارُ، اَڳُ نہ ڏِٺو ڪڏهين؛
مَهرَ نہ هئِي ماڙُهين، هو سَڀُ هندُوڪارُ؛
جَتُ ڪيائِين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ سَرَتِيُون!

## وائي

هوءِ جي هليا هوتَ سُونهارا؛
مُون نہ وَهيٽا، پنهونءَ سَڱِيٽا.
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاڦُون اوتارا؛
آن ڪي ويندا ڳڏيا؟ آرِياڻي اِهَ پارا؛
ٿَلِيُون ٺوٺرَ هلَوِيُون، مَيَنِ سِرِ موچارا؛
مُون کي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلدارا.

## داستان ٽيون

1

پُنهونءَ چڙهيو پوءِ، جانِبُ جَبَلُ ڳولئين؛
تيلاهين تَنگُون ڪَرئين، جيلانهين تون جوءِ؛
ساجَنُ سُجَ نِهارِئين، ڏُکِي! ڏوهُ ڪيوءِ؛
هاڙهي هوتُ نہ هوءِ، وري پُڄُ وينِيُن کي.

2

ورِي پُڄُ وينِيُن کي، سَندا پُنهونءَ پارَ؛
ساجَنَ سَڀُ جَمارَ، ڏُکِي! ڏورِج ڏِيل ۾.

3

ڪونهي اُتِ ڪوهيارُ، جِتِ تو، پوري! پانئِيو؛
پَنڌُ مَ ڪَرِ پهاڙَ ڏي، وُجُودُ ئِي وَڻِڪارُ؛
ڏارِيا پانئِج ڏارَ، پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

4

سَپيئِي ساري، سَسُئِي! گهرَ کُندُون تون گهورِ؛
وچِي ڏُورِ مَ ڏورِ، درا مَنجهہ دوسِتُ ٿيو.

5

سوئِي ڪَٽيو ساڻُ، سوئِي ڏورِئين، سَسُئِي!
ڪَڏهن ڪَنهين نہ ڪيو، جُلَڻَ مَنجهان جاڻُ؛
پُڇُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِئائِين لَهين.

6

جو تُون ڏورِئِين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو؛
لالَنَ لَءِ، لَطِيفُ چئي، مَنجهي ٿِي مَعذُورِ!
منجهان پَنڌُن پَرُوڙِ، تو مَنجهہ آهسِ تَڪِيو.

7

وَڃِين چو وَٽِڪارِ؟ هتِ نہ ڳولِئِين هوتَ کي؛
لِڪو ڪِينَ لَطِيفُ چئي، پاروچو ٻِئي پار؛
ٿِيءُ سَتِي، ٻَڌُ سَندِرو، پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ؛
نانئي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

8

هلُ هنئين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَنڌُ؛
رائي پُڇُ مَ رَندُ، رِڙِهُ رُوحانِي سَسُئِي!

9

ڪَجي پَنڌُ، پُڇان تو، ڪيچِيُنِ ڪارَڻِ ڪِيئَن؟
بيخود هلِجِ بَرَ ۾، آئُون ٿو چَوَان اِيئَن؛
سِڪَڻِ ساجَنَ سِيئَن، مَتان، مُنِي! ڇَڏِئين.

10

مَتان، مُنِي! ڇَڏِئين، پريتَڻو پاٽا؛
جاپَنِ جئَن جاٽا، تون پڻُ هوئِجِ تن جئَن.

11

مَتان، مُنِي! چَڏِئِين، پاٽان پِريتِڻُو؛
ڪَٿُورِيءَ ڪَڻُو، مَڙهي مَڙهجِ مُنهن ۾.

## داستان چوٿون

1

هيڪُ نہ هوندو جن، سي ڪِيئن وِندُر وِيندِيُون؟
وهو وِچ رَهنِ، سَهسين سَڌُنِ وارِيُون.

2

سَدائِتِي سَيَڪا، بُڪَ نہ باسي ڪا؛
جيهيءَ تيهيءَ ذاتِ جِي، جُنبَشِ ڪانهي ڪا؛
مون سين هلي سا، جا جِيُّ مِنو نہ ڪَري.

3

وَريتيُون! وَرو، آئُون نہ وَرَندِي وَرَ ري؛
جاڏي هنَ جَبَلَ جو، تانگهيندِيَسِ تَرو؛
جَتَنِ ساڻُ ڏَرو، نِينهن نِبيرِڻُ نہ ٿِئي.

4

وجوسي وَرِي، اَئِين جي وَرَن وارِيُون؛
ڦوڙائي فِراقَ جِي، سُجي ڳالہ ڳِري؛
ٻُنيان جن ٻَرِي، ڏُونگر سي ڏُورِيندِيُون.

5

اَڄ ملندِيَس، ماءِ! ڏاڄا ڪَنديَسِ ڪَپڙا؛
جِيجان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مون ڪي جهلَ مَ پاءِ؛
هوتَ ٻَروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنرَ پائِيان.

6

مُون کي پانئِي پاڄَ، ڏيرَ ڏُوراٽا هليا؛
اِڱيان اُتِي اُنِ جي، خُوبُ نہ پَڪَمِ ڪاڄَ؛
مَيڙي آپَ سَرَتِيُون، نَڪِي ڳايَمِ ڳاڇ؛
سا مُون هٿان نہ ٿِي، جيڪا رَسَمَ راڄَ؛
آيَلِ! آءٌ اَڪاڄَ، ٻولُ ٻَروچي وِتَرو.

7

ڦِرين ٿُون پاريڇِ، پارَڻُ پوءِ پُنهونءَ تي؛
ٻولُ مَ وِساريڇِ، هو جو ڪَيُءِ هوتَ سين.

8

توسين ٻولَ ٻَهون، سَهسين ساجَنُ جي ڪري؛
ڪَندِينءَ توءِ ڪَهون، جي نالو ڳِيَڙُءِ نِينهن جو.

9

سُٽِي ٻولَ سَندانِ، ڄِمَ سُمهين سَسُئِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيٽانِ؟ ڄہ سي اُنِ اورانگهيا.

10

سِڄَ اُلَٿي سَسُئِي، رَتَ وَرَٽو روءِ؛
پَهي نہ پانڌِي ڪو، جنهن ڪَرَ پُڇي لوءِ؛
مُوڙِهي وڃي توءِ، موٽَڻَ ڄِي ڪانَ ڪري.

11

ڇُلان، مَنجهمِ نہ چاڪَ، پُران، پَوَنمِ پُرِڪَٽا؛
مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري، موٽَڻَ ڄِي مَزاڪَ؛
ڇِتُ سَندو مُون چاڪَ، هاڙهي هڏِ هٽِي ڪيو.

12

موٽَڻَ جا مَذڪُورَ، جان ڪِي چَيَسِ جيڏِئين؛
پَرَيتِ ڦِرئين پُورَ، نيئِي پهچائِي پُنهونءَ کي.

13

موتِي مَران مَ ماءِ! مَوتَڻَ كان اَڳي مَران!
لُڇِي لالنَ لاءِ، شالَ پَونديَسِ پيرَتي!

## وائي

مَعلُومُ حالُ حَبِيبَ! مُون کي دَرِدُ قَدِيمِي، وو!
دَرِدُ جَدِيدِي، حُبَّ حَبِيبِي.
آلُودِي آزارَ کان، تولَءِ تِيَسِ، طبِيبَ!
شادِي ڏئِين صِحَتَ جِي، غَمِي لاهِ، غَرِيبَ!
اَهڙان تِي آهون ڪَريان، نَعرو مَنجهه نَصِيبَ!
ڪاهلِ آهيان ڪُوَڙِي، رَسِي لاهِ، رَقِيبَ!
حاذِقُ آهئين هنَ جو، اَچين شالَ، عَجِيبَ!
دَوا آهِئين دِلِ جِي، پُڇ پُڇ رَهيَس طَبِيبَ:
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ کي، ڪوڙي لاءِ، قَرِيبَ!

## داستان پنجون

1

پَڇِي جان پَنيورَ کان، ڏُونگَرُ ڏُورِيو مُون:
ڪاهي رَسِيَس ڪيچَ کي، جِتي پاڻَ پُنهون:
سَيَتِ آهئين تُون، قَضا ڪَندين ڪِن سين؟

2

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ:
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏِيهَ ۾، نَڪا ڪَيچِيُنِ ڪاڻِ:
پُنهون ٿِيَسِ پاڻَ، سَسُئِي تان سُورَ هئا.

3

پُنهون ٿِـيَس پاڻَهين، ويو سَسُئِيءَ جو شَرَمُ؛
هيڪِليُون هلَنِ جي، پَجي تن پِـرَمُ؛
جو وِنڌُرِ ۾ وَرَمُ، سو سودو سَرِيَسِ هتَهين.

4

پُنهون ٿِـيَسِ پاڻهين، ويئِي سَسُئِيءَ جي سُونهن؛
خَلَقَ آدمَ عَليٰ صُوَّرَتِهٖ، اِئن وَٺَنِ مَنجهه وِرُونهَ؛
چَرِي مَنجهان چُونهَ، ڪَٽِي هوتَ هنجِ ڪيو.

5

ويئِي سُونهن سَسُئِيءَ جِي، پُنهون ٿِـيَس پاڻَ؛
سَپِنِ جِي سَيَّدُ چئي، آهي اُتِ اُماڻَ؛
پَنيورَ جا پاڻَ، آڏا عَجِيبَنِ ڪي.

6

وَهمَ وِرساياسِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هئِي؛
پاڻُ وِجايُمِ پانهنجو، پَئِي پِريان جي پاسِ؛
رَتِي عِلِمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

7

هيڪَرَ هئڻُ چَڏِ، تہ اوڏِي ٿِئين عَجِيبَ ڪي؛
مَارَاَيۡتُ شَيۡـئاً اِلاَّ وَرَاَيۡتُ اللّٰهَ، نيئِي اجها اوڏانهين اَڏِ؛
تہ هوتُ توهين ڪان هڏِ، پِرِين پاسي نہ ٿِئي.

8

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇِين ڪوهُ پَهي؟
وَ فِي اَنۡفُسِكُمۡ، اَفَلا تُبۡصِرُوۡنَ، سُوجهي ڪَرِ سَهي؛
ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولَڻَ هٿَ تي.

9

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇِين ڪُوهُ پَرِياڻُ؟
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ، تُنهنجو توهين ساڻُ؛
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجِيبَنِ ڪي.

10

ووڙيمِ سَپ وَٺاڻَ، يارَ ڪارَڻِ جتَ جي؛
اَللهُ بِڪُلّ شَئٍ مُحِيطُ، اِي آرِياڻيءَ اُهجاڻَ؛
سَپَ ۾ پُنهون پاڻَ، ڪِينهي ٻيو ٻَروچَ ري.

## وائي

اَهڪِيءَ آگِهُ آهي، وو! مون کي تان نہ ڇڏيندوتِڪَ ۾.
پچي پوءِ پِيَنِ کي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاهي؛
آرِي اُگهاڙَنِ کي، پُنهون ڄامُ پَراهي.

## داستان ڇهون

1

جُدائِيءَ جو ڄامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
مَنگلُ مُنهنجي مَنَ ۾، ٻارِيو هوتَ حَمامُ؛
اَرکِ ٿِيو آرامُ، ڪاڪُلُ پَسِي ڪانڌَ جو.

2

دَردُ نہ لَهي دارُوئين، زُلِفَ زورُ ڏِنومِ؛
ڪاڪُلُ ڪالَ ڏِنومِ، رُخساري تي رُوپَ سين.

3

ڪاڪُلَ ڪُٺِي جا، ڪَفَنُ تنهن ڪِينَ ٿئي؛
مَنجهہ شهادَتَ سان، لُڏي ۾ لاڏَ ڪري.

4

ڏَکا، ڏُونگَرَ ڄامَ! مَ ڪَرِ مَعذُورِنِ تي؛
توتي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ؛
مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا ڪانڌَ! ڪَلامَ؛
پَرِچِجِ پِيادِنِ سين، اَللهَ لَڳِ، عَلامَ!
جا نَوازِي اَهنجي نامَ، سا، هوتَ! مَ ڇَڏِجِ هيڪِلِي.

5

پَير پَٽانئِي ڪُنَّئرا، ڏُونگرَ مَٿي ڏي؛
ڦَٽِيا ڦَٽَ فَقِيرِ جا، سيرُون ٽِيَڙا سي؛
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پُنهونءَ ڏي؛
وَجي، مانَ وَري، بانهِيءَ بَندَّڻُ جنهن سين.

## داستان ستون

1

وِندُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ ٻَڌَنِ سَندِرا؛
ٻِيُون ڪوهُ ٻَڌَنِ، چوڙي جي چَڏِينديُون.

2

ڏيهُ ڏيهان ئِي ڏُورِ، پَرڏيِنهان پَري ٿِيا؛
سيڱَنِ ڪارَڻِ سَسُئِي، پيئِي پَرانهين پُورِ؛
تُون وَڃِين، هوتَ! حُضورِ، مُنهنجوجئڻُ جيلانهِين ٿِئي.

3

هيڪانڊِيءَ هوئِي، اُٿِي راتِ رَوان ٿيا؛
ساهُ سَڳِي ۾ سُورَ جي، پُنهون وِيو پوئِي؛
رَهُ، قَضا! دَمُ ڪوئِي، تہ هيڪرَ هيڪانڊِي ٿِيان.

4

هَڏِ نہ ساهُ سُڌِيرُ، دِلِ دَرمانڊِي دوسَ ري؛
پائي وِيَڙا پِرتِ جو، زوراوَرَ زَنجِيرُ؛
جِيُ جُسو، جاڳِيرُ، هاٺي مِلڪَ هوتَ جي.

5

عُمرِ سَڀِ عِشقَ سين، پُنهون جي پُڇَنِ؛
رِيسَ ريذالِيُون تن سين، ڪُڄاڙي ڪي ڪَنِ؟
مارَڳِ جي مَرَنِ، وڏو طالِعُ تن جو.

6

وِيِنٽي وَرِ نہ پَوَنِ، سُتي مِلَنِ نہ سُپِرِين؛
جي مَٿي رَندَنِ رُئَنِ، ساجَنُ مِلي تن کي.

7

رائي ڪِي رَنجُورَ، ٿَڪَرَ توءِ ٿاڪِيو چڙهي؛
لانچي لَکَ، لَطِيفُ چئي، هلي ڏانهن حُضُورَ؛
رَهيا سَڀِ رُجُنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ؛
ساجَنُ ميڙيُسِ سُورَ، سُکَ نہ ميڙيُسِ سُپِرِين.

8

مَنجهان پَنءُ پَرُوڙِ، سَڀَ مَ پُڇِج، سَسُئِي!
ويهي وَڏي ڊِگَ مان، ڏُٺِي وِجهج ڏُوڙِ؛
تہ تون ماڻِئين مُوڙِ، جي پَندِ اِهائِي پارِئين.

9

ٻَرِيائِي تہ ٻارِ، ڦُوڪِ تہ لَڳِي اَنبَرين؛
هِتي جي هُئَڻَ جُون، وَٿُون سَڀِ وِسارِ؛
سَمُوري سَرِڪارِ، نيئِي رَڪِج ناهِ ۾.

10

ڦَدُ ٻَڌِي، ٿُون ڪِينَ، پَهُچندِينءَ پُنهونءَ سين؛
جئن سِينو ساهئين سَسُئِي، ٿِئين ٿَهوارون تِينَ؛
مُنِي! ٿِيُ مِسڪِينَ، هِمَّتَ هوتُ وِجائِيو.

11

ٻِلَرِ لَڳو ٻاڻُ، پَسو! جوءِ جَرا ٿِئي؛
سا مُنڌَ مَري نہ جِئي، پيئِي پَچاڙي پاڻُ؛
سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنيوڙِي سَيَّدُ چئي.

# داستان ائون

1

اَڏرِ، نِڏرِ، اَيَرِي، اَسُونهِين آهِيان؛
لُڙِڪَ لعَلَ، لَطِيفُ چئَي، وَرَ لَءِ وَهايان؛
هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنِ لَءِ هارِيان؛
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان؛
پِيهان، پَچايان، جي مان نِيو پانڻَ سين.

2

اَڏرِ، نِڏرِ، اَيَرِي، آهيان اَسُونهِين؛
پَرَ ڏيهي پِرِين ڪَيا، مَرَڻَ لَءِ مُونهين؛
سَسُئِيءَ ڪي سَيّدُ چئَي، تَنگُنِ ۾ ٿُونهين؛
هارِي! ڪِئَن هونهين، رِءَ سَمَرَ سَڏُون ڪَرِين.

3

اَڏرِ، نِڏرِ، اَيَرِيءِ سَڏَرِ ٿيُ سچي؛
سُپَڪِ ٿيُ، سَيَّدُ چئَي، پَهڻَنِ مَنجه پَچِي؛
مَعذُورِ تي مارو ڪيو، اولاڪَنِ اَچِي؛
منجهان راهَ رَچِي، ٿِيَڙِي لالُ، لَطِيفُ چئَي.

4

اَچِي عِزرائِيلَ، سُتِي جاڳائِي سَسُئِي؛
ٿي ڍوڙائي دَليلَ، ته پُنهون ماڙُهو موڪليو.

5

مُنَڪِرَءِ نَڪِيرَ ڪي، جڏهن ڏِنائِين؛
اَڳيان اُٿِي اُنِ ڪي، پُنهون پُڇيائِين؛
اَدا اِتائِين، ڪو ويوساٿُ سَڄَڻَ جو؟

6

پاپاڙي ٿي پورِ، پُنِيءَ ڪيچِيُنِ ڪَڪِرا؛
رائو مِڙيوئِي رَتَ، ڪارَڻِ ڪانڌَ ڪَڪورِ؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئَي، اُتِي ڏُونگرِ ڏورِ؛
جتُ وَجي تو زورِ، اُپُڙُ تان اوڏِي ٿِئين.

7

جُهڙَ پِٽي، پهُ جهنگِ، هاڙهي پُڄُ مَ هوتَ کي؛
سُورُ سُبِيلِي، سَسُئِي! لَڪَ تَنهِين سين لَنگهه؛
تہ سُپيرِيان جي سَنگِ، مُنڌَ! ميڙائو تو ٿِئَي.

8

ڪَرِڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ مُنڌَ يَنيورَ ۾؛
چَڙهي ڏادِين ڏُونگرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ؛
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پَوَندُءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

## داستان نائون

1

ويهُ مَ وِساري، پُڄا ڪَرِ مَ پَندَ جِي؛
نِرِمَلُ نِهاري، هلَندِنِ تان هٿِ ڪيو.

2

اَوَجهڙ اَسُونهَن، ڏِيهُ گهٽو ئي ڏورِيو؛
سَگِر رءَ سُونهَن، پهتِي ڪانہ پَندُ ڪَري.

3

واءَ! وِجاءِ مَ سو، پُنِيءَ جنهن پَندُ ڪريان؛
چِتا! چِپَرِ پِرينءَ جو، پيرُ پَرنِيان تو؛
بَرِ بورائو جو، لَڳي، متان لَٿِئين!

4

ڏُورِ مَ تون ڏوريجِ، صَبرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَڻُ چَڏِ پَيرنِ سين، وِهڻُ وِساريجِ؛
سُڳَنِ جا، سَيَّدُ چئي، لاڳا پا لاهيجِ؛
هنئين ساڻُ هليجِ، پَنڌُ پاسي پَرِ نِبِري.

5

ڪُهِي جا ڳَنيائِين، وِڪَ تَنهين ويجهي ڪئِي؛
چِڪيءَ چِنائِين، پَنڌُ مِڙوئِي پَبَ جو.

6

سَؤ ڪوهَ ڪري سَيَڪا، تُون، ڪُهِي! ڳَٽِجِ وِڪَ؛
تاڻِجِ مَنجهان تِڪَ، تہ پَنڌُ پاسي پرَ نِبِري.

7

هيڪِليائِي هيلَ، پورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي؛
آڏا ڏُونگرَ لَڪِيون، سُورِيُون سُڄَنِ سيلَ؛
تہ ڪَرَ ٻيلِي آهنِ ٻيلَ، جي سُور پِرِيان جا ساڻُ مُون.

8

دوسِتُ ڏِنائِين دِلِ سين، وِرچِي تان نہ وِهي؛
لانچِي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پَهڻَنِ مَنجِهہ پِهي؛
سَندي نِينهن نِهي، ڪِي سَرفِرازُ سَسُئِي.

## داستان ڏهون

1

آءُ اوراهُون، سُپِرِين! پَري وَڃُ ۾ پِيَّ!
موٽُ، مَرَندِيَسِ ڇَپَرين، تُون جِيارو جِيَّ؛
هوتَ! مَ ڇَڏِجِ هِيِّ، پُنهون! پِيادِي پَنڌَ ۾.

2

آءُ اوراهُون، سُپِرين! ڏُکِيءَ ڏيج مَ ڏاگُهه؛
وَتِ چِڏي مُون واگُهه، آرِي! وِئين عِشقَ جو.

3

هَٿان هَڏِ نہ ڇِڏِيان، صَبُرُ شُڪُرانو؛
ذَوقَ زَمانو، مُون، وَرَ! وِيو وِسرِي.

4

ناهِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هاڻِ؛
اَللهَ! سيئِي آڻِ، جن ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

5

ناهِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هتِ؛
پُنهونءَ جي پِرتِ، ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

# داستان يارهون

1

کَنُ ٽِيُ، کيچِيُنِ کُچِيو، کُڇُ مَ، ٿا کُڇَنِ؛
اِشارَتُون اُنِ جون، سُکُوتان سُڃَنِ؛
وَٺان ويهِي ٽَنِ، سُڻُ تہ سوزُ پرائِيين.

2

سُڻُ تہ سوزُ پرائِيين، ”آءُ“ چيائُون اَڄُ؛
بولِي ٻِي نہ سِکِيا، ”پاڻا“ چوندءِ ”يَڄُ“؛
واڄي وَٺِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ تہ ٻِيائِي لَهي.

3

کَٿارو ۽ کوسُ، اَڱَڻِ آرِيءَ ڄامَ جي؛
ڏِيَتَ آهي دوسُ، مارَڳَ ۾ مُيِنِ جي.

4

اَکِيُون آرِيءَ ڄامَ جون، اَنڍِيءَ سين آهينِ؛
هُو جي وَڻَ وِندُرَ جا، سي مُون سُونهائِينِ؛
ڏِسِيو ڏيکارِينِ، پيشانِي پُنهونءَ ڄِي.

5

سَڏَ مَ کَرِ سَڏَنِ ري، هلَڻَ رِءَ مَ هلُ؛
جَلَڻُ رِءَ مَ جَلُ، رُئَڻَ رِءَ مَتان رُئِين.

## متفرقہ بيتَ

1

اُٺِيو ءِ اُٺِياکُ، کالهوکو کاڏِي گيو؟
وِيو جاڳائي، جيڏِيون، بِرهُ هِيُ بيباکُ؛
چُرُ ڦُر کاري چاکُ، سُورُ سُمهاري کِينَ کِي!

2

جان ساماٽيئن، سَسُئِي! تان ويسُ وِڙَنِ جو کَرِ؛
لاهي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ٿِيُ بيگارِياٽِي بَرِ؛
تہ ويندِي پَوَئِي وَرِ، اَڳِيان هوتَ حُضُورَ ۾.

3

مُنڌَ نہ مَنجهان تن، پَسي لَکَ لُڏَنِ جي؛
جا پَرِ کاهوڙِينِ، سا پَرِ سِکِي سَسُئِي.

4

مُنڌَ مَ مَنهِن ويهُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ ۾؛
تو سيئِي سيڻَ کيا، ڏُورِ جنِين جو ڏيهُ؛
پاڙي پاڙي پيهُ، وَٺُ پُڇَندِي پِرِينءَ کي.

## 5

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ تي مارو ڪيو؛
مَتان، وَرَ وِسارِئين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگِهه ٿُون، سيٽَنِ ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهَ رَچِي، ٿِيندينءَ لَعَلَ، لَطِيفُ چئي.



# سُر معذوري

## داستان پهريون

1

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، کُھِجَنِ کي کوٺِيُون؛
پَهَڻُ تنِين پَٿُ ٿِئي، جي لءِ لالَنِ لُونِيُون؛
سَڀُ سَهيلِيُون سِکَ کي، چُنجُهون ۽ چُونِيُون؛
ٻانيَڻِ! ٿِيُ ٻُوٽِيُون، تہ کُتا کِيَنِئِي کيچَ جا.

2

تن پيئِي جانارَنِ يادِ، جي پاريَلَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
سَندي لا لَنِ لاڏِ، مُئانِ پوءِ مَنڌُ ٿِئي.

3

جاڳايَسِ جَنبُورَ، کُتي ڦِريبَنِ جيِ؛
ٻَهِي پوئنکِي اُٺيو، ڳِهڏِي مَنجهان ڳُهورَ؛
سَڀِ لاهِيندو سُورَ، گِري هِنَ غَرِيب تان.

4

کُتو طالِبُ ڏُوندَ جو، اسين کُتي کِيڙَ؛
چُھِٽي آهي چِيڙَ، کارايي جي کَنَ ۾.

5

سَگِبانَ سِينڌارِيا، ٻَچِيا، تي ٻَهَنِ؛
ڦِرِيا نہ فَرمانَ کان، مُلهُ نہ موتِيَڙَنِ؛
کونهي ڏوهُ کُتَنِ، ڏاڪارِيا، ڏاڙِهِينِ تا.

6

ڏڪا، ڏُونگرَ جا مِرُون، مَرُ ٿا مُون تي ڪَنِ؛
پُڙَندا ڪِينَ پَرِيَٿِ تي، هِنَ جا سَڏَرَ ٿا سُڃَنِ؛
سَڳائِيءَ جي، سَيَّدُ چئي، آهي سُڌِ سَيَنِ؛
هُوندَ نہ هِتِ ٿَرَنِ، پر قَرابَتَ ڪَمُ ڪيو.

7

سَڏَرَ سين سَڱُ ڪري، پَرَڳنڌين پِيياسِ؛
ڪيرَ بِرهَمَڻِ؟ ڪِن جي؟ ڪيرُ ڄاڻي ڪيڻاسِ؟
هُوندَ نہ سِنڌُ سُياسِ، هِنَ پُرِيين ڪَيَسِ پَڌِري.

## وائي

خُوبِي مَنجِهه خِفَتَ، اي! دوستَ! دِقَتَ، آهي عَبْدُاللَّطِيفُ ڪي.
مَدَحَ مون ڪان نہ ٿِئي، سَندي سُورَ صِفَتَ؛
هِجي ڪريان هيجَ سين، مُطالِعُ مَحَبَتَ؛
حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو، رُڳيا ئِي راحَتَ؛
پِرِيان جي پِستانَ جو، فاقو ئِي فَرحَتَ.

## داستان ٻيو

1

اَدِيُون! وَرُ اُڳهاڙَ، وِهانءُ جنهن وِساريو؛
جيڏِيون! چڏي جاڙَ، سَپِ نَنگيُون ٿي نِڪرو.

2

سَپِ نَنگيُون ٿي نِڪرو، لا لَڄِ چڏي لوپُ؛
سُپيرِيان سين سوپَ، نِندُون ڪندي نہ ٿِئي.

3

سَپِ نَنگيُون ٿي نِڪرو، پَرَهَڻَ چِڏي پوءِ؛
مَهَندِ مِڙَنِئان هوءِ، ڪَهي جا ڪِينَ ڪٽِي.

4

ڪَهي جا ڪِينَ ڪٽِي، پِرينءَ پَهُتِي سا؛
وِهي ويڙهجِي جا، وَصَلُ تنهن وِجائِيو.

5

وَصَلُ تنهن وِجائِيو، سِينڌِ سُرمي سِيڱَن؛
سا لُوٽِي لِيلان جِيئن، مَٽِيو جنهن مِٺُ ڪَيو.

6

هُوندِيان هوتُ پَري، اوڏو آه اَڻَ هُوندِ ڪي؛
ساڄَنُ تن سَري، ”لا“ سين لَڏِينِ جي.

7

لائي خَنجَرُ ”لا“ جو، هَيءِ! خَڇَرَ کي هَڻُ؛
سَڏُنِ جُون سَيّدُ چئي، وَٿُون سَپِ وِڪَڻُ؛
پيرُ پَرُوڙي ڳَڻُ، تہ هَلَڻَ ۾ هورِي وَهِين.

8

هورِنِ هاڙهو لَنگِهيو، ٿِي جَرِيدِي، جوءِ!
هُوندِ جنِين سين هوءِ، هوتُ نہ هُوندو تن سين.

9

هورِنِ هاڙهو لَنگِهيو، مُنِي! مُوسَٿُ چِڏِ؛
”لا“ سين اُٿِي لَڏِ، ”ڪِينَ“ رَساٽِي ڪيچَ ڪي.

10

نڪا هِتِ، نہ هُتِ، ڪا ڳوريءَ سندِي ڳالِ؛
ڪِينَ پَهُتِي مالِ، حالِ پَهُتِي هوتَ کي.

## داستان ٽيون

1

هَلَندي هاڙهو مَٽِي، ڪَرَڻُ ڪوهَ پِيامِ؛
اَرڏا آريءَ جامَ ري، ڳُوندَرَ ڳُذرِيامِ؛
لڪِيُون، لَڪَ، لَطِيفُ چئي، اورانگهڻَ آيامِ؛
پُرَڻُ پُنهونءَ پُٺِ ۾، اِيُ سَعادَتَ سَندِيامِ؛
مَٽسِ ڪَمَ وِڏامِ، وِهان تان نہ وَسِ پِيو.

2

وَڏو ڪِيمَ وَٽاهُ! اُونچا ڏُونگَرَ! مَ ٿِيو.
ٿِمو مَ نيٽاهُ، تہ پيرُ نِهارِيان پِرينءَ جو.

3

وارو! مُون وَٽَراهِ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نہ ڏِيو؟
وِڄهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ ڪي مَ مُنجهاءِ؛
مَنجهان پاڻَ پِيادِيُون، هادِي ٿِي هلاءِ؛
پِرِيان ڪي پَهُچاءِ، تہ لَڳِي لُونو نہ ٿِئين.

4

ڪَندا مون پيرَنِ ۾، توٽِي لَڪَ لَڳَنِ؛
آڳُرِ، آڱُوني نہ مِڙي، چِپُون پيرَ چِنَنِ؛
ويندي ڏانهن پِرِيَنِ، جُتِي جاتِ نہ پائِيان.

5

جُتيون سي پائِيِنديُون، جنِين پيرَ پِرِينِ؛
لاٿيُون سَپِ پَرِين، سَسُئِي سُپيرِيُنِ ڪي.

## داستان چوٿون

1

مَرِي، جِيُ؛ تہ ماڻـئِين، جانِبَ جو جَمالُ؛
ٿِئين هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائِي پارِئين.

2

مَرُ تہ موچارِي ٿِئين، اَجَلان اَڳِي اَڄُ؛
جان ڪِي هُئين جِئري، تہ مُنڌَ! پَنيوران پَڄُ؛
پُنهونءَ ساڻُ پَهَڄُ، تہ مَلَڪَ اَلّمَوتُ ماٿـِئين.

3

اَجَلان اَڳِي، سَسُئِي! مُنڌَ! جِئَريائِي مَرُ؛
ٿولِيان تنهن مَ ٿَرُ، جنهن رُوحُ وِڃايو راهَ ۾.

4

مَرَڻان اَڳِي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيَنِ نہ ماتُ.
هوندا سي حَياتُ، جِئَڻان اَڳِي جي جِئا.

5

اُونچو اُتاهون گهڻو، جِئَڻَ ڪي جَبَلُ؛
مَرَڻَ مُون سين هَلُ، تہَ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

6

تو سَڱُ، ساهُ! گهڻَن سين، جِئَڻَ! گوشي جاءِ؛
مَرَڻَ! مُون سين آءُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

7

پَرِ ۾ پَڇِي پِرينءَ کي، مَري نہ ڄاتوءِ؛
”مُوَتُوَا“، مُنڌَ! نہ سوءِ، ڪَنڌُ ڪُڄاڙِيان ڪاٽِئين؟

## داستان پنجون

1

هَٿين، پيرين، مُونڱِرِئين، هَلِڄ ساڻُ هِنئَين؛
عِشقُ آرِيءَ ڄامَ جو، نِباهي نِئين؛
جان جان ٿِي جِئين، تان پاڙِج ڪومَ پُنهونءَ سين.

2

هَتين، پيرين، مُونئِرئين، کَهِج پَرِ کَپارَ؛
مَتان، چوري! چَڏِ ئين، پِريَتَٽي پَچارَ؛
توکي سَنَدَ، سَسُئِي! سَندِي لَنؤ لَغارَ؛
جي هُونِئِي هوتَ هَزارَ، تہ بہ پاڙِج کوم پُنهُونءَ سين.

3

ٿَڌيءَ ٿَڪِي نہ وِهي، تَتِيءَ کَري تانگھ؛
وِڏائِين وَٽِڪارِ ۾، سَسُئِيءَ پانڌُ سُڪانگھ؛
پُڇي پَهَ پَکِيُنِ کي، پيئِي مُنڌَ پَريانگھ؛
ڏِنَسِ ڏيهَ وَٽَنِ جا، تن اَللهَ لَڳ اُهِجانگھ؛
مانَ پَرچِي پانگھ، اَچِي آرِياڻِي وَرِي.

4

توڻي وِلاڙُون ڪَرِين، توڻي هَلِين وِکَ؛
لِکِئي مَنجهان لِکَ، ذَرو ضايعَ نہ ٿِئي.

5

لِکِيو جو نِراڙِ، سو اَنگُ کِياڙِيءَ نہ ٿِئي؛
پاڙِيو وينِي پاڙِ، جيڪي لالَنَ لِکِيو لوحَ ۾.

6

کَيائِين کيچِيُنِ لءِ، جُسو جَلاوَت؛
چَڏي پينِي چَپَرين، هارِي سَپِ حُجَتَ؛
هُئِي نِماڻِي نِسَتَ، پَندُ وِڏائِين پانگھ تي.

7

ماڙهُو ڏيئِي مِهڻا، مُون کي کَندا کوهُ؟
جنهن چورِيءَ ۾ چوهُ، سا پٿُون ٿِيندِي پيرَ تي.

# داستان چھون

1

فَردا مُنڌَ ڦِٽِي ڪئِي، نَقدُ ڪنيو نارِ؛
هِيَ جا واڳَ وِلَهيءَ جي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ؛
جانڪِي مُنِيءَ مار، جانڪِي ميڙِ مُنيءَ ڪي.

2

مُنِي تي مُدَعا گُهري، موتُ ٿيو موجودُ؛
اَچِين تہ اَڄُ ڪَرِيان، صُباحَ جو سُجُودُ؛
جانڪِي ني وُجُودُ، جانڪِي ميڙِ مُنِيءَ ڪي.

3

ڏُکِي تي ڏَڏورَ، لَهسِي لَنؤ پُنهونءَ جي؛
ڏيئِي آڳِ اَتورَ، سَيَ نہ ساڙِي سَسُئِي.

4

ڏِسَڻُ ڏِکان اَڳڙو، سَسُئِي! آڻِ مَ شَڪُ؛
ٿِيُ بانِهي، پَرِ اوئِيُون، لُڏُ مَ پَسِي لَڪُ؛
وَرُ پُنهونءَ سين پَلَڪُ، ڪوءِ بارهَنَ ورهَ ٻِيَنِ سين!

5

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، پَسو! پِٺُون پَوَنِ؛
مُئِي پُڄاڻان مُنڌَ ڪي، روجَھ رُجُنِ ۾ رُئَنِ؛
پُوٽا اِيَهِين چَوَن، تہ ”مُئِيءَ اَسانکي مارِيو!“

6

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، اوچِنگارُون اَچن؛
هَٽِي سانگِ سَسُئِيءَ ڪي، ڪِلو ڪَيو ڪَيچِينِ؛
جي هَٿان هوتَ مَرَنِ، هوتُ تنِين جي هَنجَ ۾.

7

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، وَڻَ ٽِڻَ وايُون ڪَنِ؛
وَٿان ويهِي جَنِ، وَڍِيءَ سي وادِوڙِيا.

8

وَڏِيءَ سي واڍوڙِيا، رَتُ نہ ڏِنو جن؛
موتُ قَبوليو تن، ڏِنو جن ڏُکِيءَ کي.

9

وَڍِيَلَ تي وايُون کَري، کُنَلِ کُوکاري؛
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هِيَ هنجُون هَڏَنِ لءِ هاري.

## وائي

اَچِي، لالَنَ! لَٿِ، مِيان! مُئِيءَ جو لوڙهُ لَکَنِ ۾.
هو کانُ کَٿُورِيءَ هِيرِئُون، مُون ۾ صابُڻَ چَٿَ؛
آرياڻِيءَ اَچِي کري، کا گهڙِي مُون وَٽِ جَٽِ؛
کَٿُوري کَشِبُوءِ سين، هارِيائُون هَٽِ هَٽِ؛
دَردُ مُنهنجي دِلِ جو، تون، کامِلَ! اَچِي کَٽِ؛
اَدِيُون! عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، سِرَ تائِين آهي سَٽِ.

# داستان ستون

1

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، سَهَسين سِجَ ويا؛
هَلَڻَ وير هِئان، ديکي شالَ دَمُ ڏِيان!

2

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، پويون ٿِيو پَساهُ؛
سِکان تِي سَکِراتَ ۾، رويو پُڇان راهُ؛
شالَ مَ وَجيمِ ساهُ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

3

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، آيو عِزِّرائِيلُ؛
جوراڻي سين جيڏِيُون! نَکو قالُ نہ قِيلُ؛
آيو موتُ دَلِيلُ، مارِيندو مُرادَ کان.

4

وِلاڙِيو وَٽين چَڙهي، رَئِي پَسِيو روءِ؛
وِچان جو وِچُ پوءِ، سو ڪَنهن پَرِ ڪَهِي لاهِيان!

5

وِلاڙِيو وَٽين چَڙهي، اُونچَنِ مَٿي اَجُ؛
لالَنَ ڪارَڻِ لَجُ، باسِيائِين بَردارَ جو.

6

وِلاڙِيو وَٽين چَڙهي، ڏِيو پَٿولي لانگَ؛
ٿاريءَ ٿاريءَ چانگَ، سَسُئِيءَ مورَ بَچَنِ جِئن.

7

وِلاڙِيو وَٽين چَڙهي، پَسو سَگهه سَندِياسِ؛
آڏِيءَ وَجيو آڪُڙي، نَڪو پِيُ نه ماسِ؛
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

8

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَر ڪووَلَ جي ڪُوڪَ؛
وَلَولو ۽ وُوڪَ، اِيَ تان آهِ عِشقَ جِي.

9

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ ڪَرڪي ڪُونجَ؛
نَعرو منجِهه نِڪُونجَ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.

10

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سارَنگِي سازُ؛
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهو رَڳنِ مُنڌَ تي.

# سُر ديسي

## داستان پهريون

1

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، ٽِنهِي ڏِنَمِ ڏُکَ؛
سي سَڀِ يانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

2

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَڌِي؛
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڌِي؛
لِڪِئي آئُون لَڌِي، ناتَ پَٿَنِ ڪيرَ پَنڌُ ڪَري.

3

اَگَهڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺَءِ ڏِينهَن؛
وَٺِي سَڙَڪَ، سَسُئِي! ويهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽِي سين چانگَنِ ڪِي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئَن؛
تہ هوتُ ٽُنهنجو هِيئَن، هوندِ پُنهون نياڻُون نہ پاڻَ سين.

4

اَگَهڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِناءِ؛
ڪُنجُون جي قُفِلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
تہ سُيا ٽِي سَندِياءِ، ٿِئي سارُوڻِي سَسُئِي!

5

اَڳِي اُٺَ رَڙَنِ، مُون پيري ماٺِ ٿِئِي؛
پَلاڻِيندي، پاڻَ ۾، ڪُڇِيو ڪِينَ ڪُنَنِ؛
ڪا جا مامَ مُنَنِ، هِنِ پڻ هُئِي هُنَ سين.

6

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئي!
اُنَنِ ۽ اونِيَڙَنِ جي، ڇا وَهِيٽو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيٺِي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ٿِري.

7

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏؤٽا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ؛
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنپورَ ڪان.

8

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاڳهنِ ڏُڏِي آهِيان!
هَٽِي هَٿُ هَيَنِ کي، پَري نيئِي پَلاڻِ؛
هوتُ مُنهنجو هاڻِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.

9

جَتَ هَڏهِين هُتِ، مُون هِتِ هِنئَڙي ۾ حَلُ ٿِيا؛
چَنگُلَ جنِين چوڦرا، راحَتَ تن جِي رُتِ؛
ڱُنگَنِ جي ڱُپُتِ، ڇيڙي وِڏِيَسِ ڇَپَرين.

10

ڱهَ سِرِ ٿِئي مَ ڱُسَ، پَٽِي پوءِ مَ پِرينءَ تي!
جنهن سِرِ ساڄَنُ سُپِرِين، تنهن اُٺَ مَ لَڳِي اُسَ!
پُنهون پاڪُ پُرِسَ! هوتَ نہ ڪَجَنِ هيڏِيُون.

11

لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئِي ڪَيو؛
اَڇي آرِيءَ ڄامَ جو، وَڻَ وَڻَ مَنجهان واسُ؛
مِرُون ڪِيَنِمِ ماسُ، هَڏَّ هَلندا هوتَ ڏي.

12

اُٺَ ويرِي، اونارَ ويرِي، ويرِي ٽِيَڙَمِ ڏيرَ؛
چوٿون ويرِي واءُ ٿِيو، جنهن لَٿِيا پُنهونءَ جا پَيرَ؛
پَنجون ويري سِجُ ٿِيو، جنهن اُلَهِي ڪِي اَويرَ؛

چَهون ويري چَپَرُ ٽِيو، جنهن سَنوان ڪَيا نہ سيرَ؛
سَتون ويري چَندُ ٽِيو، ڪِڙِيو نہ وَڏِيءَ ويرَ؛
واهيري جِي ويرَ، چُلُون ڪَرِيان چَپَرين!

## داستان ٻيو

1

مِڙِي مُنڌَ ڏي آئِيُون، ساهيڙِيُون سَهَجان؛
اَلسَّفَرُ قِطۡعَةٌ مِنَّ النَّارِ، هارِي! موٺُ هِتان؛
سَگَ صِراطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ جو، اَٿيئِي تان اڳيان؛
سي ڪيچِي نِيندءِ ڪِيان؟ تُنهنجو نِينهُن نِفاقَ سين.

2

جَڏان ڪُنۡ فَيَڪُوۡنَ چَئِي، نِيو آرِياڻِيءَ اَرِواحُ؛
اَنگُ اَڳِهين لِکِيو، مُنهنجو مِيثاقاءَ؛
مَنۡ طَلَبَ شَيۡئاً وّ جَدَّ وَ جَدَ، اُتو عَلِيءَ شاهَ؛
اَجا اِن حَدِيث جو، مُون آسِرو آهِ؛
پُنهونءَ جي پيغامَ تان، مُنهِنجو موٺُ مُباحُ؛
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

3

سَبَهَ سِياهِي، آهي آرِيءَ جامَ ري؛
ڪڏهن پَسي ڪا نہ ڪا، رِءَ لالَنَ لالائِي؛
دُودُ دِلِ تان دُورڪَري، ڪَرِ، ساجَنَ! صَفائِي؛
مَنۡ لاَ شَيۡخُ لَہٗ فَشَيۡخُہُ الشَّيۡطَانُ، اِنَ رِءَ اُونداهِي؛
هُوءَ جا هَلِي هيڪِلِي، سا ڪِيرَبَ گمائِي؛
بِلَا شَيۡخ مَنۡ يّمۡشِيۡ فِی الَّطَرِيۡقِ، اِهڙِي اَوائِي؛
تنهن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٿِيَنِ ڪيتَرِيُون.

4

پـنِـيءَ تا پَرِينِ، ساٿِيُنِ سَندَ هَٿَنِ ۾؛
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چئي، مُون کي مَنجُهه نہ ڏِينِ؛
هوتُ پُنهون تا نِينِ، اَسُونهِينءَ جو آجِڪو!

5

پڻ تا پَلاٽِينِ، اونِي اَڄُ اُباڳرا؛
پَهَ پاريسِيُون پاڻَ ۾، ڏيرَ ڏِهاڙِي ڏِين؛
هوتُ پُنهون تا نِينِ، ٻاروچِي ٻولِي ڪَيو!

6

دوڪَ دَهلِيا جِتِ، گوُرا هَلَنِ نہ گسَ ۾؛
چَؤسالَ ئِي نہ چَلِٽا، تِي تَنگَ نِهاري تِتِ؛
سُوڙِي اُنِين، سَيَّدُ چئي، پوءِ پانچارِيَن پِرتِ؛
اِنَ اَڙانگي پَندَ جِي، ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ؛
سَسُئِي وَڏِي سَتِ، جا اَهڙِيءَ پَرِ پَندُ ڪَري.

7

”هَيءِ! هَيءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، تِي پاڻ هٿي سِرِ پاهِٽين؛
لَڏائِين، لَطِيفُ چَئي، جُوءِ جَتَنِ جِي جاءِ؛
شُڪُرَ، بارِ! سَنداءِ، سُتاٽي ساٿِ مڙِي.

## داستان ٿيون

1

اَللهَ ڪارَڻِ، اونِيا! ليڙا نِيو مَ لُرَ؛
نِيو نِماڻِي پاڻَ سين، ٻانِهِيءَ جهلي ٻُرَ؛
مُون کي ماري مَنجِهه تِي، سَندِي هوتَنِ هُرَ؛
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.

2

ڪيچان اوري ڪيترِيُون، مَعذُورِيُون مُيُون؛
واٽُون وِيهَ ٿِيُون، ڪُهُ جاڻان ڪيهِي ويا؟

3

كيچان آيو قافِلو، جُنگُ سُونهارِيءَ جوڙَ؛
تَلِيارا توڏَنِ كي، ڳِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ؛
دؤلَتَ چايان دوڙَ، جي مُون نِيو پانڄَ سين.

4

جهوُڙا جن جُهلُنِ ۾، هِيري لَکَ هَزارَ؛
لَڳا واٺَ وَٺَنِ جا، پُنهونءَ کي پالارَ؛
آن کي ويندا گڏِيا، اَهِڙِيءَ سِٺَ سُوارَ؟
لَنگِهي كالَهه قَطار، ٿُون، آئِي! اَڄُ نِهارِئين!

5

مِزِمانَنِ مَهرِي، آٺي جهوكِيا جهوكَ ۾؛
چاٿي چَنبَنِ ۾ وِيا، جِئن بازُ سَٿي بَحرِي؛
كوهِيارو ڦَهرِي، وِيو نِهوڙِي نِندَ ۾!

6

مُون پانيو مُون وَٿِ، هَميشَهَ هُوندا پِرِين؛
ويڙهو ڏيئِي ويكِرو، پَهري وِيا پَٿِ؛
ساهُ جنِين جي سَٿِ، وِكِيُمِ ٿي وَٽِكارِ ۾.

7

مُون پانيو مِزِمانَ، هَميشهَ هُوندا پِرِين؛
كُهِي كَمِيٽِي هَليا، كَهِلَ كَيائُون كانَ؛
ڏيئِي ويا ڏاهِ كي، سُورَنِ جا سامانَ؛
جورو راتِ جُوانَ، جيڏيُون! جَتَ كَري وِيا!

8

بِرِهَ مَٽايُسِ بَرُ، ناتَ سُكِي كيرَ سَڌُون كَري؟
گهٽو ڏورِيائِين ڏُكَ سين، ڏيرَنِ لءِ ڏُونگَرَ؛
ورِي آيُسِ وَرُ، سَفَرَ مُئِيءَ جا ساب پِيا.

9

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪَيو؛
نِهارِينديَسِ نِڪرِي، بوتَنِ ڪارَڻِ بَرُ؛
آڏو ٺَڪَرَ ٺَرُ، متان روهَ رَتِيُون ٿِئين!

10

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾، لَڪين آڏا لَڪَ؛
هُو جي آڏا حَقَ، سي ڪَندا ڪوهُ ڪَندِيُنِ ڪي؟

## داستان چوٿون

1

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، آرِيچا اَڻلامَ؛
آنداڻُون آريءَ جا، پُنهونءَ ڏي پَيغامَ؛
پَهُ ڪَياڻُون پاڙَ ۾، مُنهان مَخِفِي مامَ؛
سَنيُورا ساٿُ ڳَڻِي، ويساهي وَرِيامَ؛
ڪاڪِيُون! راتِ قِيامَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

2

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ؛
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَول قِيامَ جا!

3

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙِهِيءَ يَنيا ڏيرَ؛
ڏِيندِيَسِ ڏاڍِين ڏُونگرين، اُنِين لَءِ اُليرَ؛
ڪيچِ پهچي ڪيرَ؟ وجڻَ سين وَسُ ڪَرِيان.

4

جَڏِيءَ وَتِ جالي، مانَ اَللهِ ڪارَڻِ لِڪَ سِيئن؛
آهي آريءَ جامَ جي، هِتِ هُتِ حوالي؛
عَيبَ مُون اَگِرا، مانَ نِرَمَلُ نِڪالي!
پَرِتياڻِي پالي، ڪامِلُ نِيندو ڪيچَ ڏي!

5

پَرِٿَنِ جي پاڙيِ، جاڙَ گُذارِيَمِ، جيڏِيُون!
جنِين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سين ساڙيِ؛
اِرادي آٽيِ، سانگِيُنِ سين سَگُ کَيو.

6

اَسِين پاڻَ پَرِٿَ، پورهِيَتَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
هوتُ ڪَٿُورِيءَ هيرَئون، مُون ۾ صابُڻَ ڇَٿَ؛
آتَڻَ مَنجِهه اُگهٿَ، ڪانڌُ ڪنهِين ڄِي مَ ڪَري!

7

آئُون تان اَهڙياءِ، جا ٻانهِيءَ کي ٻائِي چوان؛
مُون ڪَمِيٽِيءَ لاءِ، پُنهون ٿي پَرِٿُ ٿِيو.

8

ڳَڏِيو ڏوٻِيُنِ ڏوءِ، پُنهُونءَ پارِچو هَٿَ ۾؛
اُتي آرِيءَ ڄامَ جو، قاصِدُ آيُسِ ڪوءِ؛
اِيُ، ڪامِلُ! ڪَمُ نہ سَندوءِ، ڄِڻَن پَهَسَ پَڇاڙِئين پوتِئين.

9

نَڪو ڪيچُ پَنيورُ، نَڪو مائِٽُ مُنڌَ جو؛
هورُ مِڙوئِي هِنَ کي، هوتَنِ ڪونهي هورُ؛
زارِيءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبِيبَ سين.

## داستان پنجون

1

جڻن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگردان سَنسارَ ۾؛
هِيُ پَڳُ نہ ڪوڙي پَٽِئين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نہ ساهُ؛
جيڪُسِ تن مُلاءُ، سَسُئِيءَ سُورَ پِرائِيا.

2

راتِ ڏِنائِين روجَھہ، ڀانءِ ڪِ اوٺِي آئِيا؛
پِرِيَتَڙي پِرِيُنِ جي، سِڪَڻَ ڪِي سَبوجَھہ؛
هُئِي گھڻو اَبوجَھہ، سُورَنِ سُنهائِي سَسُئِي.

3

سَمَرُ جنِين نہ ساڻُ، هوتُ حِماتِي تن جو؛
ڪَري ڇيجَ ڇَپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻَ؛
ٿِيندِي رِيجَھ رِهاڻِ، لَحظي مَنجِھہ، لَطِيفُ چئي.

4

سَسُئِيءَ لَنگِھيو سو، مَردَ جنهن ماتِ ڪَيا؛
جَبَلُ وڏو جو، نوُڙِ مِڙوئِي نِينهَن کي.

5

ڇَپَرُ ڇَمَرُ پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو؛
پَبُ وِجھندِيَسِ پُٺِ تي، صُبُحَ سَوارو؛
وَجَڻَ مُون وارو، ڪينَ وِهَندِيَسِ وِچَ ۾.

6

ڇَپَرَ ۽ ڇَمَرَ، ٿا لَڳَهَ لَڳِنِ پاڻَ ۾؛
ڏاڍا ڏُونگَرَ ڪَرڪَرا، ويڏَ، وِنگايُون وَرَ؛
آئُون پِيادِي پَٿِئين، نِماڻِي نِڌَرَ؛
سُورِيُون جِتِ سَڳَرَ؛ اُتِ باتاڙِيءَ ٻِيلِي ٿِئين!

## داستان ڇهون

1

آڏَ تِراڇا، آهُڙا، ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
ڪَيَمِ آهَ عَجِيبَ کي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا؛
پيئِي هٿِيڪِي هوَتَ کي، ڪُوڪَ وَڄِي ڪَنِ ڪا؛
مُنهنجو وَسُ واڪا، ٻُڌَڻُ ڪَمُ ٻَروچَ جو.

2

آڏَ تِراڇا، آهُڙا، ڏُونگَرَ ڪي ڏاڪا؛
وَڻِي وَرُ واٽَ ٿِيا، ٻَرِ چَڙهِي باڪا؛
ڦَٽِيا پيرَ فَقِيرِ جا، چَڙَهندي چَڙهاڪا؛
هُيَنِ جِيءَ اَندَرِ جا ڪا، وِيا پُڄائي پانهِنجِي.

3

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ ٻَرَپَٽَ، سُڄَڻِ ٻَيرانُ؛
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وِسِرِي، ٿِيا حَرِيفَ ئِي حَيرانُ؛
سَسُئِيءَ لَنگِهيو، سَيَّدُ چئي، مُحَبَّتَ سين مَيدانُ؛
جنهنجو آرِياڻِي اَڱِوانُ، تَنهن ڪانهي باڪَ ٻَهِيرَ ۾.

4

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ جَبَلَ گُوناگُونِ؛
ليڙَنِ جُون، لَطِيفُ چئي، تَنگِ تَنوارُون پُونِ؛
جنِ ڏِنو پيرُ پُنهونءَ جو، سي نہ ڪي رُون، نہ ڇُونِ؛
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

5

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ وِيا روڏا رِنگائي؛
ساڳاپي سيڻَنِ جي، ٿِي وِندُرِ واجهائي؛
رَهيَسِ، رَسُ، لَطِيفُ چئي، تنهن ڪَمِيڻِيءَ ڪاهي؛
آرِياڻِي آهي، مَنَهِن مَعذُورِنِ جي.

6

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ مِينهَن وَسَنِ ماڪُون؛
سُڄَڻِ ٿِيُون، سَيَّدُ چئي، هاڙهي جُون هاڪُون؛
جِتِ اَنڌيُون اوطاقُون، تِتِ ڪاهي رَسِڄِ، ڪارَڻِي!

7

ماڻِڪُ مِٺُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجِهرو؛
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نہ ويندومِ؛
سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻِي.

# داستان ستون

1

پُنهونءَ سين پِريتِ جو، ڪو جو پيچُ پِيومِ؛
پَنِيي هِنَ پَنيورَ ۾، وِهَڻُ وِهُ ٿِيومِ؛
مَتِيُون موٺڻَ سَندِيُون، ڪاڪِيُون! ڪِيمَ ڏِيومِ؛
سَرَتِيُون! ساهُ سَندومِ، ٿِيو حَوالي هوتَ جي.

2

ڏانجَهنِ تي ڏانجها، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
لَڳِيَسِ نائُڪَ نِينهَن جِي، ڪُڙِه اَندَرِ ڪا جا؛
ٿـرَنِ ۾ ٿاجا، ڪَري مُنڌَ مِرُنِ سين.

3

ڪو مُنهِن ڪُنَلِ آئِيو، وَسِ نہ ويچارِي؛
هوتَ! تُنهنجي هَٿَ ري، پَهُچي نہ پارِي؛
اَچِين جي، آرِي! تہ پاندَ پُڄِي، لَڪُ لَنگهِيان.

4

ڪَڏِهن تان ٻاجَهہ پَئِي، ساڄَنَ! مُنجُ سَلامُ؛
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپِرِين! ڪَيو تَنُ تَمامُ؛
هَٿين هاجَ وِهُ ٿِي، نيٽين نِندَ حَرامُ؛
دوسَ! نہ سَهان دامُ، ٿُون وِندُرِ ٿو ويلا ڪَرِين!

5

ٻَرُ مِڙوئِي ٻُوءِ، ڇَپَرَ ڇاڻُون مُڪِيُون؛
ٻَهِ ٻَهِ ٿي پَنيورَ ۾، هَنڌَ مِڙيئِي هُوءِ؛
راٽِيُنِ وَرِي روُءِ، گُوندَرَ لَٿا گولِئين.

6

جَتَنِ سان جانئُون، سَرَتِيُون! مُون سَگُ ٿِيو؛
ڪَري ڪوهِيارو وِيو، تَنُ چِنِي تانکُون؛
آئُون پڻ تَڏانکُون، اَڏَ ڏُکوئِي آهِيان.

7

مَتان ڪا، ٻَڙِي! ٻولَ ٻاروچي وِسَهي؛
هُوندَ نہ سُتِيَسِ، سَرَتِيُون! ويهِي رَهِيَسِ وَڙِي؛
جَتَ پَنهنجي جُوءِ ۾، گهارِينِ مانَ گهڙِي؛
ڪيچِيُنِ آئُون نہ ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکِيءَ ڏاوَڻُ ڏائِيو.

8

اَدِيُون! آئُون نہ تِيئَن، جِيئَن پِرِيَتَٽو پِرِيُنِ سين؛
ٻَڌِي سُتِيَسِ نہ سوگهو، ڇَلَّوَرُ ڇاتِيءَ سِيئَن؛
ڪيچِي ڪاهي ڪَرَها، مُونهان وَڃَنِ ڪِيئَن؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏِينهَن، پُنهونءَ کي ڪا مَ ڇَئي.

9

وَرَ! مَ وِساريج، آهِيان تُنهنجي آسِري؛
ڏادِو ڏُونگَرَ جو سُڃي، سو لُطفُون لَنگهائيجِ؛
اُسِرِي اُتَهِين، وِيرَ! تُون، آرِي جامَ اَچيج؛
نِماڻِيءَ کي نُورَ سين، لالَنَ! لَڏائيجِ؛
ظُلمَتَ جا زمين جِي، سا نِرمَلَ! نُورُ ڪَريج؛
ڪامِلَ! ڪَنِ ڪَريج، فَريادِيُون فَقِيرِ جون.

## وائي

ڇورِي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، ٻاروچلَ! ٻانهِي؛
جانِبَ جَهڙو جَڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي؛
پُنَهَلَ! نِيو پاڻَ سان، پورِهَيتِ پَرَڻياڻِي؛
پورِهيو ڪَندِيَسِ پِرَ جو، پَرِيندِيَسِ پاڻِي؛
هوتَ! مَ ڇَڏِيو هيڪِلِي، هِيءَ جا وِندُرَ وِڪاڻِي؛
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِيندُمِ آرِياڻِي.

# سُر ڪوهياري

## داستان پهريون

1

لَيّلَ نہ جاڳِينءَ لِڪَ سِيئَن، ڪُلّي نَوَمُ ڪَياءِ!
قُمَ تِي، پَهُچُ قَرِيبَ ڪي، اِجَلِسٌ تو نہ جُڳاءِ؛
مُنِي! مهِمانَنِ سين، ويهِي راتِ وِهاءِ؛
جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهِين تِي راهَ ۾.

2

اِجَلِسّ ڪَري اُٺِيا، تَنوارِيو توڏَنِ؛
نَوَمَ نَوازِينءَ؛ اُن جي، مَرَحَبا موڏَنِ؛
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَلّيَوَم سِيَرُوَا، سَسُئِي.

3

غافِلِ! غَفِلَتَ چوڙِ! ٿُون ڪِيئَن، اَٽاسِي! اوجِهرين؟
چُپاتا چَڙهِي ويا، وجِي پَهُتا توڙِ؛
نيٽِين نِندَ اُڪوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.

4

آلوڙو اَکيِنِ، آيَمِ نِندَ اَياڳَ ڪي!
هاٽِي هِنَ پَنيورَ ۾، گهارِيان ڪارَڻِ ڪِن؟
اَديُون! اونِيَڙَنِ، هِنئِين سان هاجو ڪَيو.

5

سُتِينءَ پَير دِگها ڪَري، وَڏِي جاڙَ ڪَياءِ؛
دَرَ يَرِ اُپِئين دوسِتَ جي، تہ سُرِ پُرِ هُوندَ سُياءِ؛
اَصلِ آرِيءَ جامَ جِي، سَڳِي تُون نہ سِياءِ؛
پُنهُونءَ سين پِياءِ؛ تِي، نِياڳِي! نِندُون ڪَرِين!

6

اِيُ ڪَمُ ڪَمِيڻِيَنِ، جِئن سُمَهَنِ پيرَ ڊِگها ڪَري؛
لوڇين ڇو نہ، لَطِيفُ چئي، هارِي! لَءِ هوتَنِ؛
نِنڊان نِياڳِينِ ڪي، اوپالا اَچَنِ؛
سي پُنهُون ڪوه پُڇَنَ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهِي.

7

سُتِينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئِنِ جِئَن؛
اوجاڳو اَکِيُنِ کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئِي؛
هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڪَچو ڪيچِيُنِ ڪَرِين!

## داستان ٻيو

1

ڏُونگَرَ! تُون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايُون ڪَرِين؛
مُون تَنَ اَندَرِ تِيئَن وَهِين، جِئن وَڻُ وَڍِي واڍو؛
اِي ڪَرَمَ جو ڪاڍو، ناتَ پَٿَرِ ڪيرَ پَنڌَ ڪَري؟

2

ڏُونگَرَ! ڏُکَ سَنداءِ، پِرِين گَڏِجان تہ چوان؛
پِنِيءَ ٿِئين پَوارَئون، ٻِيا وِنگا وَرَ سَنداءِ؛
چِڱِي ڪانَ ڪَياءِ، پَيرُ وِڇايُءِ پِرِينءَ جو.

3

ڏُونگَرَ! ڏوراپو، پَهِريون چَوندِيَسِ پِرِينءَ کي:
”پَهَڻَ پيرَ پِٿُون ڪَيا، تِرِيُون ڇِنيُون تو؛
رَحمُ نہ پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنهِنجو ڪو؛
واڪو ڪَندِيَسِ: ’وو! مُون سان جَبَلُ ٿو جاڙُون ڪَري!‘“

4

ڏُونگَرَ! ڏُکوِيُنِ کي، دِلاسا ڏِجَنِ؛
گهڻو پُڇجي تِن کي، جِن وَٽان هوتَ وَڃَنِ؛
تُون ڪِئن سَندا تن، پَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِيين؟

5

ڏُونگَرَ! ڏُکويُنِ کيِ، ڳَلِ نہ سُکا ڳوڙها؛
هُو جي پَهَڻَ پَٻَ جا، سي پَڃِي ٿِيا پورا؛
گُوندَرَ جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪَيو!

6

ڪي جي ڪَڍِيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏُونگَرَ پاڻَ ۾؛
سُٽِي سا تَنوار، مِرُون پِيا مامري.

7

ڏُونگَرَ پُونيِنِ ڪِيرَ، سَڃَڻَ ميخُون ڏُونگَرين؛
هَهڙا سيڻ سُڌِيرَ، ڪِينَ لَهَندِينءَ ڪي ٻِيا.

8

ٻَئِي وينا رُوَنِ، ڏُکِي ڏُونگَرَ پاڻَ ۾؛
ڪنهنکي ڪِين چَوَنِ، مَنجِهنِ جو پِرِيتَڻو.

9

تَپِي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگَرَ! ڏُکويُنِ ڪي؛
تُون جي پَهَڻَ پَٻَ جا، تہ لِڳَ مُنهِنجا لوهُ؛
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مُون سين اِئن ڪَيو.

10

ٻَڙِيَ! تہ ٻيلِي گهٽا، ساٿِي پُڇي سُکُ؛
رَفاقَتَ رُجُنِ ۾، ڏُونگَرَ ڪاري ڏُکُ؛
آرِيءَ جو اَهُکُ، مُون رَهَنُما راه ٿِيو.

## داستان ٽيون

1

مُون کي چَڏِ مَ ڇپَرين، هِت، هوتاڻِي! هاڻِ؛
اوڏِي مُندَ اُنَنِ ڪي، اَللّٰهَ ڪارَڻِ آڻِ؛
پورهيو ڪَندِيسِ پاڻِ، اَڳيان آرِيچَنِ جي.

2

مُون کي چَڏِ مَ ڇپَرين، پوءِ رَهايَسِ ’پاڻِ‘؛
جي پُلايُون پاڻِ، تن کي رَسُ، رَسِيلا، راهَ ۾.

3

سُتي پَوَنِ چِرِڪَ، آيَلِ! ٻاروچَنِ جا؛
وَمَ وِهاڻِي، وو! ڙي! ڪوهِياري ڪِرِڪَ؛
ڏَڙُ ڏُوڙِيو تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جِئڻ نہ ٿِئي!

4

سُتي پَوَنِ چِرِڪَ، آيَلِ! ٻارَوچَنِ جا؛
پُنهونءَ جي پَيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ؛
هَنيَمِ هوتَ ڪِرِڪَ، لوچان، لوهُ نہ نِڪري.

5

جيهِي جي تيهِي، تہ بہ ٻانهِي ٻاروچَنِ جِي؛
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَمِيڻِي ڪيهِي؟
اَصُلِ آرِيءَ جامَ جي، پَليءَ آءٌ پيئِي؛
هُوءَ جا پائِينِ پيرَ ۾، تنهن جُتِي نہ جيهِي؛
وِساري ويهِي، تن ڪيچِيُنِ کي ڪِيئن رَهان؟

6

هُئِي، جي نہ هُئِي؛ تہ بہ ٻانهِي ٻاروچَنِ جِي؛
اِنَ سَڳَ مُقابِلِ سَسُئِي، سَندِيَنِ ٿي سُئِي؛
هُنِ تان لَجَ لُئِي، هِنَ جو هَلَڻَ هوتَ ڏي.

## داستان چوٿون

1

ڳائِي نہ وائِي؛ اَڏِيُون! آرِيچَن جِي؛
ڪنهن پَرِ ڪَهِي لَنگِهيان، جَبَلَ جهاجهائِي؛
جيڪسِ واجهائِي، هاڻي مَرَندِيَسِ هوتَ لَءِ؟

2

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مُون نہ وَسِ؛
اَللهَ! آرِيچَن جِي، گولِي ميڙِئين گسِ؛
پرِين، پَنهوار! تو پُڇان، ڏُونگرِيا! مُون ڏَسِ؛
اَکِينِ جِي آرَسِ، مُنڌَ جيهائِي جوڙَ کِي.

3

مُون کي جنِين مارِيو، آن کي گڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقَتَ ناهِ کا، اَدا! اُنِين ري؛
سُورُ سَلِتُمِ تي، جيلان ڳالھِ ٻُرِي ٿِئِي.

4

مُون کي جنِين مارِيو، سُڄاتِمَ سيئِي؛
پُنهون پَيڪانَ پَچَندِيا، ٻِلَنِ تان ٻيئِي؛
ويڄَنِئون ويئِي، ٿِي وَهِيٽِي سَڄَڻين.

5

پَرَتَوو پُنهونءَ جو، سَهائِي، سِياهُ؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيو، رَنگارَنگِي راهُ؛
پَهرِين ڏِيندا پاهُ، پوءِ رَڱِيندا رَڱَ ۾.

6

پَرَتَوو پُنهونءَ جو، رُڳِيائِي راحَتَ؛
پانئِيان ڏِينهُن پَوارئون، ساڄَنَ لاءِ صِحَتَ؛
مِنِي مُصِيبَتَ، آرِي جامَ جِي.

# داستان پنجون

1

رِءَ قَرِيبَنِ ڦُوٽُ ڪَيو، وينِي وِرِهُ چَران؛
اِنَ عَذابان اَگهِين، مادَرِ! چو نہ مَران؟
اَدِيُون! جو نہ اَوهان، سو مان سُر سَرَتِيُون!

2

اَڏيُون! اڳِهي آهِيان، پِرِيُنِ پُڄاڻا؛
سي ڪوهِيارا ڪيڏِ وِيا، ساڃَنَ سِياڻا؟
جي سَسُئِي سيباڻَ، سي وڃِي ڪيچِ قَرارِيا.

3

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان ڏَرِي؛
لَڳِي ماٺِ مِرُوئَنِ کي، ڏُونگَرَ پَوَنِ ڏَرِي؛
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوپَرِ اُپِري ڪِينَ کِي.

4

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان زبانَ؛
لَڳِي ماٺِ مِرُوئَنِ کي، رسي سُورُ شَبانَ؛
تاڪَرِ تِکي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَڃي.

5

سارِيان ٿِي سَبِيلَ، پُرِ تَقصِيرُون پاڻَ ڏي؛
مَتان مُون کي ڇَڏِئين، آرِي جامَ اَصِيلَ!
وَرُ وِلَهِنِ جا وَسِيلَ! رَسُ، رَهَبَرَ! راهَ ۾.

6

سرَتِيون سُوراتِنِ جي، ڪوهُ تِيون پَٽَرِ پَوَنِ؟
گهاءُ نه لَڳُنِ گهٽَ جو، رِيا مان تِيُون رُوَنِ؛
چِيتارِيو نه چَوَنِ، پارَ مُنهِجي پِرِينءَ تان.

# داستان ڇهون

1

ڪَنهِن پَر رُئان پِرِينءَ کي؟ اَندَرِ ناهِ اُساٽ؛
لوهُوڪا لَڪَنِ ۾، ويرِي مَٿي واٽَ؛
ڇَپَر ۾ ڇُونچاٽَ، ڏِڻَمِ ڏُکويُنِ جا.

2

ڪَنهِن پَر رُئان پِرِينءَ ڪي؟ پَڇَڻَ ناهِ پَچارَ؛
اَندَرِ ٿِي آهُون ڪَرِيان، ڪاٽِي مَنجِھ خُمارَ؛
ڳِرِيِي جِي گُفتارَ، ٻِيءَ پَتِ ٻاروچَنِ ۾.

3

سُڄَ وَسَندِي تن ڪي، جوشَ جَلايا جي؛
طالِبَ جي تحَقِيقَ جا، نِينهُن تنِين وَٽِ ني؛
ٿيڏِي پَسي ٿي، هُو تان آهي هيڪِڙو.

4

ٻِيُون ڏيئِي ٻَنِ ڪي، هَلِڄِ پاسي هيڪَ؛
وَرُ نہ سَهي ويڪَ، ٿُون، ٿيڏِي! ٿِئايُون ڪَرِين.

5

اَجا ٿُون اَواٺَ، واٺان پاسي ويسِرِي؛
سُونهِين ٿِي سُواٺَ، تہ مَنجهان دِلِ دَڳُ لَهِين.

6

پانهِين، پسِي پَٻُ؛ مَتان ڪا، مُنڌَ! ڏِئِين؛
اَڳِيان ڪَوُ مَ ڪَٻُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچَ ڪي.

# سُر حسيني

## داستان پهريون

1

لَڙُ مَ، لاڙائُو ٿِيو، هَلِي ڪَرِ هِمَٿَ؛
سِڄُ سامُهون مُنهَن ۾، مَتان ڪَرِئين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، ٻاڙهي سِڄ ڳالهِ مڙِين.

2

اُلَهي سِڄَ اَويرَ ڪِي، ڏِنائِين ڏونگرُ؛
سَسُئِيءَ ڪي سَيِّدُ چئي، سُورَن جو سَمَرُ؛
ڪُنَلِ رَکِيو، ڪَرُ، ويچاريءَ وَٽِڪارَ تي.

3

وينِي مُون وِيو، لَڙِي سِڄُ لَڪَنِ تان؛
آئُون ڏُورِيندي ڪيترو، پَهَڻن پيرُ پِيو؟
سُورَنِ ساڻُ سِهو، اَچي تِيُمِ، جيڏِيُون!

4

سَرَتِيُون! سُڄي سُڄَ، مَتان ڪا مُون سين هَلي؛
پاٽي ناهِ، پَنڌُ گهڻو، اڳِيان رائو رُڳِي رُڃَ؛
مَتان مَرِي اُڃَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرينءَ ڪي.

5

پَٽِيءَ نہ پيرونِ، اوڏِيءَ ڇَڪَ نہ ڇَميا؛
پويون هِيُ پيرونِ، نِينهن نِباهي هَليا.

6

سُيءِ ڪا تنوارَ، ڪِي هُنئِين تِي هَٿَ ڪٽِين؛
سَوين رُليُون سَسُئِيون، هوتاڻَنِ هزارَ؛
ٻاروچاڻا ٻارَ، توڙان تَرسُ نہ سِکيا.

## داستان ٻيو

1

ڪِي ڏَرَتَتِي، ماءِ! ڪِي جِرَ سَندِي سَجَڻين؛
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنِين جيرَنِ وِچَ ۾.

2

مَتيان مَتي مَڇُ، بَرِيُمِ ٻاروچَنِ جو؛
مُون کي طَعنا تي ڏِئين، جئن نہ پَرُوڙِئين سَچُ؛
اَمڙِ! اوري اَڃُ، تہ سِڻَ سُڻايَنءِ سُورَ جِي.

3

مَتي مَنجهانِ مِينهُن، پَسو! پاڻيءَ جئن وَهي؛
مُون پانيو نِينهُن، جِيِيُون جيري سَندِيُون.

4

منجهان مُنهنجي رُوحَ، جي وَجي ساجَنُ وِسِرِي؛
تہ مَرُ لَڳِي لُوهَ، ڻَرَ ٻاٻِيهو تِي مَران!

5

پَهِي ڪامَ پِجاءِ: اَمَڙِ! مُنهنجي آسِري؛
ڏيئِي لَتَ چَرخي کي، پُوڻِيُون پاڻيءَ پاءِ؛
ڪَتِيُمِ جنهِين لاءِ، سو ڪوهِيارو ڪيچِ وِيو.

6

ڪوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! ڪوءِ پُنهون، ٻَنِ پرِيَتَڻو!
مادَر! مُون مَوتُ، پَسَڻان پرائيو.

7

ڪوءِ ٻولِي! ٻَنِ ٻَروچُ! گهورِي ذاتِ جَتَنِ جِي!
مُون ڪي چَئِي "لوچُ"، پيهِي وِيا ڇَپرين.

8

جِئن جِئن تَپي ڏِينهُن، تِئن تِئن تاٽي پَنڌَ ۾؛
ڪو آڳانجهو نِينهُن، ٻانيَڙِ ٻاروچَنِ سين.

9

جان جِئَين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري؛
تَتِيءَ تَڏِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.

10

تَتِيءَ تَڏِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي؛
مَتان تِئِي اُونداهِ، پيرُ نہ لَهِين پرِينءَ جو.

## وائي

شاديءَ جو سِينگارُ، آيَلِ! مَرَڪُ مُنهِجو مُون پرِين.
آهي ڳِهُ ڳِچيءَ جو، ڏِئي هالورا هارُ؛
آهي اُگهاڙِين ڪيءَ جانِبَ جو جنسارُ؛
آهِئين ڪاڄُ ٻُڪِيَنِ جو، تُون تان طَعامُ تيارُ؛
اَعليٰ اَچو عِيدَ ۾، دوسِتاڻو دِيدارُ؛
حُسّنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ڪَڪورِيو ڪوهِيارُ؛
سُجَ ڪَيائِين سُرَهِي، واسِيائِين وَٽِڪارُ؛
ڇَپَرَ ڇاڻُون مُڪيُون، عَطُرُ ڦِيو آوارُ؛
ڪوڙِيين ڦِيا ڪيترا، نالي تان نِثارُ؛
سَدا صلابَتَ جِي، گولِي گرِفتارُ؛
گهورِيان گهرُ گهِتِيءَ تان، اَچي جِئان آذارُ؛
اَدِيُون! عَبّدُاللَطِيفُ چئي، مِليو مُون مَنَنارُ.

# داستان ٿيون

1

ڪو ڳُھمندي ڳھورُ، آيُمِ ٻاروچَنِ جو؛
ڇَڏِيندِيَسِ ڀَنڀورُ، ھِنئون ھِتِ نہ وِندُري.

2

ڀَنڀورَجَنِ سُڳَنِ، مُون کي ساٿان ڪارِيو؛
ھاٿي سانڍُ ڏُڳَنِ، تان ڪِي ڏُونگرَ ڏورِيان.

3

ڀينَرُ! ڀَنڀوران، ڀَڄو تان اُبَھو؛
اَڳِي اِنَ ماڳان، سَرَتِيُنِ سُورَ پِرائِيا.

4

ڀينَرُ! ھِنَ ڀَنڀورَ ۾، دوزَخَ جو ڏُونھون؛
سَوارو سُونھون، پُڇِي پُورِڇ، سَسُئِي!

5

ڀَنڀوران اُجاڙُ، سَرَتِيُون! سَگَرُ پانئِيان؛
مُون سين تنھن پَھاڙُ، ڏُڪان ھَڏِ نہ ڏوريو.

6

اُجاڙان ڀَنڀورُ، سَرَتِيُون! سَگَرُ پانئِيان؛
آرِياڻِي اَتورُ، ڏِٺُمِ جِتِ اکينِ سان.

7

پُلِيو سَڀُ ڀَنڀورُ، جو پُنِيءَ ھوتَ نہ ھَليو؛
شَھرَ سُڄاتو ڪِينَ ڪِي، آرِياڻِي اَتورُ؛
ماڻِيو تنِين مورُ، ديکِيو جنِين دِلِ سين.

8

ٻُرو هو ڀَنڀورُ، جو آرِياڻِيءَ اُجارِيو؛
لاٿو سَڀَ لوڪَ تان، هاڙهي ڏَڻِيءَ هورُ؛
چورِيُون چُرَڻُ سِڪيُون، پُنهون ڪَيائُون پورُ؛
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏُکيُون ڏِکَ وِهارِيُون.

## داستان چوٿون

1

لَڄايا مُونهان، ساجُهرِ تي سيڻَ وِيا؛
ڀِيَنِ ڀَنڀوران، سُڌِ مُنهنجي ذاتِ جي.

2

آئُون جي هُيَسِ هَڏُ، اَدِيُون! آرِيچَنِ جو؛
ساٿَ لَڏِيندي سَڌُ، هُوندَ کوهِيارا ڪَرِينِ مُون.

3

هُيَسِ جي سِياءِ، تہ ڪَيُمِ ڏُکُ ڏيرَنِ تي؛
اَدَبَ وچان اُنِ سين، ڳالهِ نہ ڪَيَمِ ڪاءِ؛
ذات مُنهنجِي، ماءِ! ڪَچو ٿِي ڪيچِيُن کي.

4

ساٿِي توءِ هَلَنِ، پَٿَرِ جي وارَ ڪَرِيان؛
جيڪُسِ ٻاروچَنِ، کو ڏِنو عَيبُ اَکينِ سين.

5

ساٿِيُن سَئِين نہ جاڳِين، پوءِ ڪُجاڙِيان روءِ؟
اِيَ پَرِ ڪُپَرِ هوءِ، جئن هُو سانگِي، ٿُون سُمَهِين.

6

مُون سَڏِيندي سَڏڙا، ساٿِي سَڌُ نہ ڏِينِ؛
وِلَهِيءَ جي وَٿاڻَ تي، توڏُ نہ تنوارِينِ؛
هيڏا هاجا ٿِينِ، ٻُري هِنَ ڀَنڀورَ ۾!

7

ڪَهان، تان ڪيچانَ پري! وِهان، تان وَٽِ مُون!
پُلِي ڏورِيَمِ پُون، عَبَٿُ آرِيءَ ڄامَ کي.

8

ڪَهان تہ ڪيچان پَري! سُمهان تان سِرَ هيٺ!
ٻاروچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيھِيءَ پَرِ ٿِي.

## وائي

هوتَ! هوتَ! اي هوتا! ڏِيَندِيس ماڻُ مِرُنِ کي؛
آئُون جَرا جِيُّ ڪَري.
ڏيئِي ٻاهِ پَنِيورَ کي، آئُون آيَسِ تو گِري؛
آرياڻِي پُنهونءَ ري، مُون کي، سَرِتِيُون! تان نہ سَري؛
جَندِي پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏَري؛
آءُ اوراھُون، سَپِرِين! وَڃُ مَ، پِيَّ! پري؛
مُون ڏِنِي، مُون وِسَهو، وِرچِي تان نہ وري؛
ڏُکِيءَ جي ڏيکارِئين، ڌاران مُنهَن مَري؛
پيالي پِرِيُنِ جي، موهِيَسِ ميٺَ ڪَري؛
آرِيءَ جي عِشقَ جِي، مُون کي اَندَرِ آگِ ٻَري؛
توکي توءِ نہ ڇَڏِيان، جي وَڃان پُونءِ ٽَري؛
ڏَڙُ وِجَهنديَس ڏُوڙ ۾، مَٿو ڌارَ ڌَري؛
هَلَڻُ سُٺِي هوتَ جو، ڏُکِي، پَسُ ڌَري؛
پِرين! ڪُٺِيءَ پانهِنجِيُون، اَڪِيُون ٻاجَھ پَري؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، مَنَ ڪا مَهرَ ڪَري.

## داستان پنجون

1

ليڙَنِ لَنگِهه لَسَ، مانباڙِيان مَٿي وِيا؛
وَ نِي وَرُ واٺَ ٿيا، پُنهون ڄامُ پَهَسَ؛
هُئا وَڏِي وَسَ، ٻاروچا پَنِيورَ ۾.

2

چِپُون چَپَرَ ڪَٺي، پَهَڻَ پَٿراٽِيُون پانئِيان؛
جتي رَهان راتِڙِي، مِرُون مُنهنجا مِٺَ؛
سيڻَنِ جِيءَ سَهَٺَ، ڏُونگرُ ڏولِي مُون ٿِيو.

3

مُسافِرِنَـئُون، ماءِ! وِرِه وِهايُمِ وِتَرو؛
اَچِي ٿِيَمِ اوچِتِي، تن سانگِيُنِ سين ساجاءِ؛
جِيجان! جَهلَ مَ پاءِ، هِنئون هوتَ هَٿِي وِيا!

4

ڪِيئن اَڙايُءِ پاندُ، پلؤ پَرَڏيهِيُنِ سين؟
مَتِيُون مُوڙهِيُءِ، سَسُئِي! ڪَيُءِ ڪوهِيارو ڪانڌُ؛
رُلِي! پانئِيُءِ راندِ، بانيَڻِ! عِشقُ بَروچَ جو!

5

مُنهنجو پاڙِيچَنِ، ڪَچو ڪونہ ڏِڪِيو؛
پاسي چَڙهِي پُنهونءَ جي، ذاتِ سَلِتِي جَنِ؛
تيلان باروچَنِ، نِڏَرِ چِڏِي نِندﭑ ۾.

6

حُسينِيءَ جِي هاڪَ، مادَرِ! مارِي آهِيان؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ؛
ڏِجان پَرِ فِراقَ، مَتان پوئِمِ پِرِينءَ سين.

7

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي؛
اَچِي اوطاقان، مُون کي پِرِيُنِ پَري ڪَيو.

8

ڦِرِي آءُ، فِراقَ! مُونکي وِصالان وِچُ پِيو؛
جي ٿي چِڪِيَمِ، سي پِرِينءَ گَڏِجِي پُورِيا.

## وائي

پُنھون پَريشانُ، بَرِ! بَرِ! نڪو خانُ نہ مانُ؛
ھيءِ! ھيءِ! حالُ مُنھِنجو.
مُونکي بُکَ بوتَنِ جي، ناقي پانئِيان نانُ؛
شَھرُ صَحرا پانئِيان، مُون ليکي مَيدانُ؛
رُئان تي رُجُنِ ۾، آرِيءَ لَءِ عُرِيانُ؛
پِنيان مُنھُن پَسَڻَ لَءِ، ھِتي تِي حَيرانُ؛
آھي آرِيءَ ڄامَ جو، مُون کي ڪارِي ڪانُ؛
ديوانِيءَ کي دِلِ ۾، سُورَن جو سامانُ؛
وِڇھڙِ پڪَ پينارِ تي، پرِيَمِ! ڪائِي پانُ؛
ڪَڏھِن ٿِيندو ڪيچَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ؟
آھِئين، عَبدُاللَطِيفُ کي، اڳِيان ٿُون اڳوانُ.

## داستان چھون

1

آيا آسَ ٿِيامِ، پاروچا پَنيورَ ۾؛
پَسِي پَھَرَ پُنھونءَ جي، نَنھَن سِيئن نيڻَ نَريامِ؛
گُوندَرَ وِسِريامِ، سُکَنِ شاخُون مُڪِيُون.

2

ڏيکارِيُسِ ڏُکَنِ، گُوندَرَ گَسُ پِرِيُنِ جو؛
سُونھائي سُورَنِ، ڪِي ھيڪانڊِي ھوتَ سين.

3

سَؤ سُکَنِ ساٿي ڏِيان، سِرُ پڻ ڏِيان سَٿِ؛
جي مُون مِڙي مَٿِ، تہ وِرِهُ وِھايان ھيڪِڙو.

4

سُورَنِ سانگھارو، ڪَڏھِن تان ڪونَ ڪَيو؛
آيَلِ! اوِيارو، پاڙوڏو پوڙَ وَھي.

5

لَڳُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٿِيا قَضاڪَ!
اَهُڪِي جا اُٺَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ!
اَڱڙِينِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهِيُنِ جو.

6

ڏُکويُون ڏيهان، جيڪُسِ لَڏي ويئِيُون؛
هاٽي ڪِنِ مُلان، پُڇان پِرِيُنِ خَبَرُون؟

7

مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سيڪنهِين، مُون وٺِ وَٺاٽانِ؛
پَرِيُون ڪَيو پُٽانِ، وَيا وِهائُو نِڪري.

8

پِيڙي پِيڙي ٻَنڌُ، سُورائِتِي! سَندِرو؛
ڪيچَ اَڳاهُون پَنڌُ، مَتان لَڪَنِ سين لَڳِي مَرِين!

9

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهورِيا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جنِين جِيءَ وِرُونهَن، سَجَڻُ آيو مان گِري.

## داستان ستون

1

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جڏهن پِرِينءَ ڪي؛
ڏورِيندِيُون ڏِسَنِ، اَڱَڻَ عَجِيبَنِ جا.

2

پُڇيو ئِي، تان پُورِ؛ ناتَ پُڇَڻُ هوءِ مَ پِرِينءَ ڪي؛
ڏورَڻَ وارِيُون ڏُورِ، هَڏِ نہ آهِينِ هوتَ ڪي.

3

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ، مَڇُڻِ مِلَڻَ سان ماٺِي ٿِئي.

4

آئون ڏورِيَنءَ، شالَ م لَهَنءَ! پِرِين! هُئين پَري!
هَڏِ نہ ساهَ سَري، تَنَ تَسَلِّي نہ ٿِئي!

5

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، ڇَڪِيَمِ چاڙهِيڪا؛
اَڊِيُون! آڙِيڪا، هِنئڙي پِيَمِ هوتَ سين.

6

جيڪا ڪَندي سَنگُ، مُون جئن ٻاروچَنِ سين؛
اَنگُنِ چاڙهي اَنگُ، رُئندِي سا رَتَ ڦُڙا.

## داستان ائون

1

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئون ٿي مَران، ماءِ!
پِٿُون ٿِيندِيَس پيرَ تي، ’هَيءِ! هَيءِ!‘ ڪَري هاءِ!
جِئڻُ مُون نہ جڳاءِ، پِرِيُنِ تان پاسو ڪَيو.

2

ڄاڻِي جي ڄاتومِ، تہ پوندو فلَق فِراقَ جو؛
اَڪَرُ اِرادَتَ جو، ڏُريائين ڏوتومِ؛
پوءِ تان ڪونَ ڪَيومِ، هُوندَ ڪَشالو ڪيچَ ڏي.

3

ڏُڪائِيندِي ڏُونهَڙا، مُنڌَ! سيٽانِي وَڄُ؛
پِرِياڻُونِ مَ پَيجُ، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِيين.

4

ڇِڄ مَ قَطاران، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِيين؛
مَچُڙِ ٿِئين پُئان، وَڳَ واٿَ ئِي نہ لَهِين.

5

پُڇيوئِي جان دوستُ، تان پاسي ڪر پَرهيزَ ڪي؛
جنِين ڏِنو هوتُ، تن دِينَ سَڀيئي دُورِ ڪيا.

## وائي

مُون ڪي ڇَپَرِ مَ ڇَڏيجا، باروچا! پَلَيءِ لَڳِي آهِيان.
چورِي ڇِنِي آهِيان، نِينهُن نِباهي نيجا؛
چورِي ڇَڏي ڇَپَرين، ڪيڇِي! ڪِيمَ وَجيجا؛
پُنهون مُنهنجو آن سين، ساٿُ سلامَتَ نيجا.
مون تان وَڙُ وِجائِيو، اَئِين پنهنجو وَڙُ ڪَريجا؛
جوڳِيڪو ويسُ ڪَري، سِگهڙِي سارَ لَهيجا؛
آرِياڻِي! عَبّدُاللَطِيفُ چئي، مُون تي وَهِلو وَرُ ڪَريجا.

## داستان نائون

1

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنهِين، مَنُ وِجُهلَڻَ وَڍِيو؛
ماريَسِ سُورَ تَنهين، جو نہ جِئاري، جيڏِيُون!

2

جِيءِ مُنهنجو جَنِ، اَنگڙِيارو وَڍِيو؛
پُجاڻا پِرِيَنِ، سِبان، سَجو نہ ٿِئي!

3

رو، وِسانئي راندِ، پَهَ پَرُوڙِج ساٿَ جا:
هوتَنِ سين هيڪاندِ، هُيَمِ باتي ڏِينهَڙا.

4

رُئَڻُ ۽ راڙو، مُون نِماڻِيءَ جي نِجُهري؛
ڪُنَلِ ڪي قَلبَ ۾، قُرب جو ڪاڙهو؛
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَسِ رَتَ سين.

5

روئِي ڪَندِينءَ ڪوهُ؟ هاڻي ڪو هوتُ وَري؟
جيڏيُون! جيڏوئِي ڪَيو، ساٿُسِ سينءَ سِتوهُ؛
ڊوهِي اَٿيان! ڊوهُ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري!

6

ڪاڻِيءَ مَ ڪانيو، مُنِيءَ مَنگُر مَ ڏِيو؛
هيڪَرَ اُجهايو، ڏيئي ٻُرَ لُهارَ جِئن.

7

تُون جي ڪالَهه مئِي، تہ ڪالَهه ئِي گَڏِينءَ پِرِينءَ ڪي؛
ڪَڏهن ڪانَ سُئِي، تہ ڪا سَگِهي گَڏِي سَڄَڻين.

8

اَڳِي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارَڳَ ۾!
مَٿي پوءِ پِرِيان، خُونُ مُنهنجو جيڏِيُون.

9

مَرُ، مَٿا ڏيئِي، پُنهونءَ ڪارَڻِ پَٻَ ۾؛
تہ سَرَتِيون سِپيئِي، واڪاڻِينِئِي وينِيُون.

## داستان ڏهون

1

واڪِيو واڪِيو وِڪ، پابوهِيو پيرُ ڳُڻي؛
سي نہ چَڙهندِيون ڏِڪَ، موڙي پيرُ، مَرَن جي.

2

وِجُهه وَڏَندِي وِڪَ، مَڃُڻِ لِڪَ لَڪائِيين؛
ڏُڪُ تِنين کي ڏِڪَ، حُبُّ جنِين کي هوتَ جو.

3

واڪو هَڏِ مَ لاهِ، سَڏَنِ مَٿي سَڏَڙا؛
مانَ تُنهنجِي ڪاءِ، سَٻگر ۾ سارَ ٿِئي!

4

سُورَنِ سانڍِياسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان؛
سُکَنِ جي، سَيَّدُ چئي، پُکي نہ پِيياس؛
جيڪسِ آئُون هُياسِ، گُرِي گُوندَرَ وَلِ جي.

5

ڪِينهي طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تِيارُ؛
ڏورِيان پيو ڏُڪارُ، گهورِندَڙَ ڪٽي وِيا.

6

ڪنهن جنهن نِينهَن نَنڌاهُ، جي مُون واجهائِيندي نہ وَرو؛
جيڪِي مُئي ڪنداهُ، سو جانبَ! ڪَرِيو جِئري.

7

مَتان ٿِئين مَلُورُ، ڪِينَ اَڳاهون آهِيان؛
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏُورُ، حَدَ ٻِنِين جي هيڪِڙِي.

## داستان يارهون

1

جِئن اُتُنِ آرِيءَ ڄامَ، اُئَن تان اونِيُنِ نہ ڪَيو؛
ٻڙڪِي ٻاهَرِ نِڪِتِي، ڳاڌِرِ مَنجهان ڳامَ؛
ساهُ ڏِنائِين سامَ، سُتِي سَٻَگَرَ پَٽِيين.

2

لَڪِيُون! آن لَڳا، ڪي پلَءَ پانڌِيَڙَنِ جا؟
توهان گهٽيرو، ماءِ! رُوندا اُوءِ رَٽُ وِيا.

3

ڏوتِيُنِ چَيُسِ "ڏُورِ، ڪيچُ اَڳاهُون پَنڌُ ٿِيو"؛
پاٽا چَڙهِي پُورِ، وِکَ وِڌائِين وِتَرِي.

4

سَسُئِيءَ جِي سِرِيءَ سان، ڪيچَ ڏٽِي ڪانڌِي؛
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرِينءَ جي، مُنڌَ هُئِي ماندِي؛
لَڪَنِ تان لَطِيفُ چئي، آرياڻِيءَ آندِي؛
پُنهونءَ پيراندِي، نِماڻِيءَ نَصِيب ٿِي.

5

هَيءِ ٿو وجي هوتُ، آئُون ڪِ اَڳِيَرِي ٿِيان؛
مَتان چوءِ بَلوچُ، ”ڪَمِيٽِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو“.

6

ڪَمِيٽِيُنِ هَٿان، ٿِينِ مُورائِين مَدِيُون؛
تُون ڪَر پاڻَ وَڙان، موٽُ سَڀاجها سُپِرِين!

7

نَڪِي ٿِيان سَگَ ۾، نَڪِي سگِيٽِي؛
آهِيان ڪَمِيٽِي، ذاتِ ٻَروچِيءَ نہ جُڙان.

8

ڪيچِ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهنجِي ذاتِ جِي!
مَتان پُنهونءَ پوءِ، لَجَ مُنهنجِي لوءَ ۾!

## داستان ٻارهون

1

ڏِنان جي ٻَروچُ، مُون جئن هوتُ اَڪينِ سين؛
مُون کي چَيان ”لوچ“، پاٽا پيِنِيُون چَپَرين.

2

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪَندِي وَتُ، مَچُڻِ ’ووءِ!‘ وِسارِئين!
پاڙِي هار مَ پَڏِرو، روءُ مَنجهان ئي رَتُ؛
صَبُرُ وڏو سَتُ، سِگها ميڙِي سُپِرِين.

3

ماٺِ مارينديءَ پِرينءَ جِي، مَڇُڻِ رُئِين رَت!
چورِي! چَڏِ مَ سَٺُ، هِمَٿَ هوٺُ وِڃائِيو.

4

جَڙَ جِئري جن سين، مُئي پڻ سين تَنِ؛
جي هِتِ نہ هوٺُ پَسَنِ، سي ڪَنهن پَرِ ڪيچِ پَسَنديُون؟

5

اَوجَهڙِ وَتان آنءُ، ٻِيُون سَڀِ سَٻرِ ساٿَ جي؛
جا نِينهَن ڳِنهَندِي نانءُ، سا مُون جِئَن پَوندِي مامِري.

6

ٻَڏو ڪَنهن ٻَنڌاڻِ، هِنئڙو هوتاڻِيءَ سين؛
ڪا جا پِييَسِ ڪاڻِ، نِبيرِيانسِ، نہ نِبري!

7

ڏُونگَرُ ڏَنا نُوڻِ، مُون پارِڪُو پُڇِيا؛
هيڪِليُون هَلَنِ جي، سي تاڪُنِ سَندِي ٿُوڻِ؛
اِي اَهُڪِي پُوڻِ، سُونهَن رِءَ نہ سُٽِرِي.

8

لَکين لوڙائُو، سَهَسين آهِنِ سُڃَ ۾؛
بَرَ ۾ بورائُو، ڳَڻُ، پِيادِي! پاڻَ سين.

9

نِينهَن مَ نالو ڳِنُّ، پِرِيَتَٽِي پيرَ ٻِيا؛
سُورَن ساڻُ مَ ڇِنُّ، وِرهُ وِهائِجِ وِٽَرو.

10

سَڄَڻُ ڏِنو جَنِّ، تن ڳِڇِيءَ سِرِ ڳُهُ ڪَيو؛
ٻِيُون ڪوهُ ٻُجَهنِّ، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو؟

11

هارِي! هِنئون مَ لوڏِ، سُڱَنِ پَوَندِينءَ، سَسُئِي!
ڪوهِيارو تو ڪوڏِ، اَچِي ڪَرَهَ قَطارِيو.

12

حُسينِي حُسينَ لَءِ، بِيبِيءَ پاڻَ چئِي؛
تهان پوءِ ٿئِي، خَبَرَ بِي خلقَ کي.

# سُر ليلا چنيسر

## داستان پهريون

1

داغُ تُنهِنجو دائِما، ماري مَعذُورين؛
سائينءَ ڪارَڻِ سُپرين! وَڃِج مَ ڏُورين؛
آءٌ تو حُضُورين، مَٽِيو وِڃهان مَڇَ ۾.

2

مَٽِيو وِڃهان مَڇَ ۾، هائِيءَ هٽِي هارُ؛
سوپِي! سُکُ سيَّدُ چئي، ڪَرِئين ڪوهُ قَرارُ؟
راجا رِيساٽو گهٽو، سَٽاٽو سردارُ؛
چوَڏِسِ چَنيسَرَ ڄامَ جو، ڏيهان ڏيهِ ڏهڪارُ؛
ٺاڪُرُ اڪِيين ٺارُ، مَٽِئي تي ٿِي مَٽِئين!

3

چَنيسَرُ چوَرَنگُ، ٻِرَنگو لوڪُ ٻِيو؛
تنهن سين چِنِيو سَنگُ، وَڃِيو هارَ هَٿُ ڇُهِين!

4

مَٽِئي تي موهِجِي، مُوڙِهِي ڪَيُءِ مَرَڪُ؛
چئِي چَنيسَرَ ڄامَ سين، وِڌو تو فَرَقُ؛
وَرِي ويو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

5

مَٽِئي مَٽي جي هُئا، تِن چِٽَنِ ڦيرِيُمِ چِٽُ؛
هارُ ڳَنّدِيَسِ هوڏَ ۾، نيبَهُ ٽيندُمِ نِٽُ؛
ڪوُنرُوءَ جو ڪِرِٽُ، مُونهان مَٿاهُون ٿِيو.

6

مَٺِيو ناهِ مَٺِيُون، جو ٺُون پَسِي هارُ هِرڪِئين؛
اَصُلِ آهي اَڳِهين، سَندِيُون ڪُوڙَ ڪَٺِيُون؛
اِنَ ڳهوڙَنِ هَنئي ڳهٽِيُون، دوسَنِئان ڏُورِ ڪَيون.

7

تو جو ڀانيو هارُ، سو سُورَنِ جو سَڳرو؛
چنيسَرُ چِٽُ ڪٽي، ٿِيو پورِهِيَتِ جو پارُ؛
اَوَٽت جو آچارُ، ڪانڌ ڪَنهِين سين مَ ڪَري.

8

نہ ڪِي هو ٻانهَڙِيُنِ ۾، نہ ڪِي ڳِرِ هُئومِ؛
نہ مُون، سِينڌِ نہ سُرمو، نہ سِينگارُ ڪَيومِ؛
تيلانه ڪانڌُ سَندومِ، رُڪو ئِي رَءِ ڳِڙي.

9

سونا ڪُرَّ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙها هارَ؛
ٻانهُوٿا ٻانهُنِ ۾، سِينڌِ سَٽِيا وارَ؛
تيلانهَ پِيَّ پَچارَ، ڪانڌَ مُنهِنجي چِڏِئِي.

10

اُو ڏَمِرِيو ڏِسُ! حِيلو هُنهَنِين هارَ جو؛
سُٽو سَپِ سَرَتِيُون! وَرُ نہ ڪَنهِين وَسِ؛
دَعَوىٰ پَهرِئين دَسِ، پَڄِيو ٿو پورا ڪَري.

11

ڀُوچا ڏِنَمِ ڀيرَ، ڍَڪَڻَ مٿي ڍِولَ جا؛
مون ڀانيو تَنهِن ويرَ، ڪوجِهي ڪَندو ڀَرِيئَڙِي.

12

سَوَڙِيين سُتَڙِياءِ، ڀَڪو سَهُو وِلارِيو؛
چَنيسَرَ ڪانڌاءِ! تان مُون هِئَن نہ ڀانئيو!

# داستان پيو

1

ٽِڙڪِي پَسِي ٿوڪُ، ترِڪِي تَڪَبُّرَ ۾ پئي؛
اَچِيو اَچِيو، ”اَڳِلِي!“، چَئِي لِيلا کي لوڪُ؛
اندَرُ اوپالَن سين، ساڙي ڪَيائُونس سوڪُ؛
ٻالاپَڻَ جو ٻوڪُ، وِيو ويچاريءَ وِسرِي.

2

هُئِينءَ تہ گهڻو هُوشِيارُ، ڪَلَ ٻہ هُيَئِ ڪانڌَ جِي؟
تو پانيو موچارِي ٿيان، ڳِچيءَ پائي هارُ!
ڪانڌَ ڪُوڙيءَ جو نہ وَٽي، سَئِين پَتين سِينگارُ؛
وَهَمَ لَهي وِينجهارُ، دِليُون پَرکي داسَڙو.

3

وڏيرِي هُياسِ، ميڙو مُون گهرِ سَرَتِيين؛
هَٿَ چُهَڻَ هارَ جي، ڪَڙِي ڪانڌَ ٿِياسِ؛
ڍولي ڍِيلِياسِ، آيُمِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

4

وَڏيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾؛
ڏُهِلين دَمامين، نَقرين، ٿي پَلِپَلِ پُڇياسِ؛
ڍولي ڍِيلِياسِ، ٿِيَسِ ڏُهاڳِڻِ ڏيهَ ۾.

5

وَڏيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾؛
دائِيين، ٻائِيين، دَرِبانَنِ، پَرِ ۾ ٿي پُڇياسِ؛
ڏُهلين دَمامين، نَقرين، ٿي وِچَ ۾ وِهارِياسِ؛
هُيَسِ دادُلِي دوسَنِ جي، ڳَٽي هَلڪِي هارَ ڪَياسِ؛
تِنهان پوءِ ٿِياسِ، ڪانيارِي ڪانڌَ جِي.

6

هُيَسِ هِندورَنِ ۾، پِييَمِ کانءَ پَرُوڙَ؛
مَٽِئي سنَدي مامِري، کوجهي وِڌَيَسِ کُوڙَ؛
سامُهان ٽِيَمِ سُورَ، وِيو وِلُٽي وَلَهو!

7

لِيلا! جِمَ لَکائِيين، چَئِي چَنيسَرَ سانُ؛
وَرَ سين وِڙِهيو اُٿِئين، مُوڙهِي! مُٺُءِ پاڻُ؛
پوري! کَيُءِ پاڻُ، تي آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

8

لِيلا! پُورِي نہ پَئِين، چَئِي چَنيسَرَ سانُ؛
تو جو پانيو پانهِنجو، سو رِيساٽو راڄاڻُ؛
پاٽان ڌارَ پِرياڻُ، کانڌَ کَنهنجو نہ وَٽي.

9

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! تُون مَ لکاءِ؛
دوسُ تُنهِنجو داسڙو، کاندِ وَڏيائِي کاءِ؛
تہ ڍولو ڍِکَ سَندِياءِ، عَيبَنِ کي آڏو پَئي.

10

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! تُون مَ لکاءِ؛
اِيُ کانڌُ کَنهِجو نہ ٿِئي، نہ کا مُون نہ تُون؛
رُئندِيُون ڏِنيون مُون، اِنَ دَرَ مَٿي دادليُون.

11

لِيلا! حِيلا جِڏِ، جي تُون سوڀِي! سِکِئين؛
پائي پاندُ ڳِچيءَ ۾، پاڻُ غَرِيبيءَ گڏِ؛
هَڏِ نہ چَوَنڊُءِ لَڏِ، جي کارُون آٽِئين کانڌَ کي.

# داستان ٽيون

1

چَنيسَرَ سين چاڳُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
جان مُون پوءِ پَرُوڙِيو، تہ هِيُ نہ ماڻي ماڳُ
ڏَمِرِيو ڏُهاڳُ، سِگهو ڏِئي سُهاڳِڻِيين.

2

چَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
ڪانڌَ ڪَنهِين جو نہ وَڻي، ڳِيرَبُ ۽ ڳاءُ؛
جي ٽِڙي ٽورَڙِياءُ، تہ دوسَ دَسائي داسَڙو.

3

سَپيئِي سُهاڳِڻيُون، سَپِنِي مُنهَن جَڙاءُ؛
سَڀَ ڪَنهِين پانيو پاڻَ کي، تہ اِيندو مُون ڳِرِ راءُ؛
پينو تَنِ دَراءُ، جي پَسي پاڻُ لَڄائِيُون.

4

اَوَڳُڻ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ داسَڙا!
جِئَن تو رُسَڻَ سنديون رُوحَ ۾، تِئَن مون پيٽِي ناهِ پَتار!
سائِينءَ لڳِ، سَتارَ! ميٽِ مَدايُون مُنهِنجيُون.

5

جي مُون مُوڙهِي مَتِّ، تہ تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!
اصَلِ اَوايِنِ جا، عَيبَ ڍَڪِئين تُون اَتِّ؛
اِيَ، پِرَ! تُنهنجي پَتِّ، جِئَن وِلِهيُون ڍَڪِئين وَلَها!

6

ڪوڙين تُنهنجُون ڪامِڻِيُون، تون ڪوڙِيَنِ سَندو ڪانڌُ؛
مُون کي ڇَڏِ مَ داسَڙا! تہ وَڃان نہ وِڙوانڌُ؛
مون ڳِڇيءَ ۾ پانڌُ؛ تو، چنيسَرَ! هَٿَ ۾.

# سُر مومل راڻو

## داستان پهريون

1

ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙي، بابُو بيڪاري؛
سامِيءَ سيلو سِرَ تي، مالا موچارِي؛
ڏيئِي ڏيڪارِي، ڦَٽي دِلِ فَقِيرُ وِيو.

2

ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، جَهِڙو ماهُ مُنِيرُ؛
فَيضُ، فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائي وِيو.

3

ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، پَهَرَ سِجَ ڪان پوءِ؛
پَسو سُونهَن سامِيءَ جي، رَتَ وَرنو روءِ؛
جو مُنهِن مُومَلَ جي پوءِ، موٽَڻُ تَنهِن مَسَ ٿِئي.

4

ڪالَهہ ڳَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بانَ بَرِي؛
سائِي سالَ ڪُلَهنِ ۾، سامِي سونَ سَرِي؛
خَبَرَ ڏي ڪرِي، ڪا مُومَلَ جي مَجازَ جي.

5

بيڪارِيءَ ڪي بَرَ ۾، وِيو ڪَيفُ چَڙهِي؛
ڳالِهيُون ڪَندي ڪاڪِ جُون، ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙِي؛
ڪا جا اَنگُ اَڙِي، جِئَن چُٽا ڦَٽَ چُڙِي پِيا.

6

سِڄُّ سُپاڻي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي رُوءِ؛
اَچي ٿِي عَطُرَ جي، مَنجهان مُگَٿ بُوءِ؛
سا ڏيکارِيَهُون جُوءِ، جِئان لاهُوتِي لَعلُ ٿيو.

7

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئِي نِينهَن جو؛
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِيو، سامِي سِڄَّ وَڙاءُ؛
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِنِ ڪَڪورِيو.

# داستان ٻيو

1

آءُ لانگوٽِيا لالَ! ڪَنهِن پَرِ ڏِنيُءِ ڳُجَرِيُون؛
آبُ اَرتو اڪِيين، لُڙڪَ وَهائِيين لالَ؛
ڏِٺءِ جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نہ سَلائِيين؟

2

ڳُجَرِ کي ڳجميلَ جُون، تارَنِ ۾ تَبَرُون؛
هٽِي حاڪِمِيَنِ کي، زورَ پَرِيُون زَبَرُون؛
ڪاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبَرُون، پسو پَرَڏيهِيُنِ جُون.

3

ڳُجَرِ ڳاروڙِيُنِ، اَچيو اَڏِي اُپِيي؛
مَٿان پيئِي تِنِ، ٻَڌا ٻانَّ هَٽَنِ جي.

4

مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِيُنِ کي آڪَري؛
سوڍِيءَ ڳهٽا سَڪائِيا، پَڙهِيا پَٽِتَ پِيرَ؛
هَٽِي تِنِ کي تِيرَ، مَٽِيو جن مَٿِنِ ۾.

5

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وِڌو مامِري؛
لَنؤ لُڏُوٽي ڪَنڊِيين، اَميو آهي؛
وَجو جي ڪاهي، تہ نِڪُون پَسو نِينهَن جُون.

6

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي نِينهَن اُڇَلَ؛
نہ ڪا جَهلَ نہ پَلَ، سَيُڪو پَسي پِرِينءَ ڪي.

7

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي گهڙِجي نِينهُن؛
نہ ڪا راتِ نہ ڏِينهُن، سيڪو پَسي پِرِينءَ ڪي.

8

هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، چَرُو جتِ چَڙهنِ؛
ڪوڙين رَنگَ رَچَنِ، پانوڙيءَ پِڪَ سين.

9

آڪُون، ڊاڪُون، سِرَڪَندَ شاخُون، جتِ چَوڪا چَندَنَ ڪَؤنرَ؛
مَيي سيئِي ماڙيا، جتِ نہ پِرَنِ پَؤنرَ؛
ڪُنوارِيُون ۽ ڪَؤنرَ، ڪاهِ تہ پَسُون ڪاڪِ جا.

10

چَڙهِيا چارَئِي يارَ، سُوڌا شِڪارِيَ؛
فِڪِرَ سانُ ڦِتِي ڪِي، سوڍِي سوپارِيَ؛
وِيا ڪاهِيندا ڪاڪِ ڏي، جِتِ مُومَلِ موچارِيَ؛
موتِيا نہ مارِيَ، ڪَؤنرَ لَتاڙي ڪاڪِ جا.

## داستان ٽيون

1

جَهِڙا گُلَ گُلابَ جا، تَهِڙا مَتِنِ ويسَ؛
چوٽا تيلَ چَنبيلِيا، هاها! هُو! هَميشَ؛

پَسيو سُونهَن سَيَّدُ چئي، نِينهَن اچَنِ نيشَ؛
لالَنَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اَکرُ نہ اُڃَهي.

2

جَهڙا پائَنِ پَنَّ، تَهڙِيون سالُون مَتِنِ سائِيون؛
عَطُرَ ۽ عَبِيرَ سين، تازا ڪَيائُون تَنَّ؛
مَڙهيا گهٽو مُشڪَ سين، چوتا ساڱُ چَندَنَّ؛
سُنهَنِ رُپي سونَ سين، سَندا ڪامَڻِ ڪَنَّ؛
ڪَيائِين لال لَطِيفُ چئي، وڏا ويسَ وَرَنَّ؛
مَنجِهه مَرڪِيَسِ مَنَّ: ”سوڍِي سين سَڳُ ٿِيو.“

3

سونَ وَرنِيُون سوڍِيُون، رُپي رانديُون ڪَنِ؛
اَگرَ اوطاڦِن ۾، ڪَٿُوريون ڪَٺُنّ؛
اوتِيائُون عَبِيرَ جا، متي طاقَ تَڙَنِّ؛
بائَنِ بيلون بَڌِيون، پَسِيو سُونهَن سَڙَنّ؛
ٿِيا لاهُوتي لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لَءِ پِريَنّ؛
اِجهي تا اچَنّ، ڪاڪِ ڪَڪوريا ڪاپَڙِي.

4

گُجَرِ گهٽا گهائِيا، پاٽا لَڳُسِ گهاءُ؛
مينڌَري مُلاءُ، لڳِسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

5

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَپِنِ سُونهَن؛
لاٿائِين لَطِيفُ چئي، مٿان دِليُن ڏُونهَن؛
ڪانهي پِي وِرُونهَن، ٿِيو مِڙوئِي مينڌِرو.

6

ڪاڪِ نہ جَهلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا نہ مَحلَنّ؛
بايُن ۽ بانِهِيُن جي، بَنڌَڻِ ڪِينَ بَجَهنّ؛
لڪين لاهُوتِينِ، اَهڙِيُون اورِيان چَڏِيُون.

7

كاڪِ نہ جَھلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا ڪَنهِن نہ مالَ؛
سودِيُون سِجهائي وِيا، هَهِڙا جَنِين حالَ؛
جي چورِيُنِ ڏِنا چالَ، تَپِ لاهُوتِي لَنگهي وِيا.

## داستان چوٿون

1

شَمَعَ ٻارِيندي شَبَّ، پِرِهَ ٻاڪُون ڪَڍِيُون؛
موٿُ، مَران ٿِي مينڌِرا! راٺا! ڪارڻِ رَبَّ؛
تُنهِنجِيءَ تاتِ طَلَبَّ، ڪانگَ اُڏايَمِ ڪاڪِ جا.

2

اُپِي اُپارِيامِ، نَکَٿَ سَڀِ نَئِي وِيا؛
هِڪُ مَيو، ٻِيو مينڌِرو، سَڄِي راتِ سارِيامِ؛
ڳوڙها ڳِلِ ڳاڙِيامِ، سُورَجَ شاخُون ڪَڍِيُون.

3

ڪَتنِ ڪَرَ موڙِيا، ٽيڙُو اُپا ٽيئِي؛
راٺو راتِ نہ آئِيو، ويلَ ٿَري ويئِي؛
ڪوءِ سا ڪاٺِي راتِڙِي! پِريُن ري پيئِي؛
مُون کي ڏُنءُ ڏيئِي، وڃِي ڍولو ڍَٿِ ڦَرارِيو.

4

راٺو ڪا راتِ ويو، ڳُجِهي ڳالهہ ڪَري؛
سودِي رِءَ، سَرتيُون! هَڏِ نہ ساهَ سَري؛
وَڃِي، مانَ وَري! آسائِتِي آهِيان.

5

سودِي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهہ ڪَئِي؛
سا جي پَڌَرِ پوءِ، تہ سَرتِيُون ڪانہ سُمِهي.

6

راڻا! تُنهِنجي راهَ تي، ڏيهاڙِي ڏيکان؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ جُون، رُوحَ اندَرِ ريکان؛
مُحَبَتَ جُون ميکان، تو سين، لالَ! لَپيٽِيُون.

7

آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏَرتِيءَ جا ڏَڻِي!
سِڪَنِ تِيُون سُهاڳِڻيُون، سودِا تُنهِنجي سَٿَ؛
مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏَڻِي ڪاڪِ جا!

## داستان پنجون

1

سَڳُ ڪري سين سِينهَنِ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِجِ ڪيڏَهِين؛
رَمِج راڻي پُٺِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَن؛
اِنءَ مَ وَسِجِ عامَ تي، جِئَن مُومَلَ! وَسَنِ مِينهَن؛
سندي حَشَرَ ڏينهَن، سودِو سارِيندِينءَ گهڻو.

2

جا پُون پيرين مُون، سا پُون متي سَجڻين؛
ڏِڳَ لَٿِبا ڏُوڙِ ۾، اُپِي ڏِٺا سُون؛
ڏِينهَن مَڙيئِي ڏُون، اُتي لوچِ لَطِيفُ چئي.

3

راڻو پانيو رانڍِ، ڪِئَن وِڙُ رائِيِين؟
وَرُ وِڏُوڙو اِيَهِين، جِئَن پَرُ پُڄتوءِ پانڍِ؛
هَيءِ! پَڳِيَءِ هيڪانڍِ، سودِو سارِيندِينءَ گهڻو.

4

ڪاڪِ ڪَڙهِي وَڻَ وِيا، جلِي مُنهِنجي جانِ؛
رَکِي ڪامَ ڪِڙِڪيو، مارِيَس تَنهِن گُمانَ؛
هَڏِ نہ جِيان هاڻ! سِگهو موٽِج سُپرِين!

5

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وِيا، ٻَرِيا رَنگَ رَتولَ؛
تو پُڄاڻا سُپِرين! هِنئَڙي اَچَنِ هولَ؛
جي مون سين ڪَيَءِ قولَ، سي سِگها پارِجِ، سُپِرين!

6

حال قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُڏاڻو؛
فِدا ٿِيءَ فَقيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻو!
مُيَنِ سين ماڻُو، مُناسِبُ نہ، مينڌِرا!

## داستان ڇهون

1

نہ وارِثُ نہ وَلَهو، نہ سَگُّ، نہ سِياڪو؛
تو پُڄاڻا، سُپِرين! آيُمِ اولاڪو؛
پانڌِيا! پاراپو، ڏِجانءِ ڍاٽِيءَ ڍولَ کي.

2

ڪَرَهو ڪَميڻيءَ تي، سوڍا! وارِ، سُڄاڻَ!
ڪُهُ ڪَرِيان ڪاڪِ کي؟ تَنَ توهِين ڏي تاڻَ؛
لاهي غيرَ گُماڻَ، اَگَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين.

3

اَگَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين، پرچي پِيارا!
پَلَڪَ پَراهُون نہ سَهَنءِ، جِيءَ جا جِيارا!
نِينهان نيزارا، سَڄِ، تہ مانَ سُورُ لَهي.

4

پَسُ توشَڪُون، تَڪِيا، سيئِي وِهاڻا؛
پَسِيو هَنڌَ، پَچي هِنئون، جي حَبِيبَنِ هاڻا؛
هِڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، ٻِيو موٽِيو تان نہ مينڌِرو.

5

سوڍا! سُورَ سُڪائِيُون، اَڪِيُون آبُ نہ ڪَنِّ؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ ڪي، وِرُوڻِيُون وَڄَنِّ؛
سي ڪِئَن، مينڌِرا! مَڇَنِّ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙِهيُون.

6

مُون گهرِ اڄِي جي ٽِئي، مينڌِرو مِهماڻُ؛
آڻي جهوڪِيان آڳِ ۾، ٻيري وِجهان ڄاڻُ؛
تاڻي تَنُورَنِ ۾، پيري هَٽان ياڻُ؛
پيڪَنِ سُوڌو پاڻُ، گهرُ تَڙُ گهورِيان پِرَ تان.

7

ڪوڙَ قناتُون ڪاڪِ ۾، راڻا ويهُ رَهِي؛
ماڙهُو جي مَحلاتِ جا، سوڍا ڪَڄِ سَهِي؛
وِيندِيَءِ ڳالِهہ وَهِي، وِڪَرِ پَوَندين وَلها.

## داستان ستون

1

ڏَتِ مَ وَڄِ ڏولَ! ڪاڻِياري ڪاڪِ ڪَري؛
آءٌ اَڳِهين آهيان، ٻَڌِي تُنهِنجي ٻولَ؛
توکي ساري، سُپِرِين! رُنُمِ مَنجِهہ رَتولَ؛
ٽِڪاڻا ۽ ٽولَ، وِسَهُ مُون وِهُ ٿِيا.

2

سوڍي سِرُ نِيو، هِتِ ڪَرَنگهرُ سَڪٽو؛
راڻي جي رِهاڻِ ڪي، سِڪي ساهُ پِيو؛
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءِ اَڳَڙِيُنِ سين.

3

راڻي رِڻُ ڪَيو، جيڏِيُون! مُنهِجي جِيءَ سين؛
مَنُ مينڌِري وَڍِيو، ڏُٻِي ڏَڙُ پِيو؛
ٻُجهان، ٻَهَرِ وِيو، هِنئُون هَنڌِ نہ هيڪِڙي.

4

رُئان تي، راڻا! هَندَ نِهاريو حُجِرا؛
پيئِي کِهَ کَٿُنِ تي، تِيا پَلَنگَ پُراڻا؛
ڏَرِيائِي ڏُوڙا ٿِيا، وَرَ رِءَ وِهاڻا؛
جايُون، گُلَ، جَباتَ، وَڻَ، تو رِءَ ڪُوماڻا؛
مينڌِرا! ماڻا، تو رِءَ ڪَندِيَسِ ڪِنِ سين.

5

جِئَن ايندي ئِي موٽِئين، مينڌِرا! وَڏِي جاڙَ ڪِياءِ؛
وَرُ نہ هُئين؟ وَلَها! هُوندَ جٽِي مون جاڳاءِ؛
تہ سُتي جي ساجاءِ، سودِا! سِکِهيائي تِيَءِ.

6

جڳ جِئَن تِي چوءِ، سودِو تِئَن نہ سِکِيو؛
راڻو تِئَن نہ رُوءِ، ڳوڙهو جِئَن ڳِلِ ڳَڙي.

7

تِنِ باغَنِئُون بَسِّ، جي ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ ڪَکورِيا؛
سودِي رِءَ سَرتيُون! ڪاڪِ نہ اچي ڪَسِّ؛
راڻي پائي رَسِّ، تَنُ بيڙِيءَ جِئَن تاڻِيو.

## داستان اٺون

1

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرِين! جاڙُون ڪَيُمِ جالَ؛
سودِا! مون کي ڪالَ، موٽِي مُنهَن ۾ آئِيُون.

2

خاموشِي خَبَرَ جِي، مُومَلِ تِي مَٽِّ؛
صَبرُ تِيو سُپَٽِّ، مُنهِنجي حَقِّ، مينڌِرا!

3

ڊولي ڏَکِي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙِي؛
ڏيئِي لِکَ لاڙِي، کَکَرُ کَيائِينمِ کاکِ جو.

4

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، مَرَڪُ لَڄايُنِّ؛
چُپ سين جي چَوَنِّ، اَدَبُ ڪجي اُنِ جو.

5

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، سيڪاري سَهَسَ؛
پُڄِي تِئان پَهَسَ، مون کي نَصِيبَ نيئِي جَهليو.

6

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، بي عَقُلَ آڻي بازِ؛
سندي صَبُرَ سازِ، توبَهَ کارِيَمِ تَڪڙِي.

7

جنين سندي مُنهَن ۾، نِهائِيُون نَکَنِّ؛
تِئان وَڍِيو هيڪِڙو، تہ کَهڙو ٿورو تَنِّ؟
سي مَرُ سُڄا ئِي سُونهَنِّ، جن پِلِي پِينگَ پَرَمَ جِي.

# داستان نائون

1

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آديسِي آيو؛
چوڏِهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، کَيو سامِيءَ سَهائو؛
لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ سان.

2

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي؛
ڪَٿُورِيءَ خوشِبُوءِ سين، وِلاتَ سَپِ واسي؛
سُوڌو سَناسِي، اُتانهِين ٿي آيو.

3

نَئون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَڏِيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ؛
ڪَهڙِي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَگِھيا.

4

ڪيڏانهُن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چَوَڏِسِ چِٽاڻو؛
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪورِي، مَنجِهين لُڊاڻو؛
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي ٻيو ناهِ ڪو.

5

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چِٽاڻو چوڏارَ؛
مَنجهين ڪاڪِ ڪڪوري، مَنجِهين باغُ بَهارَ؛
ڪانهي ٻي ٽَنوارَ، ٽِيو مِڙوئي مينڌِرو.

# سُر مارئي

## داستان پهريون

1

’اَلستُ بِرَبّكُم‘، جَڏهِن كَنِ پيومِ؛
’قَالُوا بَليٰ‘ قَلبَ سِين، تَڏهِن تِتِّ چيومِ؛
تَنهِين ويرَ كَيومِ، وَچَنُ ويڙِهچَن سِين.

2

جَڏهِن ’كُن فَيَكُونُ‘، مَنُ تَڏهانكُون مارُئين؛
تُون كِئَن وِڃهين تن كي، سُومِرا! شَكُون؟
هَميرَنِ هَكُون، جاڙَ جُسي كي پاتِيُون!

3

نَكا ’كُنَ فَيَكُون‘ هُئي، نَكا مُورَتَ ماهَ؛
نَكا سُڌِ ثَوابَ جِي، نَكو غَرضُ گُناهَ؛
هيكائي هيڪ هُئي، وَحدانِّيتَ واهَ؛
لَكيائِين لَطِيفُ چَئي، اُتِ گُجهاندَرَ گاهَ؛
اكِيُن ۾ اَرواحَ، اِها ساڃاءِ، سُپِرين!

4

’قَيدُالَماءِ‘ تِيومِ، هِتِ اَڙانگي گهارِيان؛
’هِناكَ جِسمِيَ وَالفُؤَادُ لَدَيكُمَ‘، هِنئون هُتِّ سَندومِ؛
قادِرُ شالَ كَندومِ، ميڙاكو سِين مارُئين!

5

جَهِڙو ’قَيدُالَماءِ‘، تَهِڙو بَندُ نہ كو پيو؛
’جَفَّ القَلَمُ بِمَا هُوَ كائِنٌ‘، لَهي نہ تِرُ تِئاءِ؛
عُمَرَ! تو هَتاءِ، اَجائي تِئي آجِڙين!

6

رِءَ اِعرابِيُنِ هِتّ، گهنگهرُ گهارَڻُ مون ٿِيو؛
’بَڪَتِ الۡعَيۡنَانِ فِيۡ هَوَاڪَ دَماً‘، پُڄان ساڻُ پِرِتّ،
مَنُ، اَڪِيُون، تَنُ تِتّ، جِتي جَنَبُ جيڏِيين.

7

هي هَندَّ، پيٽِيُون هاڻِ، ساڙِيان سپ ڏيهِيُن ري؛
’ڪُلُّ شَيۡءٍ يَرجِعُ اِلىٰ اَصلِهٖ‘، ٿي جِهجان جهانگِيُن ڪاڻِ؛
پِرِي پَنهنجي ياڻِ، پَسان مُلِڪُ مَلِيرَ جو!

## داستان ٻيو

1

نَڪو ايرُ نہ پيرُ، نَڪو اوٺِي آيو؛
مون وَٽِ آيو ڪونَ ڪو، پائِران پَري پيرَ؛
ڪِتابَتُون ڪيرُ، آٽي ڏِيندُمِ اُنِ جُون؟

2

اوٺِي! ڳوٺِي آٽِئين، ڪو هُتي جو هِتِ هيرَ؛
تہ ڪِنا جي ڪوٺَنِ جا، ٿِيَنِ سَرها سيرَ؛
آءُ تہ اڪِيين اُگهان، جي پائُرِ ڏِنَءِ پيرَ؛
اللّٰهَ لَڳِ لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ ٿُون اَويرَ؛
ڪوٺِيين گهاري ڪير؟ مَحَلين مُنجهي مُون هِنئون!

3

جي اَمُرُ هَنيو اَڏَ ڪري، سي ڪاغَذَ لِکان ڪِيئَن؟
واڳِيُون جي وِصالَ سين، تنِين چاڙهي چِيهَن؛
رُئان راتون ڏِينهَن، جِئَن اُن جي وائِيءَ ۾ وَرَ گهٽا.

4

ٿَرَ ٿَرَ اَندَرِ ٿاڪَ، عُمَرَ! ماروئَڙَنِ جا؛
لاٿائون لَطِيفُ چئي، مَٿان لوئِيءَ لاڪَ؛
عُمَرَ! ڪَرِيو آڪَ، پَهرِيو ٿي پَنَ چَران.

5

سَهَسين سيبا ڪَنجرِي، لوئِي لِيڙَ ٽِيامِ؛
اَباڻَنِ جي آسِري، ڪَتِي ڪانَ ڪيامِ؛
جا ڍَٿَ ڍَڪِيامِ، تَنهنجو پَرِوَرَ! پَنَ رَهائِيين.

6

سَهَسين سيبا ڪَنجُرِي، لوئِي لِيڙُون لِيڙَ؛
واسي وارَ نہ ويڙِهيان، مَرُ چَڳُون رَهَنِ چِيڙَ؛
مارُوءَ جي مُهاڙِ رِءَ، اَندَرِ ناهِ اُڪِيرَ؛
هَهِڙو حالُ هَميرَ، وني شالَ ويڙهِ وَجان!

7

سِبِي، سيبا ڏي، پورِي نِينهُن نہ ڪَچوئِي؛
ڳَٽِيءَ وَٽِيُون ڳُٽِيُون، سَتِي سِيٽِي سي؛
مَيُڻِ چَوَنمِ ڪي، تہ لجائِيُءِ ٿَرَ جائِيُون!

## داستان ٽيون

1

پَٽولا پَنوَهارِيُون، مُورِ نہ مَٽي ڪَنِّ؛
جہُ لاڪَ رَتائُون لوئِيُون، تہ سالُنِئان سُونهَنِّ؛
اُنَّ ايلاچَنِئُون اڳِرِي، بَخِمَلَ بافتَنِّ؛
سَڱَرَ پانئِيان سُومِرا! ڳَٽِي ڪان ڪُنهِبَنِّ؛
جا ڏِنِيَمِ ڏاڏاڻَنِّ، سا لاهِيندي لَجَ مَران.

2

آرَمَ هَڏِ مَ اوڍِيان، پَٽولا، پَٽَ چِيرَ؛
بانڏُوٽا بَنِ ڍِيان، اَرغَجَ ۽ عَبِيرَ؛
مارُوءَ سين شَلَ ماڻِيان، ڳَٽِيُون جهِڙِيُون ڪِيرَ!
اَندَرِ اُجَ اُڪِيرَ، مُون کي پِرينءَ پنوَهارَ جِي.

3

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، مارُوءَ سَندا مُون؛
پَٽولا پَنوَهارِ کي عُمَرَ! آڇ مَ ٽُون؛
وَرُ لوئي جي لُون، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامِ جا.

4

سونَ برابرِ سڳِڙا، لُون لُون بَرابَرِ لَکُّ؛
رُپو جنهن رَدِّ ڪَيو، ڪوڙ تَنهين کي ڪَکُّ؛
مُون مارُوءَ جو مَکُّ، تيلُ نہ لائِيان تُنهنجو.

5

تيلُ نہ لائِيان تُنهنجو، مُون مارُوءَ جو مَنِّ؛
ڪَرِيان ٻِي نہ ڪَنِّ، آهَرَ اُنهِين آهِيان.

6

ڪَرائُنِ ڪَڙورِ جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِّ؛
سو مَرَڪُ مارُوئڙنِّ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

7

ڪارا ڪَرائُنِ ۾، سونُ اسان کي سُوءَ؛
وَرُ جيڏِيُنِ سِين جُوعَ، فاقو فَرحَتَ ڀانـئِيان.

8

اِيَّ نہ مارُنِ ريتِ، جِئَن سيڻَ مَٽائِنِ سونَ تي؛
اچِي عُمرَڪوٽَ ۾، ڪنڌِيَسِ ڪانَ ڪُرِيتِ؛
پَکَنِ جي پرِيتِ، ماڙيءَ سين نہ مَٽِيان.

9

وَرُ سي وَطَنَ جائِيون، صحرا سَٿُرُ جِنِّ؛
گوَلاڙا ۽ گُگِرِيُون، اوچَڻَ اَباڻَنِّ؛
ويڙهيا گُهمَن وَلِيين، جهانگِي مَنجِهه جَهنگَنِّ؛
مُون کي مارُوئڙَنِّ، سُڄَّ ڳِٽائِي سيجَ ۾!

10

پَلُرُ پِيَڻُ اَوچَڻُ اُنَّ، جن جا پيرَ مَٿي پَٽَ پاڪَ؛
وِهَڻُ وَراڪَنِ ۾، اُنِ جِي اجوڪِي اوطاقَ؛
پاڻُ نہ پَسَنِ پاڻَ کي، ويچارا بي باڪَ؛
عُمَرَ! اُوءِ نہ عاقَ، ڏُکِيا جِمَ ڏُکوئِيين.

11

جاءِ عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سان سُوءَ ورتِي سُومِرا!
ويئِي ويچارَنِ وِسِرِي، خوشِي ۽ خَرِيدَ؛
سِڪَڻَ کِيا شهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.

## داستان چوٿون

1

مينڊيا ڏوءِ مَ مارُئِي، پِييَسِ پَنوَهاريون چِتِ؛
راڄَ رُئاري، هَنجُون هاري، هِيءَ هُتيجي هِتِ؛
آهِسِ پائُرَ پارَ جو، کِجَڻُ ۽ گـپَتِ؛
وينگسِ ويڙِيچَن رِءَ، مَسَ سُٽي کا مَتِ؛
سُومِرا! سُپَتِ، کَرِ تہ کوٽيان نِکَري.

2

محلين ماندِي مارُئِي، ڏِنـيَمِ مُنهَن مَلُورَ؛
اَڙِيا سَٽِيا نہ کري، سُونهَن وِجايَسِ سُورَ؛
پِيَسِ لوهَ لَطِيفُ چئي، لَٿسِ کوڏَ، کَپُورَ؛
چِتَ جَنين جا چُورَ، سي مَکي مَرَڪُ نہ کنديون.

3

ڪريو مُهاڙِ مَلِيرَ ڏي، روءِ اُپِي چوءِ:
”سُهِجُ سُورِي پانئِيان، سُومِرا! سَندوءِ؛
مِلڪَ مارُوءَ جِي آهِيان، جورِ نہ ٿيان جوءِ؛
سو قَلَبُ ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُتيجَنِ هَٿِ کيو.“

4

بَندي ٻِيا قرارِ، اسِين لوچُون لوهَ ۾؛
مٿي تَنَ ترارَ، سدا سانپيڙَنِ جي.

5

لِنگڙِياري لوهَ ۾، جنِين لَءِ ٿِياسِ؛
تنِين تِرَ جيترو، پَلَڪُ نہ پُڇِياسِ؛
جَهروڪَنِ جهورِيو هِنئون، کونِيُنِ آءٌ کُنِياسِ؛
مارُنِ مُنجَّهه مُياسِ، ناتَ ماڙِيُنِ مارِيَسِ کينَ کِي.

6

جي ويجهي ٿِيان وَرَ کي، تہ سپاڳُومِ سَنئون،
نِتُ نِتُ آهِ نَئون، مون کي پَسَڻُ پنوَهارَنِ جو.

7

آئُون کِئَن ڇَڏِيان، سومِرا! تِنِ پنوَهارَنِ پَچارَ؟
جَڙَ جنِين جي جانِ ۾، لڳي رِءَ لُهارَ؛
ميخُون مُحبَتَ سَندِيُون، هِنئڙي مَنجِهه هَزارَ؛
پَکا ۽ پَنوَهارَ، ڏِٺي مُون ڏِينهَن ٿِيا.

## داستان پنجون

1

سُونهَن وِجايَمِ سُومِرا! مارُو مَسَ مَڃِينِ؛
ڏُنگا ڏاڏي پوٽِيين، کِنِ ڏنا، کي ڏِينِ؛
جي مان لوهَ لاهِينِ، تہ کوٺَنِ ۾ کِينَ هُئان.

2

سُونهَن وِجايَمِ سومرا! ميرو مُنهُن ٿِيومِ؛
وَڃَڻُ تِتِ پِيومِ، جِتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

3

سُونهَن وِجايَمِ سُومِرا، ڪِئن قَبُول؟
ڪونهي سُهڳُ نہ سُولُ، پُوڇي مُنهُن پنوَهارَ سين!

4

تِن مُنهَن موچارا مارُئين، مَلِيرُ جنِين ماڳ؛
ناقِصَ نوازي گهڻا، سَندو تَنِ سَياڳُ؛
اَڱڻِ مُون اَياڳُ، حُسنُ تي هِيئَن ٿِيو.

5

ڪونهي قادِرُ ڪو ٻيو، اُنِين جو اَياڳُ؛
'قُلَ لَّنۡ يُّصِيۡبَنَآ اِلَّا مَا ڪَتَبَ اللّٰهُ لَنَا'، اِيُ مَعذِرَتَ ماڳُ؛
سَيوئِي سَياڳُ، مارُئِيءَ مُساوِي ٿِيو.

# داستان ڇهون

1

جَهڙِي آيَسِ جِيئن، جي تهڙِي وَجان تِن ڏي؛
تہ لالائِيءَ جا، لَطِيفُ چئي، ڪَرَ مُنڌُنِ اُنا مِينهَن؛
ماڙِيءَ لَڳِمِ مِهڻو، سڀَ ڄَماندَرَ سِيئَن؛
تِـيَسِ ڪاڻِياري ڪانڌَ جِي، هِتي اَچي هِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَٽَندِيَسِ ڪِيئن، مَنهَن مارُوئڙَنِ جي؟

2

هيڪُ جِئن نہ جاياسِ، ٻيو جاپَندي جي مران؛
گهنگهُرُ گهٽو ٿِياسِ، جاپِي مارُوئڙَنِ ڪي.

3

سِيلَ ڀَڄَڻَ جِي سُومِرا! مُون ڪي مَتِ مَ آڇِ، مِيرَ!
تورين گهٽين ڏِينهَنڙين، وِيندِيَسِ هُتِ هَمِيرَ!
مَڃُڻِ مَنجِهه مَلِيرَ، ڪَنڌُ مَٿانهون نہ ڪٽان.

4

مَ سَپَنِي مارُئِي! مُئِي! مَ جائِي؛
جنهن اَچِي عُمَرَڪوٽ ۾ لوئي لڄائي؛
جا سانگِيُنِ سِيڏائِي، سا ڪِينَ مَرڪي ماڙِيين!

5

اَلا! اِئَن مَ هوءِ، جيئن آءٌ مران بَندَ ۾!
جُسو زنجِيرَنِ ۾، راتو ڏِينهان روءِ؛
پَهرِين وَڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنِم ڏِينهَنڙا!

6

آءٌ بَندِياڻي بندَ ۾، ڪِ ڪي پِيَسِ بَند؟
مُنهِين لڳو مَهڻو، ڪِ مُنهِين ڪَڙو ڪَنڌِ؟
مَران جي هِنَ هَنڌِ، تہ نِجانءِ مَئِٿُ مَلِير ڏي.

7

واجهائي وَطَنَ ڪي، ساري، ڏِيان ساهُ؛
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قيدِ مَ ڪريجاهُ؛
پَرَڏيهِياڻي پرينءَ ري، ڏارَ مَ ڏريجاهُ؛
ٿَڌِي وَسائِجانءِ ٿَرَنِ جي، مِٿي مُئِيءَ مَٿاهُ؛
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

8

واجهائي وَطَنَ ڪي، ساري، ساهُ ڏِيان؛
هِيُ سِرُ ساڙيهَ سامُهون، مُنهِنجو نِج، ميان!
مُقامِياڻي مارُئين، وَڃِي ٿَرِ ٿِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

9

واجهائي وطن ڪي، آءٌ جي هِتِ مُياسِ؛
گورَ مُنهِنجي سُومِرا! ڪَڄِ پَنوَهارنِ پاسِ؛
ڏِڄِ ڏاڏاڻي ڏيهَہ جِي، مَنجهان وَلِڙِيُنِ واسِ؛
مُيائِي جياسِ، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

10

ڱِچِيءَ ڱانا لوهَ جا، زيريُون ۾ زنجيِرَ؛
پَيڪَڙا پَيرنِ ۾، ڪوٺِيُن اندَرِ ڪِيرَ؛
چارِي چؤگانَنِ ۾، واهِيَتَ ڪَنِ وَزِيرَ؛
چَنِ نہ چَجي آهيان، اهڙِيءَ سِٽَ سَرِيرَ؛
مارُو جامَ مَلِيرَ، پُڇِجِ ڪِي پَنوَهارِ ڪي.

11

زيرِيين بيڙِيين لوهَ ۾، ڱنّنِ ڪَيَسِ ڱاهُ؛
سَنڪي سَندي سُومِري، هَڏِ نہ چاڙهِيُمِ ماهُ؛
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي.

12

پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي، جَنهِن ۾ اچِي اُنَّ؛
تہ پڻُ ويني وِنڊِيان، توڙي پَوَنِسِ ٽُنَّ؛
غافِلُ رَکُ غَرِيبِ کي، عُمَرَ! مَنجِهه اَمُنَّ؛
سَرتِيُنِ ساڻُ سَمُنَّ، آهِمِ اُني مِينهَنڙي.

## داستان ستون

1

پنوَهارَنِ پابوهِيو، وَرِيا واهُندا؛
سارِيَمِ سينڻَ سَيَّدُ چئي، ڪاڏِيلِيُون ڳُندا؛
پِٺُن پَرِ هُندا، پُنگا پَڙَ پَتارَ جا.

2

پَنوَهارَنِ پابوهِيو، کي وَسَ واهُندَنّ؛
لَٽو سِيُّ لَطِيفُ چئي، بَڌو ٿڻُ ٿرَنّ؛
اُوءِ ٽا ڪورِنِ ڪُنئَرِي، سَرَتِيُون مَٿان سَسَنّ؛
عُمَرَ! اُنَّ اَڱُندَرِي، پاسي ڪانڌَ ڪَتَنّ؛
پائُرِ ڏِنِيُون پُٺِيُون، نَندَنِ نوراپَنّ؛

كاٺُرِ ڪَتِيُون خاصِيُون، اُوچِيُون اُتِ اُڇَنِ؛
ڪَڍِيو پيٺُ ڪَهَنِ: ”مَلِيرِ ڳُهرجي مارُئِي!“

3

آڳِينِ ڪي چاڙهِينِ، ڏُٺُ ڏيهاڙِي، سُومِرا!
سَتا ڪَيو، سَيَّدُ چئي، ساٿُون سُڪائِينِ؛
مَنجهان لَنبَ لَطِيفُ چئي، چاڙُرَ ڪَيو چاڙهِينِ؛
پُلاءُ نه پاڙِين، عُمَرَ! آراڙِيءَ سين.

4

تِن وَنِهيَنِ ويڙِيچَن ۾، سَدائِين سُڪارُ؛
چُندِيو، آڳِيو چاڙهِيُون، سَندو ڏَؤنرَنِ ڏارُ؛
جن جو ويڙِنِ سين واپارُ، سي ڏوتِي هوُنِ نه ڏُبِرا.

5

ٿوري ڦُوتَ ڦَرارِيا، رَهَنِ سَبَرَ سَتّ؛
ڪَتِيءَ ۾ ڪِهَ يَڪُلِيا، پُوٺَنِ اهَڙِيءَ پَتّ؛
پَنوَهارَڪِي پَتّ، پيهِي پُڇُ مَلِيرَ ۾.

6

نَڪا جَهلَ نه پَلَّ، نَڪو راڻُرُ ڏيهَ ۾؛
آڳِيو وِجَهنِ آهُرين، روڙِيو رَتا ڳُلَّ؛
مارُو پاڻَ اَمُلَّ، مَلِيرُونِ مَرڪَٽو.

7

مَتِنِ ٿُبَڪَ ٿُبَڪَڙا، چِڪَندڙا اَچَنِ؛
ڪُڙِيُون ڪيهَ يَڪُلِيُون، پَگَهرُ سِرِ پيرَنِ؛
اِي وَڙَ ويڙِيچَنِ، مُون لوڏان ئي لَڪِيا.

8

دَرَ، دَروازا، دَرِيُون، هاٽِي هِتي هو؛
ڪوڙِيين اَڏِيان ڪيتِرا، تَنبُو مَتان تو؛
جي مُلِ نه آيا، مارُئِي! تنِين رَڙُ مَ رو؛
ڪُوڪَٺُ آهي ڪو، پُسِيءَ پنوَهارنِ ۾.

9

سَنِهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ؛
ويٺي سارِيان سُومرا! گولاڙا ۾ گاهُ؛
هِنئو مُنهِنجو هُتِ ٿِيو، هِتِ مِٽِي ۾ ماهُ؛
پَکَنِ منجِهه پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.

10

سَنِهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين مَنُّ؛
هَٽِي ڪَڻَ حِلِمَ جا، تَهَ وِڌائِين تَنُّ؛
ڪِئَن ٿوپايان ڪَنُّ، اَباڻِي اِبرَ ري؟

11

پاچاهِي نہ پاڙِيان، سَرَتِيُون! سُئِيءَ ساڻُ؛
ڏَڪي اُگهاڙَنِ ڪي، ڪِينَ ڍَڪيائِين پاڻُ!
بِيهَرَ جاپِي جاڻُ، اِبرَ جي اَوصافَ ڪي!

# داستان اٺون

1

ڇُرَنِ، ڇُڙِڪَنِ ڇتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَري!
’ڪَنان عَهدَ اَلَستَ‘ جي، ڪِ تِهائِين پَري؛
’لَمۡ يَلِدۡ وَ لَمۡ يُوۡلَدۡ‘، مارُئِي ڪوهُ ڪَري؟
اَڄُ ڪِ ڪالهه مَري، ساري سانپيَڙَنِ ڪي!

2

ڇُرَنِ، ڇُڙِڪَنِ ڇتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَري!
جن ٿي پَي پِياريو، مَنجهان سِڪَ سَري؛
وَنهِيَنِ ويڙِيچَن جي، سِٺائُنِ سَري؛
ٿَرَنِ ٿوڪَ ڏَري، اُني وِيَڙا اُڪِري.

3

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، وِساريان ڪينَ وَرَنّ؛
’لَيسَ ڪَمِثلِهِ شَيءٌ‘، پَسَڻُ ناهِ پِرِيَنّ؛
پَکا پَنوَهارنّ، نيئِي اَڏِيا ناهِ ۾.

4

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، رهيا اَندَرِ رُوحَ؛
اُني وِيَڙا اُڪِري، مارُو مَٿي موهَ؛
ويرُون وِلوڙَڻَ جُون، سارِيان گهڻو صُبُوحَ؛
وَرُ سي ڪارا ڪُوهَ، سِنجيَمِ جي ساڙِيهَ جا!

5

بِيرَ ڳنيائُون بَرَ ۾، پِيارِين پَهُون؛
سِنجَنِ سانِيڪَنِ تي، وَڏِيءَ وير وَهُون؛
پايو جَرُ جَندَنِ ۾، ڪوڏان ڪَنّ ڪِهُون؛
ڏِينهان ڏينهن نئون، مُون کي وِرِهُ ويڙِيچَنِ جو.

6

آڏِيءَ اُٺَنِ تي، جيلان پاڻِي پاتارَ ۾؛
وارو ويسِرُينِ ڏِينهان ڪونه ڏِئي؛
مُون ڪَمِيٽِيءَ ڪي، مَٿان ڪُوهَ ڪَٽِي وِيا!

7

سَرِتيُنِ سِنجَڻُ چِڏِيو، سَتِيُنِ ڳالِه سُئِي؛
ماريچِي ماڙِيُنِ ۾، ڪَڏهِن ڪانَ هُئِي؛
عُمَرَ! آءٌ نه مُئِي، ان اوپالِيان اَڳهِين.

8

پِنِيءَ جي پُوڻَنّ، پيجَ پُٽِڪو نه سُٽانِ؛
سِنجَڻَ وارِيون سُتِيُون، وڄِي ويڙهِ وَرَنّ؛
پِيا سيٺَ سَڙَنّ، تَرَهي بِنهي ڪنڌِيين،

9

عُمَرَ! ٿِيَمِ اَپارَ، وِرَهُ وَٿِيان ڪِنِ سين؟
ڏوٿِيَڙا ڏُورِ ٿِيا، تَڳان جِن تَنوارَ؛
سِڻائُون سَنگهارَ، ڪُوهَنِ تان ڪَٽي وِيا.

## داستان نائون

1

جُهڙِ ڦُڙِ جِتِ ٿِيانِ، اُتِ اَڏِيائُون پَکَڙا؛
هِنَ مُنهِنجي حالَ جو، قَدُرُ نہ ڪيٽانِ؛
جيڪُسِ آءٌ وِسِرِيانِ، مارو ڦُوتَ ڦَرارِيا.

2

جُهڙِ ڦُڙِ مَٿي مارُئين، جِتِ چِيها، چِلُڙَ چِڪَ؛
اَندَرُ ٿو اُجَ مري، ساهُ اُنِين جي سِڪَ؛
پِيَهُون شالَ پَهيُون پري، تِئان ڏيئي تِڪَ؛
وَرُ پِريان سين پِڪَ، بِيا ياڻَ پَرِيائي گهورِيا!

3

ڍَٿين پَٽين ڍيرَ، مَهِيَنِ مارُوئڙَنِ جا؛
پائُرُ سَبِ پَچِي پِيو، گهرِ گهارِيندي ڪيرَ؛
ڪوٺِيين لَڳِنِ ڪيرَ، مَحَلين مُنجهي مُون هِنئون.

4

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ويڙِهين وَڳَ وارِينِ؛
چَچِيا چيڪاريو چيلِڙا، پَٽين پَهرائِينِ؛
نيڻَ مُنهِنجا اُنِ ڪي، جَهجهو جَرُ هارِينِ؛
تاڙا تَنوارِينِ، مِينهَن وَسَندا موٽُ ٿُون.

5

هِنَ مُندَ مارو سَنَرا، ڪاڻُرَ ۾ خُوشِحالَ؛
سائُون، سِيارِچُ، مَڪَٽِي، جيڏِيُون! آٽِنِ جالَ؛

سَتِيءَ جِي سَيَّدُ چئي، ڪا ساڙيهَ مَنجِهه سَنيالَ؟
لِڳَنِ تان، لَطِيفُ چئي، لوئِي لاهِ مَ لالَ!
پَلو ڪَندو پالَ، مِينهَن وَسَندا موٽُ ٿُون.

6

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڍَنگَرَ ڍارَ رَهَنّ؛
پاٽِي پُوجَ پَٽَنِ ۾، پَکي پاندِ پِيَنّ؛
هِنَ کي لوهَ لَطِيفُ چئي، هُوءِ ڪاٺُرَ مَنجِهه ڪِلَنّ؛
ڪاٺُونبا ڪاڄَنّ، مِينهَن وَسَندا موٽُ ٿُون.

7

سَدا جِنِ پَرياڻُ، پانڌِي پَکي لَڏَ سين؛
مارُو ڳُڻَنِ ساڻُ، وِيَڙا ٿَرِ اُڪِرِي!

8

پاسا پولِڙِيُنِ ۾، ٻانهُون سِرِ ٻيئِي؛
اَڪِيون، نَڪُ اَريجَ ري، ٿِمايَمِ ٿيئِي؛
ڏُورِ ٿِيا ڏيهي، پِرِين پائُرَ وَٿِ ۾!

9

ٿاجا ٿَرَ ٻَرَ جَهلَّ، پِپُون پائُرَ وَٿِ ۾؛
سيئِي سارِيو، سومِرا! اَچِي آبَ اُڇَلَّ؛
سانپِيَنِ ڏِنَمِ سَلَّ، ڏِٺي جِن ڏِينهَن ٿِيا.

10

جُهران جِهڄان تي، جِتَن پَسَٽان پَري ٿِيا؛
اَلا! اوٺِي آٽِيين، جو ڪِينءَ جِي خَبَرَ ڏي!
مَنَ مُنهِنجي ڪي، واڪو لَهي ويڙِه جو!

## داستان ڏهون

1

اُٺي ٿِي وَراڻِ، ڪِينءَ واڏايُون آيُون؛
لَٿِي لوئِڙِيارِيين، مِڙَنِي مُنهَنِ ڪاڻِ؛

صُلحُ واريو سُومِري، چَئِي پَنوَهارَنِ پاڻِ؛
هَمِيرَنِئُون هاڻِ، مُهتُ لَهَندِينءَ مارُئِي!

2

أُتان اونِي آيو، خَبَرَ اِيَ کَرِي؛
وِساريِجِ مَ وَرَ کي، پَئِجِ مَ مُنڌَ! مَرِي؛
ويندِينءَ اُتِ وَرِي، کو ڏِينهُن آهِين کوٽَ ۾.

3

کو ڏِينهُن آهِئين کوٽَ ۾، لوئِي هَڏِ مَ لاهِ؛
کامَڻِ! اَهِجي کُرَ جي، اَڏِ وَڏائِي آهِ؛
هِتِ مَ پاڙِج هيکِڙو، پائُرَ جي پَساهَ؛
سَتِي! سِيلُ نِباهِ، مَلِيرِ ويندِينءَ مارُئِي.

4

سي ساهيڙِيُون سارِينِ تو، سِيلُ جنِين جو سَچُّ؛
مارُوءَ ريءَ مَ مَچُّ، سِيهو پانئِج سونَ کي.

5

ساهيڙِيُون سارِينِ تو، سَچ جِنِين جو سِيلُ؛
نَکو قالُ نہ قِيلُ، اُنِين جي اَدَبَ ۾.

6

جو ڏيهَ ڏاڏاڻِيان آيو، ڏِنُمِ تَنهِن طَعنو:
”پائي ويهُ مَ پَلَنگين، ڱِچِيءَ سِرِ ڱانو؛
مَٿان لَڪَ لَطِيفُ چئي، کانءِ مَ خَزانو؛
سَرتِيُنِ سِيلُ چَوايو، جورِ هَٽِي جانو؛
ٿِيو سَڌُ سَمانو، حَرَفَ لَٿي هيکِڙي.“

7

مُون سين مارُوئَڙِيُون، کَهڙِيءَ رِيتِ رُسَندِيُون؟
چوٽِيءَ ۾ چِيڙُ پِيو، پِيَنِ رَتَ جَيُون؛
نيٽِين نِندَ وِهُ ٿِي، ساري ساڏوهِيُون؛
هِتي جي هُيُون، تہ سُڌِ پِيَنِ سِيلَ جِي.

8

”سَتِي! تُنهِنجي سَتَ ۾، ٻَالِھ ڳُهرجي ڳَڄُّ؛
وَڏِيو، چِيرِيو، چِچِرِيو، پَرِ ۾ اُپِي پَڄُّ؛
سانڍُ اَمانَتَ اَڄُّ، تہ تِئين سَمانِي ساڙيهَ ۾.“

9

جانڪِين سَتِيُن سِيرُ، تان ڪِينَ وِهَندِيَسِ ڪوٺَ ۾؛
سِپَ سَمُندين سَپَجي، نَدِيءَ پِيي نہ نِيرُ؛
جِئَن هُوءَ اَبرَ آسِرِي، تِئن مُون مَنِ مَلِيرُ؛
ڪاٺُرَ پِيَنِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي.

10

جَرَ ۾ سِپُون جِيئَن، آهِينِ اَبرَ آسِرِي؛
جِئَن ڪُنجُون سارِينِ روهَ ڪي، مُون تَنَّ اندرِ تِيئَن؛
هُتِ وَعدا وَجَڻَ جا، هِتِ نہ پانيُمِ هِيئَن؛
ڪونيُنِ وِهان ڪِيئَن، جي نَظَرَ بَندِياٽِي نہ هُئان؟

11

سِپَ سَمُندين سَپَجي، اَبرُ آساروسِ؛
باڙو پِئي نہ ٻِپُڙِي، مِنو مُنهِن لَڳوسِ؛
ماٽِڪُ تي مِڙيوسِ، جِئَن تَنگُ ڪَڍِيائين تارِ ۾.

12

سِڪو سَپِ، سَرتِيُون! سِپُنِ مُلان سيرُ؛
ٻِيو مَتَائي نيرُ، اُپِيون اَبرَ آسِري.

## داستان يارهون

1

مَلِيران مارُو، پَکي پيهِي آئِيو؛
وَرِيا واهارُو، هاڻُو سَپِ هِيٽا ٿِيا.

2

پَهِي سُکَ پيرَنِ کِيهَ! ڪو نِينهَن نِياپو مارُئين؟
اَتِ اُڪَندِي آهِيان، تَنهِن آتَڻَ، تَنهِن ڏيهَ؛
سَندِي جا ساڙيهَ، کِهَ ڳُٿوري پانئِيان.

3

سَڪَرِ سيئي ڏِينهَن، جي مُون گهارِيا بَندَ ۾؛
وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا، مَٿي ماڙِيُنِ مِينهَن؛
واجهاڻِيَس وِصالَ کي، ٿِيَس تَهِوارُون تِيئَن؛
نِيَرُ مُنهِنجي نِينهَن، اُجاري اَچو ڪَيو.

4

عُمَرَ! اَڄُ ڳَڏِيامِ، ڏوٿِي اُنَهِين ڏيهَ جا؛
پارايا پِرِيُنِ جا، اُپِي اُن چَيامِ؛
لهِي لوهَ پِيامِ، لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

## متفرق بيتَ

1

جُ سي لوڙائُو ٿِيا، جنِين پَرِ رَهَنّ؛
مارُو منجِهه ٿَرَنّ، رَهِي رَهَندا ڪيترو؟

2

جُ سي لوڙائُو ٿِيا، جنِين سندِيءَ ڏِيرَ؛
مارُوئڙا فَقِيرَ، ڪَنهِن دَرِ ڏِيندا دانهَنڙِي؟

3

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، ڏوئِي مَرُ مَران!
پاڻِي واري پانهِنجو، ويندِيائِي وَران!
ٿورو مَنجِهه ٿَران، هُندَ لَڳي لوئڙيارِيين!

4

ڪانڌُ نہ ڪَندِيَسِ ڪو بِيو، گَٿيروئِي خُوبُ؛
ميروئِي محبُوبُ، اَسان مارُو مَنَ ۾.

5

مُنهُن مُنهِنجو سُومِرا! مَرُ ميروئِي هوءِ!
متان مارُو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراٿَنِ ۾.

6

جِت گَرَڙَ، گَٿا ۽ ڪاهِيُون، پالَ، پَڪا ۽ پَڳَّ؛
سَرَهِيُون سي سَرَتِيُون، حاضُرُ پاسي حَقَّ؛
مارُوئَنِ سين ماڙِيان، شالَ مُندائِتِي مَڳَّ؛
ڪِنڪارِيان خَلَقَّ، جا ٿَرَ جائِي ۾ ٿوُهَرين.

7

جي هِتِ هُئِي مارُئِي، تہ لَڏِيَمِ ڪَرَ ڪيٽاسِ؛
ارداسِيُمِ عُمَرَ کي، ويجهو ٿي وَٿانسِ؛
جي نہ چَڏِيائِين ڪِ جَهليائِين، تہ پنهنجو اَنگُ آچِيانسِ؛
لاهي لوهَ لَطِيفُ چَئي، هِتان هُندَ هَلانسِ؛
موڪي مَلِيرَ سامُهِين، وَنِي بانهَن وَجانسِ؛
رَهِبَرُ ٿِي ريڙِهيانسِ، سُنهاري ساٿيہَ ڏي.

8

جِئَن ڳِنڍِيُون مَنجِهہ ڳِنڍِيرَ، تِئَن مُون مَنِ مارُوئَڙَنِ جُون؛
ڏِنيُون لَسَ لَطِيفُ چَئي، هِنئَڙي کي هَمِيرَ؛
وَڃِي مَنجِهہ مَلِيرَ، سَڀِ چوڙِينديَسِ سُومِرا!

9

سُٽِي ساٿيہَ ڳالَهڙِي، لَهِي وِيا لوهَ؛
اَندَرَ جا اَندوهَ، لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿِيا.

10

توکي توڙائِين لِکِي، عُمَرَ! اَچائِي؛
جنهن تو سامائِي، مامَ نہ پَڳِي مارُئين.

11

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙُ ڪِي، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ؛
تو تان بَندُ بِدا ٿِيو، بيڙِيُون نيئِي بارِ؛
پَهُچَندِينءَ پَنوَهارِ، سِگِهي سنگهارَنِ ڪي.

12

اَجُ پڻ چِڪِيَم چاڪَ، وَنهِيَن ويڙِيچَنِ جا؛
سُورَنِ اچِي سُومِرا! اَندَرِ ڪي اوطاقَ؛
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ مُنهِنجا ڪَپِيا.

# سُر ڪامو ڏ

## داستان پهريون

1

تُون سَمو، آءٌ گندِري، مُون ۾ عَيبَن جُوءِ؛
پَسِي راڻِيُن رُوءِ، مَتان ماڱرِ مَتِئِين!

2

تُون سَمو آءٌ گندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ؛
پَسِي لِيَّ لَغارَ، متان مَاڱرِ مَتِئِين!

3

تون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آءٌ مُهاڻِي مَي؛
مُون کي ڏُهاڳُ مَ ڏي، آءٌ جا نالي سُيَسِ تُنهنجي.

4

تُون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آءٌ گندِري غَرِيبِ؛
تو سين جامَ! قرِيبِ، ڪِي ڏَنُ ڇَڏائي ڏيڄِ مُون.

5

ڪِڪيءَ هاڻِيُون ڪارِيُون، ڇِڇيءَ هاڻا ڇَڄَ؛
پاندُ جنِين جي پاندَ سِين، لَڳو تِئي لَڄَ؛
سَمو جامُ سُهَڄَ، اُيو ڪَري اُنِ سين.

6

ڪارِيُون، ڪوڇِيون، ڪُوڙِيُون، مُورِ نہ موچارِيُون؛
وَنِي وينِيُون واڻَ تي، ڪِڪيءَ جُون ڪارِيُون؛
اُنِين جُون آرِيُون، سمي ري ڪيرُ سهي!

7

گندُ جِن جِيءَ گوڏِ ۾، پابوڙا پوشاڪَ؛
اُنين جِيءَ اوطاقَ، راڄا رِيجِهي آئِيو.

8

ٿِيا ٿَماچِيءَ ڄامَ سين، مُهاڻا مَحرُومَ؛
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گندِريءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَ؛
جي ڪِنجُهرَ، جي رُومَ، سي سَڀِ اِنعامِي ٿِيا.

9

نہ وَڍي، نہ وِڪِڻي، نہ ماري نہ ڏاري؛
ڪارو وِڏائِين ڪُوهَ ۾، نِرِتُون نِهاري؛
سائِي پَرِ پاري، جا گهرِ سَمي جي سَپَڄي.

10

نہ وَڍي نہ وِڪِڻي، نہ ڪٽي ۾ ڪاري؛
اُهِجَ، سُهِجَ ساهِمِيُون، ڏُرِيان نہ ڏاري؛
سائي پَرِ پاري، جا گهرِ سَمي جي سَپَڄي.

11

پابوڙو پيشِ ڪَيو، نَئون نُورِيءَ نيئِي؛
حاضُرُ هُيُون هَڪِيُون، سَمِيُون سيپئِي؛
نَوازي نيئِي، گاڏِيءَ چاڙهِي گندِرِي.

12

مُهاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نہ ڪِيرَبُ نہ ڳاءُ؛
نيڻَنِ سِين نازُ ڪَري، رِيجهايائِين راءُ؛
سَمو سَپِنِ مُلاءُ، هيرِيائِين حِرفَتَ سين.

13

نورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجَهلُ هوءِ؛
سَمو سِرُ سَپِنِ ۾، مي مُورِچِيو سوءِ؛
اَچيو اُپِيَن پوءِ، حُجَتَ پَڳِي راڻِيين.

14

هَتين پيرين آرِ ڳٽين، مُنهن نہ مُهاڙِي؛
جِئَن سَڳو وِچ سُرِندَڙي، تِئَن راڙِيُنِ ۾ راڙِي؛
اَصُلُ هُئي اُنَ کي، اَهَلَ جاماڙِي؛
سَمي سُجاڙِي، ٻيڙو ٻَڌُسِ ٻانهَن ۾.

15

تَهِڙو ڪِنجُهرَ ڪِينَ ٻيو، جَهڙي سُونهَن سَندِياسِ؛
مَڏَ، مِياڻيُون، مَڪُڙا، مِڙَئِي مَعافُ ٿِياسِ؛
مورِچَلَ مَتانسِ، اُيو تَماچِيءَ تي هَٽي.

16

کوءِ سَمِيُون! ٻَنِ سُومِرِيُون! جي اَچَنِ اُوچي ڳاٽِ؛
وَرُ سي ڪِنجُهرَ جائِيُون، جِن تَماچِيءَ جِي تاتِ؛
راڻِيُن مُلان راتِ، ماڻِڪُ مي پِرائِيو.

## وائي

هِيري هَٿُ وِڌائين، ويهِي ساٿِينِ وِچَ ۾.
نَوازَشِ نُوريءَ جي، آهي تَماچِيءَ تائِين.
گَندَگِيءَ گوشو ڪَيو، عَطُرَ اوتَ اوتِيائِين.
اَنڌا مَندا آئِيا، سَخا سَڌُ وِڌائين.
پَسو جُودُ جُوانَ جو، کو هَنڌُ کونہ مَٿِيائِين.
قِيمَت ڪَميڻَن سين، جَهِڙِيءَ وَٿ وَٺِيائِين.
موتِي مچِيءَ هَٿَ تي، کوڏِنِ جِئَن ڪَڍِيائِين.
ماڻِڪَ مِياڻِنِ ۾، چِلُرَنِ جِئَن چِٽِيائِين.
ڏِيئِي سونُ سُوال ۾، رُپي راندِ ڪَيائِين.
پاڻِيَٺَ آڻي پاڻَ سين، لَعلُون سَپِ لُٽِيائِين.
فيروزا فَقِيرَنِ تان، گهوري سَپِ گهورِيائِين.
اُتي عَبَدُاللّطِيفُ چئِي، اُچِلي اَمُلَ ڏِنائِين.

# داستان پيو

1

سِرُ سَلابَتَ سُپِرين، مَرَڪَڻَ! تُون مَ مَريجِ؛
آهِيين نارُ اَڪِيُنِ جو، وَتان مُون مَ وَجيجِ؛
تَماچِي تڳيجِ، ڪو ڏِينهُن ڪِنجُهرَ ڪَنڌِيين.

2

هيٺِ جَرُ مَٿي مَچَرُ، پاسي ۾ وَٽُراهَ؛
اَچِي وَجي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ؛
لَڳِي اُتَرَ واءَ، ڪِنجُهرُ هِندورو ٿِئي.

3

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَچَرُ، پاسي پِرين سَندامِ؛
ڪوڙِيين ڪاجَ سِڌامِ، اَڻَ سِڌو ڪونَ رهِيو.

4

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَچَرُ، ڪنڌِيءَ ڪَوَنرَ تَرَنِّ؛
وَرِئي واهُوندَنِّ، ڪِنجُهرُ ڪَٿُورِي ٿِئي،

5

سَمِيُون ڪَري سِينگارُ، راءُ رِيجهائِڻَ آئِيُون؛
جامَ هَٿَ ۾ جارُ، جُلي جُبيرِنِ وِچَ ۾.

6

نُورِيءَ جي نَوازِيو، ٿِيو تَماچِي تي؛
ڳاڏِيءَ چاڙهِيءَ گَندِرِي، ماڙِهُو ڪَيو مي؛
ڪِنجُهرِ چُوندا ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالَهڙِي.

7

جامان اَڳِي جي جائِيُون، تِن جِي نِرتِ نُورِيءَ ڪي ناهِ؛
نہ مَنُهِن نہ مارِڪي، نہ وَجَنِ ڪنهن وِهانءِ؛
سي ڪِنجُهرَ ڪَنڌِيُون ڪانهِ، جِن تَماچِي تَڪِيو.

8

نہ ڪَنهن ڄائو ڄامَ کي، نَڪو ڄامَ وِياءُ؛
نَنڍِيءَ وَڏِي ڳنڍِريءَ، سَپِنِ آهِ سِياءُ؛
"لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُولَدۡ"، اِيُ نِجابَتَ نِياءُ؛
ڪِبِرُ ڪِبرِياءُ، تَختُ تَماچِي ڄامَ جو.

9

پَڪا پَڪارِيو، ڄامُ تَماچِي آئِيو؛
ڳُوندَرَ لاهِيو، ڳنڍِريُون! آتَڻَ اُجارِيو؛
ڪِنجُهرُ ڦرارِيو، سَمي سامَ بَخشِي.

10

ڪو جو ڪامَڻُ مَي، آهي اڱڙِيُنِ ۾؛
تَنُ تَماچِي ڄامَ جو، نايُون پايو ني؛
عِشقُ اِئَن ڪَري، جِئَن ڄارو ڄامَ کُلهي ڪَيو.

# سُر گهاتو

## داستان پهريون

1

گهنگهرِيا گهڻَ ڄاڻَ، موڙهِي مَتِ مَهائِيين؛
وِيا گڏجِي وِيرِ ۾، پِيا مُنهِن مَهراڻِ؛
اڳِيان پويان ٿاڻَ، وِيا ويچارَنِ وِسري.

2

ماڪَ پِڄايَنِ مولِهيا، مٿان راتِ پئِي؛
اولِيون اُجَهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجَهه وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهي، ڪَڏهِن ڪونہ آئِيو.

3

ڪو جو ڦَهَرُ ڪلاچ ۾، ڪِهڙي سو نئي؛
خَبَرَ ڪونہ ڏِئي، رَڃَ ڪُڄاڙي رَندِيا؟

4

ڪالهه ڪَلاچِيءَ ويا، چَتِيُون ڪٽي چُڳِيرَ؛
پائِرَنِ پيرو نہ ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اَويرَ؛
اهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ ورائي جَهلِي.

5

تَرِيُون پَسان نہ تارِ ۾، جُهڳا جاءِ نہ ڪَنِ؛
مادَرِ! ملاحَنِ، ماڳِ نہ دِويا مَڪُڙا.

6

ڏِهاڙِي ڏِنَمِ ڪيتِرا، جنِين مارِيو موڪَ؛
گهرَ ۾ گهاٽُوئَڙَنِ جا، ٿا مارِينمِ ٽوڪَ؛
لَڏي وِڃان لوڪَ، اُونهي ويا اوهِرِي.

7

أُپِي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
ڳهاٽُو ڳهرِ نہ آئِيا، وَڏِي لَڳِيَنِ وارَ؛
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙِي چَڙِهيا مَڪُڙا.

8

جِتي ڳهورِيو ڳهاتوئِين، تِتي وارِيءَ ٻُٽَّ؛
سَهسين ساٿِي مُٺَّ، سَرُ سُڪو، سُونگِي گيا.

9

مُون اُڏارِيا مَڃَڙا، اللّٰهَ! ڳهاٽُو آڻِ،
مِيان! مُدارَنِ سين، مونکي، قادرَ! وِجُهہ مَ ڪاڻِ؛
هَٿَ مُنهِنجي هاڻِ، قَدُرُ لِڏو جِنِ ري.

10

اَئِين جا لُڏو لوڏَ، اِيَ پَرِ ڳهاٽُوئڙَنِ جي؛
ڪُنَّ ڪلاچِيءَ ڪوڏَ، سُڪِ نہ سُتا ڪَڏهِين.

11

ڳهورِيندي ڳهورِپِيا، اَڳهورِ ڳهورِيائُون؛
مَيڪَرُ مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنهَن سَنَرا.

12

جِئَن جُهڳا پائِيين جهولَ ۾، اِئَن نہ مَرَنِ مَڃَّ؛
سَٻَرَ ڏارِ سَمُندَ جا، ڪي رائُون رَڱِيُون رَڃَّ؛
هِي چارُون ۽ چَڃَّ، اجا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

# سُر سورٺ

## داستان پهريون

1

اَللهَ جي آسَ ڪري، هَليو هِيائِين؛
چارَڻَ ٻَڌا چَنگَ کي، جُهوڙا ۾ جهائِين؛
ڏولِي راءِ ڏياچَ جي، ڏُوران ڏِنائِين؛
وَينَتِي واحِدَ دَرِ، تَنهِن وير ڪَيائِين؛
”سَٻاجها سائِين! راءُ رِيجهائِين راڳَ سين.“

2

”پَرِديسان پنڌُ ڪَري، هلِي آيو هُون؛
اُونچو تون عرشَ تي، آن پورو متي پُون؛
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سوالِي مَڱڻو.“

3

”پَرِديسان پنڌُ ڪَري، سُٺَي آيُسِ شانُ؛
مَڱان ڪَهڙِي مَتِ سين؟ نِسورو نادانُ؛
سو ڪو ڏِيارِئِين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪَري.“

4

”سَردِيءَ سالِمُ نہ رَهان، گرمِيءَ تِيان گُدازُ؛
اَمَنُ ڏيج اَمانَ تون، سائِلُ هَٽي سازُ؛
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيج خَلِيلَ جو.“

5

”تو دَرِ آيُسِ راجِيا: جاچِڪُ وني جِيُّ؛
ڪَنان ’نارٌ حامِيَه‘، هاڻِ بَچائِجِ هِيُّ؛
والي! ڏِياريئِي وِيُّ، جِتِ آهي ’جَنَّاتُ عَدَنِ‘.“

6

”ٻِيا دَرَ ڏيئِي ٻَنَ کي، آيُسِ ٽُنهِنجي دَرّ؛
سُونهارا سورَٺِ وَرَ! ڪا مُنهِنجِي ڪَرّ؛
پلا! پيري پَرّ، پالهو پاندُ پينارَ جو.“

## داستان ٻيو

1

جاڄِڪُ جُهوناڳَڙهَ ۾، ڪو عَطائِي آيو؛
تَنهِن ڪامِلَ ڪَڏِي ڪِينَرو، ويهِي وَڄايو؛
شَهِرُ سَڄو ئِي سُرَ سين، تَندُنِ ٽَپايو؛
دايُون دَرِمانديُون ٽِيُون، ٻايُنِ ٻاڏايو؛
چارَڻَ ٽي چايو، تہ مارِي آهي مَڱڻو.

2

نِرتِي تَندُ نِيازَ سين، ٻُرائِي ٻِيجَلّ؛
راجا رَتولَنِ ۾، اونائِي اَمُلّ؛
رازُ ڪَيائِين راءَ سين، ڪَنهِن موچارِيءَ مَهَلّ؛
”اَنَا اَحمَدُ بِلا مِيمِ“، سَينَ هَنئِي سائِلّ؛
ڪَنهِن ڪَنهِن پَيئِي ڪلّ، تہ هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

3

ڪِنِين ڪِنِين ماڙُهين، پيئِي ڪَلَ ڪائِي؛
رَسيا جي رَمُزَ کي، تن پارسِي پائِي؛
”اَلاِنسَانُ سِرّيِ وَ اَنَا سِرُّهٗ“ ورتِي اِيَ وائِي؛
راجا راڳائِي، هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

4

سِرَ ڄِي هُئائِين هَليو، چارَڻُ چِتائي؛
سو مُوڙا جَهلي نہ مالَ جا، ٿو ماڻِڪَ موٽائي؛
”تو دَرِ آيُسِ تي، جِئَن تو ناهِ نہ سِڪيو.“

5

”جي مِيراثِي مَڱڻا، آءٌ پُڻِ مَنجهان تَنِ؛“
ڪِي ڪَهُ مُنهِنجي ڪَنِ، اِرَثَ مَنجهاران اُنِ جي.“

6

”ڪا جا ڳالِهه ڳرِي، ٻِيجَليا! ٻُڌاءِ مُون؛
پيـنين جِئَن ڳرنارَ ۾، تَندُنِ تانُ ڪَري؛
ڪِ تو پَنڌُ پري، ڪِ مَڱَ جَهلِيندين؟ مَڱڻا!“

7

”مَڱَ نہ جَهلِيان مُورَهِين، نہ مُون پَنڌُ پَري؛
ڳـِڙِي آيُسِ ڳالَهڙِي، ڳُجِهي تو ڳري؛
سا سَمجِهج سورَٿِ وَرَ! وِيندُسِ ڪِينَ وَري؛
پَريان پيرَ پَري، تو لَءِ آيو آهِيان.“

8

سِرُ مَڱي سِرُ گُهري، سِرَ رِءَ ٿِـئي نہ صلاحَ؛
غَرِيبَنِئُون نہ گُذِري، تو ماري مِيرَ مَلاحَ؛
نايو نَوابَنِ جا، سورِيو ڪَڍي ساهَ؛
خالِقُ سَنجِهه صُباحَ، ڪونہ ڇڏيندو ڪِٿـهِين.

## داستان ٽيون

1

ڪِي جو ٻِيجَلَ ٻولِيو، پِنيءَ ويهِي پانَ؛
راجا رَتولَنِ ۾، سيباڻو سُلطانَ؛
”آءُ مٿاهُون مَڱڻا! مُقابِلِ مَيدانَ؛
گهورِيان لَکَ، لَطِيفُ چئي، تُنهنجي قدمَنِ تان قُربانَ؛
مَتو هِيءُ مِزمانَ! هَلِي آءُ تہ هِتِ ڏِيَنءِ.“

2

”آءُ متاهُون مَگَّٽا! چڙهي ۾ چوڏولَ؛
توکي گهوٽَ گُهرائِيو، راڄا مَنجِهه رَتولَ؛
ٻيجَلَ! توسين ٻولَ، وِهاڻِيءَ وَڃَڻَ جِي.“

3

مَحَلين آيو مَگَّٽو، کَڻِي ساڙُ سِرِي؛
لَڳِي تَندُ تُنبيرَ جِي، پِيا ڪوٽَ ڪِرِي؛
هَنڌين ماڳِين هُوءِ ٿِي، تُنهنجِي ٻِيجَلَ! دانهَن ٻُرِي؛
سِسِي تَنهِن سُلطانَ کان، اچِي گهوٽَ گُهرِي؛
جُهونا ڳُڙهُ جُهرِي، پُوندي جهانءِ جَهروڪَ ۾.

4

ڏاتارَ ۽ مَگَّٽي، ڪونہ وسِيلو وِچ؛
سائِي تالَ تَندُنِ جِي، سائِي چارَڻَ چِتِ؛
جي هِتي جي هُتِ، تہ ڳالهِ مِڙِيائِي هيڪِڙِي.

5

”جاچِڪَ! تو جُهارُ، ڏهَ پيرا ڏِياڄُ ڇئي؛
جَنهِن ۾ مالُ نہ مِرِيءَ جيترو، تَنهِن تون طَمَعَدارُ؛
جي اچيئِي ڪَمِ ڪَپارُ، تہ وِيهَ پيرا وڃي ڏِيَنءِ.“

6

”ٻيلي! ٻَئِي پارَ، جان مُون نيڻَ هَڻِي نِهارِيا؛
چوري رَڪِيَم چِتَ ۾، ڏِسِيُنِ جا ڏاتارَ؛
هِيُ سِرُ توهان ڌارَ، ٻِيجي ڪَنهِن نہ ٻولِيو.“

7

”سو جِيُ، مَگَّٽهارَ! مَ هوءِ، جَنهِن تو مَٿي سِرَ سَٽو ڪَيو؛
جو مُون مُل مُورِ نہ سَپَجي، تان جي سو گُهرِيوءِ؛
تان جُڳان جُڳِ ڏِنوءِ، ڏُنگو ڏاتارَنِ کي.“

8

”مَٿو مَٿائِين گهورِيان، مَٿو تو مَٿاءِ؛

هَڏو هِيُ هَٿِ ڪَري، جاڄِڪَ! وَهِلو جاءِ؛
ٿُون سين اَنِيراءِ، جِمَ واڇا ۾ وِلَهو وَهِين.“

9

”مَٿو مُورِ نہ پاڙِيان، ٿُنهنجي تَندُ تَنوارَ؛
سِرَ ۾ سَجَڻَ ناهِ ڪِي، موٺُ مَ، مَڱڻهارَ!
ڪِينهي منجِهہ ڪَپارَ، لَڄيندو ٿو لاهِيان.“

10

”سؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَر تورِيان؛
اُتَلَ اوڏانهِين ٿِئي، جيڏانهن ٻِيجَلَ ٻُرائي؛
سَڪِڻو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪِي.“

11

”مَٿي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُوَنِ ڪَپارَ؛
تہ وارِيو وارِيو وَڍِيان، سِسِيءَ ڪي سَوَ وارَ؛
تہ پڻ تَندُ تَنوارَ، مُوهان مٿائُون، مَڱڻا!“

12

”جو تو ڏِيَڻُ، ڏِياڄَ! لاهِيو اِي سِرُ سَپِڪو ڏي؛
ڪِي نانهِ جَهِڙو ڏي، جو سَنَدَ ٿِئي سُوالِيِين.“

13

پَسِي پاٺُ پُرِ ٿِيو، سندو جادِمَ جُودُ؛
مَڱَ وِهاڻِيءَ مڱڻا! مَٿو هيرَ مَوجُودُ؛
بَلَڪِ آهي بُودُ، ناڪَسِيءَ، نابُودُ ۾.

14

چارَڻُ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُرِي پاتا؛
صَدا جي سَيَّدُ چئي، وائِي ڪَيائِين واتا؛
تَنهِن تي راءُ راضِي ٿِيو، دِلِ وڏِيءَ داتا؛
مَرڪي مَرُ ماتا، رُوڙِي راءِ ڏِياڄَ جي.

# داستان چوٿون

1

رِءَ مَصلِحَتَ مَگّٽا، قَصَرِ ڪِينَ اَچَنِّ؛
نُورُ تَجَلّو نُورَ سين، نِميو نينڻَ پَسَنِّ؛
خِيمي ۾ گنگهارَ جي، چانڊُوٽا چِمڪَنِّ؛
لَڏائِين لَطِيفُ چئي، سَندا ڏاڻَ ڏِسِيَنِّ؛
تيلان مُلڪَ ڏِٽِينِّ، مَڄِيو مَگّٽهارَ ڪي.

2

”مَرُ تہ آئين، مَگّٽا! مامَ پَرُوڙِي مُون؛
جيڪا ڳاهَ ڳالهائِيين، سا سَڀِ سَمجهِي سُون؛
تَنهِن ۾ تُسِڄِ ٿُون، جيڪِي پَوَيئِي پَٿَ ۾.“

3

”چارَڻَ! تُنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آهِمِ اِيُّ؛
هَٽِي آيو هَٿَن سين، جِگرو رکِيو جِيُّ؛
راتِ مُنهنجو رِيُّ، ڪاٿِيو تو ڪُماچَ سين.“

4

”تانُ نہ آهي تَندُ جو، رُون رُون ڪري رازُ؛
هَٽَندَڙَ سَندا هَٿڙا، سَپِڪو چئي سازُ؛
سَٿَ ڏِيئِي شَهِبازُ، ٿِيُ، تہ ٿوڪُ پِرائِيين.“

5

”تَندُ ٿُمارِيءَ تانُ، ڪَهِيو سو قَبُولُ پِيو؛
سِرُ تہ آهي سَٿَ ۾، پَرَ ٻِيو ڪِي مَگِّج دانُ؛
خاڪِ، مِٿِي ڪا بانُ، ڪاٿِيا پوءِ ڪُجُهہ نَهِين. “

6

”چارَڻَ! ٻولِجِ ڪِي ٻِيو، گُهرِيُءِ سو گهورِيان؛
گهرُ، سورَٿِ نہ پَڙِي، جان تَندُنِ بَرابَرِ تورِيان؛

ڳُجِهي آهِمِ ڳالِهڙِي، آءُ اوري، تان اورِيان؛
ڪِ ڪُلَهنِئُون ڪورِيان؟ ڪِ، جاجِڪَ! جُسي سين ڏِيَنءِ؟“

7

ٿيئِي پَرِچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَٿارو، ڪنڌُ؛
”تَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، جو تو، چارَڻَ! ڪَيو پَنڌُ؛
اِيُ شُڪُرُ اَلحَمَدُ، جِئَن مَٿو گُهرِيوءِ مَڱَڻا!“

8

ڪَنجهي ڪيرَتِ ڪِينَرو، واڄو وِلاتي؛
هَنئِي تَندُ حُضُورَ ۾، تَنهِن پارِسَ پيراتِي؛
ڏِسَنديئِي ڏِياچَ ڪي، ظاهِرُ ٿِيو ذاتِي؛
ڪَڍِي تَنهِن ڪاتِي، وِڍو ڪَرَٿُ ڪَپارَ ۾.

9

ڳُلُ چِنو ڳِرنارَ جو، پَٽَڻِ ٿِيُون پِٽِينِ؛
سَهسين سورَٿِ جَهِڙِيُون، اُپِيُون اوسارِينِ؛
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سِينگاريو ڏِينِ؛
نارِيُون ناڏَ ڪَرِينِ: ”راڄا راتِ رَمَگيو!“

10

سورَٺِ مُئِي، سُڪُ ٿِيو، خِيما هَنيا ڳَنگهارَ؛
ٿِيو راڳُ، رُوپُ سو، لَڳِي تَندُ تَنوارَ؛
سو ڏِٺين پَٽين پارَ، پسو! راڄا راضِي ٿِيو.

# سُر ڪيڏارو

## داستان پهريون

1

ڏِنو مُحَرّمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَنِ ٿِيو؛
جاٽي هيڪُ اَللّٰهُ، پاڻَ وَٽَندِيُون جو ڪَري.

2

مُحَرّمَ موٽِي آئِيو، آئِيا تان نہ اِمامَ؛
مَدِيني جا جاَم موَلا، مُون ڪي ميڙِئين!

3

مِيرَ مَدِينِئان نِڪِري آئِيا نہ موٽِي؛
ڪارا رَڱِج ڪَپڙا، اَدا نِيروٽِي!
آن تنِين لَءِ لوڻِي، جي مِيرَ مُسافِرَ رانئِيا.

4

سَخِتي شَهادَتَ جِي، مڙوئِي مَلا رُ؛
ڏرو ناهِ يَزِيدڪي، اِي عِشَقَ جوآثارُ؛
ڪُسَڻَ جو قرارُ، اَصُلُ اِمامَنِ سين.

5

سَخِتِي شَهادَتَ جِي، نِسورو ئِي نازُ؛
رِندَ پَرُوڙِين رازُ، قَضِيي ڪَربَلا جو.

## داستان ٻيو

1

چَندَ وِهاڻِيءَ چڙهيا، مَلّهِ مَدِينِئان مِيرَ؛
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ، تَبرُون، ڪُندَ، ڪَنارا، ڪِيرَ؛
عَليءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

2

كَربَلا جي پِڙَ ۾، خِيما كوڙِياٺُون؛
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون، جُنبِي جوڙِياٺُون؛
مُنهُن نہ موڙِياٺُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

3

كامِلَ كَربَلا ۾، اَهلِ بَيّتَ آئِيا؛
ماري مِصرِيُنِ سين، تن كافِرَ كَنبايا؛
سَچُ كِہ بِيبِيءَ جايا، هَهڙا سُورِهَ سُپِرِين.

4

كامِلَ كَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوان؛
ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرِتِليا آسمانَ؛
كَرَهِ هُئِي كَان، هو نَظارو نِينهَن جو.

5

دوستَ كُهائِي دادُلا، مُحِبَ مارائِي؛
خاصَن خَلِيلَنِ كي، سَخِتيُون سَهائِي؛
اَللّٰهُ اَلصَّمَدُ بي نيازُ، سا كَري، جا چاهي؛
اِنهِين مَنجِهه آهي، كا اُونهي ڳالهه اِسرارَ جي.

## داستان ٽيون

1

ڏِنو كالَهه كَنهِين، جُهونجهارِكو جَهڳِڙو؛
هاٿِيُنِ هَڏَ مُڃائِيا، ريلو رَتَ نَئِين؛
يانئِنِ سا سَنئِين، جِئان جِيءُ جوكو ٿِئي.

2

آيا، اُجارِين؛ تَنكَ، تَرارِيُون تِٿُرا؛
سانگِيُون سائُن هَٿَ ۾، كُلَهِنٿُون نہ لاهِينِ؛
اُيا ئِي آهِينِ، مُهائِي مَرَڻَ تي.

3

هٽَڻَ، هَڪِلَڻُ، ٻيلِي سارَڻُ: مانجِهيان اِيُ مَر ڪئُ؛
وِجَهن تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهندِيءَ راندِ ۾.

4

ٻَهادُرَ ڳَڏِيا ٻَهادُرين، ڳَڙڳِ ڪِلَوِلِ ڪَنِّ؛
وِجَهنِ ڏَڙَ ڏَڙَنِ تي، هاڪارِينِ هٽَنِّ؛
ڪِرَن، ڪَندَ ٽَچَنِّ، رِڻُ ڳَجِيو، راڙو ٿِيو.

5

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٽَنِّ؛
سُرِنايُون ءِ سُنَدِڙا، ٻنِين پارِ ٻُرَنِّ؛
گهوٽَنِ ءِ گهوڙَنِ، رِڻَ ۾ لاٿُون لَڏِيُون.

6

گهوڙَنِ ءِ گهوٽَنِ، جِتَڻَ تورا ڏِينهَڙا؛
ڪَڏَهِن مَنجِهه ڪوٽَنِ، ڪَڏَهِن واهي رِڻَ جا.

7

جِهمَندِيُون اَچَنِ، جهولِيُون جُهونجهارَنِ جُون؛
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ جا، اُنِ جُون وَهُون واڪا ڪَنِ؛
پِٽِينِ پارَ ڪِيَنِ: رڻُ ڳجيو، راڙو ٿِيو.

8

”ڪانڌَ! ڪَلارين ڪَپِڙين، وَرَ! وِناهِيو آءُ؛
جِتِ سانگِيُنِ جِي سَٽِ وَهي، اُتِ وِڪَ وَڌنِدِي پاءِ؛
نان تان يَئُ مَ ياءِ، جان جان نُوڏين نہ چَڙهِين.“

9

’يَڳو‘ آئُون نہ چَوان: ’مارِيو‘، تہ وِسَهان؛
ڪانڌُ مُنهَن ۾ ڏَڪَڙا، سيڪِيندي سُونهان؛
تہ پڻ لَڄَ مَران، جي هُوَنِسِ پُٺِ ۾.

10

مُنهَن مَٿاهان جن جا، سي پِٽِيو ڪَڍَنِ پاَرَ؛
”جيڏِيُون! هِنَ جُهنجهارَ، اُجاري سَڀِ اَڃا ڪَيا.“

11

مَرُ مَرِين، آئُون رُئَنءِ! موتِي آءُ مَ، ڪانڌَ!
ڪَڇَنِ وَڏا پاندَ، جِئَڻَ ٿورا ڏِينهَڙا.

## داستان چوٿون

1

ڪا جا ڏِرِي ڏُنگرِي، ڪو جو وَرِيو واءُ؛
عَلِيءَ شير وِياءُ، رِڻَ ۾ پِيَن راتِڙِي.

2

جهيڙو لاهِ، يَزِيدَ! عَلِيءَ جي اولادَ سيـن؛
سا نہ پَسَـندين عِـيدَ، جا هُوندِي مِيرَ حُسـينَ سيـن.

3

ڪُوفِيُنِ ڦِهرُڪَيو، ٽِيا جَماتِي يَزِيدَ سين؛
پَلِيتَن ڪي پِڙَ ۾، وَرِنَهُ وَرِ پِيو؛
سَڌَرِ هونِ سِهو، شيرُ شَهادَتَ رَسِيو.

4

ڪُوفِيُنِ ڪاغَذُ لِکيو، وِچ وِجهي اَللهُ؛
”اَسِين تابِعَ تُنهنجا، تُون اَسانجو شاهُ؛
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَختُ تابِيني تُنهنجي.“

5

ڪُوفِي ڪَربَلا ۾، پاڻِي نہ پِيارِينِ؛
اُتي عَليءَ شاهَ ڪي، شَهزادا سارِينِ؛
نِڪِريو، نِهارِينِ؛ چَڙهُ، مِيرَ مُحمَّدَ عَرَبِي!

6

پرِهَ پَکِي آئِيو، ڪَربَلا مان ڪَهِي؛
روضي پاسِ رَسُولَ جي، تَنهِن هلِي هاڪَ هَنئِي؛
”ڏِنِيَمِ رُڪَ رُئِي، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي!“

## داستان پنجون

1

حَسَنُ ناه حُسينَ وَٽِ، ٻيلِي نہ ٻاهُون؛
ساڙيه شَهزادَنِ جو، آهي اڳاهُون؛
يَزِيدَ! جُلاهُون، تيلان ڪَرِئين تَڪِڙيُون؟

2

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، هَيءِ! جي حَسَنُ هو؛
پيڙو پيڙو پَنهنجي ٻاءُ سين، پَتَنگَ جِئَن پيو؛
آهي ڪيرُ ٻِيو، جو ڪَري هَلان مِيرَ حُسينَ تان؟

3

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، سائُو سَڀِ نہ هُوَنِ؛
پِڙَ تي سيئِي پُوَنِ، موٺَڻُ جنِين ميهِڻو.

4

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، پاگر جو پائي؛
اَجا اُنَ کي جِئَڻَ جو، آسانگو آهي؛
سُورِهُ سو چائي، جو رُڳوئِي رِڻِ ڳهڙي.

5

سُورِهَا! مَرِين سوبَ کي، تہ دِلِ جا وَهمَ وِسارِ؛
هَڻُ ڀالا، وِڙهُ ڀاڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ؛
مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئين.

6

حُرُّ هَلِي آئِيو، مانجِهي مَردانو؛
”آهِيان عاشِقُ آڳِ جو، پَتَنگُ، پَروانو؛

مانَ راضِي ٿِئي، رَسُولُ رَبَّ جو، نَبِي تو نانو؛
هِيُ سِرُ سَمانو، گهوٽَ! مَٽان ئي گهورِيان."

7

هُئِي هِدايَتَ حُرَّ کي، اَزَلَ ۾ اَصّلا؛
چَڙهِي آئِيو جَنگِ تي، هلِي هُنَ پارا؛
اِيندي چِيائِين اِمامَ کي: "گهورِيُسِ آن مَٿاءِ"؛
"لَا يُکَلِّفُ اَللّٰهُ نَفّسًا اِلّا وُسّعَهَا"، جيڪا پُڄَندِيَمِ سا؛
گهَوٽَ بہ لڳا گهاءَ، سر پڻ شيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

8

پاوَنگُ اُيو پِڙَ ۾، هَٽِي هَزارِي هولُ؛
جَوَهَرَ ۾ جَڙاءَ سين، ڪامِلَ سِرَ ڪَنگولُ؛
رَتو رَتَ رَتولُ، مولِهيو مِيرَ حُسينَ جو.

9

ڏاڙهِي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن؛
چوڏِهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پِڙَ ۾ پا گِڙِياس؛
ميڙي ۾ مُحَمَّدَ جي، مَرُ مَرَڪي ماسِ؛
تَنهِن سُورِهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پِڙَ پُرزا ٿِئي.

10

ڪَڪِرا ڪَربَلا جا، مادرِ تي ميڙِياسِ؛
ڦَٽَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ تي اُڳهياسِ؛
مِڙَئِي معافُ ڪَياسِ، خالقَ بَدِلي خُونَ جي.

## داستان ڇهون

1

ڪَؤنر، ڪِلي جا ڪوڏِيا! جانڪِي تائِين جِي؛
مَٿان اَڙِنِ اُسِري، رُڪَ پِيالو پِيُ؛
ڳاهُ ڳُجُهنِ جو ٿِيُ، ويني جن وَرِهَ ٿِيا.

2

چَپَرِ جِئَن پَهُون، تِئَن رِڻُ ڳِجُهنِ رانئِيو؛
وَنِکا وَنّکَنِ ڳَڏِيا، ڊوڙِيو ڏِيَنِ ڍَهُون؛
مُهاَينِ وَهُون، نِيرُ مَهانگو ڪَندِيُون.

3

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، راوَتَ ڪِينَ رَهَنّ؛
سائُنِ سِرَ فِدا ڪَيا، اَڳِيان اِمامَنّ؛
”يُجَاهِدُونَ فِیٖ سَبِيّل اللّٰهِؕ“، ڪَمُّ اِهو ئِي ڪَنّ؛
حُورُون هارَ بِڌَنّ، سِهرا شَهِيدَنِ ڪي.

4

جَنَّتَ سَندِيَنِ جُوءِ، فائِقَ هَلِيا فِردَوسَ ڏي؛
فانِي ٿِيا ’فِیٖ اَللّٰهَ‘ ۾، هُوءِ سين ٿِيا هُوءِ؛
رَبَّ! ڏيکارِئين رُوءِ، اُنِين جي اِحَسانَ سين!

5

حسَنَ، مِيرَ حُسينَ ڪي، رُنو ٿِنِ ٿولَنِ؛
گهرِ ماڙُهين، جَهنگِ مِرُوئين، اُپَنِ ۾ مَلَڪَنِ؛
پَکِيُنِ پاڻُ پَڇاڙِيو، تہ لَڏِيو هوتَ وَڄَنِ؛
اَلا! شَهزادَنِ، سوپُون ڏِئين، سَچا ڏَڻِي!

6

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ هِنئَڙي جارُ؛
خالِقُ، رَبُّ جَبّارَ، ڪِينَ مَرهِيندو تن ڪي.

# سُر سارنگ

## داستان پهريون

1

آگمِيو آهي، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
وُنو مِينهُن وَڏ ڦُڙو، ڪَڻو ڏَڻَ ڪاهي؛
ڇَنَ ڇِڏي پَٽِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي؛
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

2

آگمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَهَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
پَلَرَ جي پالُوٺَ سين، پَٽَنِ جهلِيا پاهَ؛
واحِد وَڏائِي ڪَيا، مَٿي گسَن گاهَ؛
سانگِيُن وَرِيا ساهَ، اُنُنِ آبُ آگُوندِرو.

3

آگمَ اِيَ نہ اَنگَ، جَهڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيڻَنِ رِءَ سَيَّدُ چئي، رُوحَ نہ رُچَنِ رَنگ؛
سَهَسين ٿِيا سارَنگَ، جاني آيو جُوءِ ۾.

4

جانِي آيو جُوءِ ۾، ٿِيو قَلبَ قَرارُ؛
وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛
نِظارو نِروارُ، پِي پَسايو پانهِنجو.

5

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ پڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

6

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ؛
پِرِيَن جي پَرِديسَ، مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

7

اَڄ پڻ اُميدُون، آگم سَندِيُون اُڀَ ۾؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون! سَڄَڻُ سارِيو مُون؛
آئُون آسائِتي آهِيان، مانَ پِڄائي پُون؛
گهرِ تہ گهرجِين توُن، مُندَ مڙيئِي مينهَن جِي؛

8

اُتران تي آئِيُون، ڪَري هَڪَلَ هُوءِ؛
پَري تَلَ تَرائِيون، جوڙي هَلِيُون جُوءِ؛
پَسو جا پَٽَنِ ۾، ڪَتوريءَ خوشبُوءِ؛
اَڇي رُوبرُوءِ، اُنِيُون روضي تان رَسُولَ جي.

9

پِيَّ پَسايو پانهِنجو، نِظارو نا ڳاهَ؛
لَتو ڪَٿُ قَلُوبَ تان، ٿِي وِرُوهَڻَ واهَ؛
اُميدُون اَرِواحَ، پِيَّ پَسندي پُنِيُون.

10

وَسَڻُ اَکَڙِيُنِ جِئَن، جي هُوند سِڪئِين، مِينهَن!
تہ هُوندَ راتو ڏِينهَن، بسِ بُوندَيَنئُون نہ ڪَرِين.

11

گَامَ گُنديءَ گَنجَ، اَبَرَ ۾ اُهاءُ ٿِيو؛
پَسِي پَرِ پِريُن جِي، ڏُور ٿِيا سَڀِ ڏَنجَ؛
شالَ وَسندَو سَنجَ، عاشقَ تي اوهِيڙا ڪَري.

12

اَگَڻِ تازِي، ٻَهَرِ ڪُندِيُون، پَڪا پَٽِ سُنهَنِ؛
سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرين، مَرُ پِيا مِينهَن وَسَنِ؛
اَسان ۽ پِريَنِ، شالَ هُوَنِ بَرابَر ڏِينهَڙا.

13

ٻَرَ وَنا، ٿَرَ وَنا، وَنِيُون تَرايُون؛
پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڳَنِ وِلوڙا وايُون؛
مَڱَڻَ پَرِين هَٿَڙا، سَنگهارِيُون سايُون؛
ساري ڌُهن سامُهِيُون، ٻولايُون، رانيُون؛
ٻانِهِيون ۽ ٻايُون، پَڪي سُنهَنِ پانهنجي.

14

ٻَرَ وَنا، ٿَرَ وَنا، وَنوجيسَرُميرَ؛
آگَمَ ڪَري آئِيُون، پاڻُرِ پَري پِيرَ؛
لاتائُون، لَطِيفُ چئي، وانڍِيُن مَٿان ويرَ؛
سَرَها ڪَيائُون سيرَ، سَرَهيُون سَنگهارِيُون ٿِيُون.

15

ٻَرَ وَنا، ٿَرَ ونا، وَني ڪَڄَ ڪِنارَ؛
پونياڙِيءَ پَٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ؛
سَٻاجهي سَتارَ، لاتا ڌُرتَ ڏيهَ تان.

16

سارَنگَ! سارَ لَهيجِ، اَللهَ لَڳِ اُڃِيَنِ جِي؛
پاڻِي پُوڄَ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنَّ ڪَريجِ؛
وَطَنُ وَسائيجِ، تہ سَنگهارَنِ سُڪُ ٿِئي.

17

سارَنگَ ڪي سارِينِ، ماڙهُو، مِرگهہ، مينهِيُون؛
آڙِيُون اَبَرَ آسِري، تاڙا تَنوارِينِ؛
سِپُون جي سَمُونڊَ ۾، تَئين سِڄَ نِهارِين؛
پَلَرُ پِيارِينِ، تہ سَنگهارَنِ سُڪُ ٿِئي.

# وائي

مُنهِنجي سَيّدُ سارَ لَهندو، مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
سَجِدي پئي سُپرينءَ، زارِيُون زورِ ڪَرِيندو؛
اُمَتَ ڪارَڻِ اَحمَدُ اُتِ، پَرمَلُ پاڪُ پِئَندو؛
صُورَ ڏَڪاءُ ٿِيندو، اَکِيُون سَڀ سِجُ ڪَڍندو؛
ميڙُو ٿِيندو مومِنين، اُتِ مُحَمَّدُ مِيرَ مَلَهندو؛
نفسَاً نفِسِي سيَڪو ڪَري، داتا دَرِ دِوڙَندو؛
مُهُتُ ڏِيندُسِ مَولو، اُتِ بَدِيُون بَخِشائِيندو.

## داستان پيو

1

سارَنگَ سائي سِٽَ، جَهڙِي لالِي لاڪَ جي؛
اِئَن سي اُبُنِ اَنگِيا، جِئَن سي چُنيءَ چِٽَ؛
بَرِسيو پاسي پِٽَ، پَرِيائين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

2

پِرِي پِٽَ تي آئِيو، سارَنگُ سُهِجَ مَنجهان؛
ڪِڙِيُون ڪَنَڻَ هارَ جِئَن، وِجُون اُتَرَ واءِ؛
سُرَها سَبِزا ٿِيا، دِامَڻَ دِٻِ ڪَيا؛
پَهرِي پَٽَنِئان، پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

3

پَرِيائِين ڪُنَ ڪِراڙَ جا، وُنو وارِياسو؛
ڪُٽيـتِيءَ ڪِنوَڻِ ڪَيو، چَڱو چَؤماسو؛
ماڪاڙِيءَ تان موتِيو، ڏَيئِي پَٻَ پاسو؛
خالِقَ ڪَيو خاصو، چِيهو چُڪِيءَ ڪَنڌِيـين.

4

چِيهو چُڪِيءَ ڪُنڌِيـين، ڪَيائِين گڙَنگَ تي گُلَ؛
هَڏاڪُنيان هَليو، پَري تَرايُون تَلَ؛
آندائِين آبَ اُجَلَ، مَٿي باغُ بَهارَ تِي.

5

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا ٻُرجَنِ سين؛
سازَ، سارَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائي ٻَرُ چَنگَ؛
صُراحِيُون سارَنگَ، پَلِٽِيُون راتِ پَڌامَ تي.

6

مِينهان ۽ نِينهان، ٻَئي اَگَرَ هيڪِڙي؛
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪيِهان؛
بادَلُ ٿي بيِهان، جي آگَمَ اَچَڻَ جا ڪَرِين.

7

ڪُڙِڪَنِ ڪانڌُ ڇِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جِهجَنِ؛
وَرَ رِءَ وانڍِيُنِ اَڏِيا، پَڪا سي مَ پُسَنِ؛
اُتَرُ ڏاهي اُنِ جا، تہ ڪَنهن کي ڪارُون ڪَنِ؛
وارِثُ وَري تَنِ، اَڇي شالَ اولو ڪَري.

8

ڪُڙِڪَنِ ڪانڌُ ڇِتِ ڪَيو، جُهڙُ پَسِيو جُهڙِڪَنِ؛
سُٽِيو رَڙِ رَعِدَ جي، ڪَلِيُون ٿِيُون ڪَنبُنِ؛
ڪَلِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچارِيُون وَرَنِ ري.

## داستان ٿيون

1

گـنَيرَ گَتِ سِڪَنِ، چَلَڻَ جي چاهَ پَئِي؛
هِندِوا حَيرَتَ ۾ پِيا، لالِي کِي لَبَنِ؛
چِمِڪَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِڄِڙِيُون وَهِسَنِ؛
لوچَنِ ٿا، لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لءِ پِرِيَنِ؛
ڪَيسَرَ قِرِيبَنِ، سَنباهي ساڻُ گَنيا.

2

مندَ ٽِي مَندَلَ مَندِيا، ڪي اوهِيڙَنِ اوڪَ؛
چاچَرِ ٽِي چَنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ؛
سَرَهِيون ٽِيُون سَنگهارِيُون، پُويو پائِنِ طَوقَ؛
ميها، چِيڙَ، ڦنگِيُون، جِتِ ٽِيَنِ سَپيئي ٿوڪَ؛
لاهِئين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.

3

مُندَ ٽي مَندَلَ مَندِيا، تاڙي ڪِي ٽَنوارَ؛
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ؛
اَڄُ مُنهِنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

4

مُحبَّ مُنهِنجا سُپرِين! آٽيئِي اَللّٰهُ؛
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَندِيو آهُون ڪَري.

5

آگَمَ ڪَيو اَچَنِ، سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَن جِئَن؛
پاسي تِنِ وَسَنِ، جي سَڀُ جَماندَرُ سِڪِيا.

6

اُوچِڻَ گُهرِجي آجِڪو، جُهوپو سَهي نہ سِيُ؛
سُٽائِج سُوَڙَ ڪي، حالُ مُنهِنجو هِيُ؛
اَڱڻَ آيو ٽِيُ، تہ ڏِولِيا! ڪَنهن ڏَنگِ ٽِيان.

7

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سَنجهي سيءَ مَران؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنَ ۾، پيئِي ٿارَ ٿَران؛
تارِيءَ تو تَران، جِئَن وَرُ وِهاڻِيءَ وارِئين.

8

ڪانڌَ! تُنهنجي پاندَ ري، سيءَ مَران سَڀِ راتِ؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ ۾، جَهپَ نہ اچي جهاتِ؛
اَچِين جي پِرياتِ، تہ آئُون سِيُّ نہ سارِيان.

# داستان چوٿون

1

سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَن جِئَن، جُهٽِڪَنِ پاسي جهوڪَ؛
ڏِيندا پاهُ پَٽَنِ کي، مَنجهان مِينهَن موڪَ؛
لَسَ پِيارِينِ لوڪَ، آگَمَ ڪَيو اَڪِيُنِ سين.

2

واهُندان وِڄُون ٿِيُون، ڪِڙِيُون ڏَنهن ڪَنياتَ؛
ڪُنڍِيُون ڪاهي گَسِ ڪَرِيو، وَڄُون ڪَرِيو واٽَ؛
سَنگهارَنِ سُکُ ٿِيو، لَٿِي اُڃُ اُساٽَ؛
جُهڙُ ڦُڙُ ڏيئي جهاتَ، پُسائِينديُون پَٽيُون.

3

سَڄو صافُ نہ اُپِري، سَرِلي وِڄان سِڄُ؛
مُنهُن چَڙِهيو ماڙهن کي، ڏِئي وڏايُون وِڄُ؛
هِنئَڙا! ڪَپُ مَ ڪِڄُ، سِگها مِلَندءِ سُپرين.

4

ڏِٺِ ڏَري پَٽِ پيئِيُون، ٿِيا وَلهارَنِ وِيَ؛
سِڄُ، چَنڊُ نہ پاڙِيان، سيڻَنِ جي شَبِيهَ؛
جي جانِي اَندَرِ جِيءَ، سي پِرِين پيهِي گهرِ آئِيا.

5

ڏِٺِ ڏَري پَٽِ پيئِيُون، وِڄُنِ ڪَيا ڏَرَمَ؛
واحِدَ وَڏائِي ڪَيا، ڪُنڍِنِ ساڻُ ڪَرَمَ؛
سَنگهارَنِ شَرمَ، رَکُ مُنهنجا سُپرين!

6

موتِي مانداڻِ جِي، واري ڪَيائِين وارَ؛
وِڄُون وَسَڻ آئِيُون، چَوڏِس ۽ چَوڏارِ،
ڪي اُتِي ويئِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽِيُون مَغرَبَ پارَ؛

كي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرِقَندِيُنِ سارَ؛
ڪي رَمِي وِيئِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَنڌارَ؛
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي ڳُڙَنِ مَٿي گِرنارَ؛
ڪَنهِين جُنبِي جيسَلمِيرَ تان، ڏنا بيڪانِير بَڪارَ؛
ڪَنهِين ڀُڄُ ڀِجائِيو، ڪَنهِين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهِين اَچي اَمرَ ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ؛
سانئِيَمِ! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَ! مِنا دِلدارَ، عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرِين.

7

موتِي مانداڻِ جِي، جُڙِي ڪَيائِين جوڙَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٻَهِ ٻَهِ ٻَڌائُون ٻوڙَ؛
اَنَنِ جا عالَمَ ۾، لَکين ڦِيا ڪوڙَ؛
سارَنگَ لاتي سوڙَهه، ساندَهِ سُهائو ٿِيو.

8

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساٺَ ڪَجَنِ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٿَهَ ٿَهَ مِينهَن ٿِمَنِ؛
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙِيو، سي ٿا هَٺَ هَٽَنِ؛
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿِيا، اِئَن ٿا وَرِقَ وَرَنِ؛
ڏُڪارِيا ڏِيهَ منا، شالَ مُوذي سَڀُ مَرَنِ؛
وَرِي وَڏي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳنوارَنِ؛
سَيّدُ چوي سَيِنِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.

9

اَندَرِ جُهڙُ جُهورِ وَهي، ٻَهَرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ؛
وَسائِيندي وِڄُڙِي، حُبَّ جنِين کي هوءِ؛
لالَنُ جنِين لوءِ، تن اوڪاڙِين نہ اَڪيُون.

10

آڳمِجِي آئِيُون، اُتَران ڪَري اُورِ؛
جي پِرين هُئَڙا ڏُورِ، سي مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

# وائي

آئِي مُندَ مَلارَ، آئون کُهِنبا کَندِيَسِ کَپِڙا؛
وَسَڻَ جا ويسَ کَيا، اَڄُ مُنهنجي يارَ؛
لارَ لائِيندي وَڇُڙا، پِنَڙَسِ پَنيا وارَ؛
پَکي آءُ پِرِين ٿُون، لَهُ مُنهنجِي سَيّدُ! سارَ.

# سُر آسا

## داستان پهريون

1

لوچان ٽِي لاحَدَ ۾، هادِيءَ لَهان نَہ حَدُّ؛
سُپيرِيان جي سُونهَن جو، نَڪو ڦَدُ نَہ مَدُّ؛
هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، هُتِ پِرِينءَ پَرِوا ناهِ ڪو.

2

”آئُون“ سين اُنَ پارِ، ڪَڏِهن تان ڪونَہ پِيو؛
”اِنَّ اللّٰهَ وِتَرٌ يُّحِبُّ الۡوِتَر“، نيئِي بِيائِي بارِ؛
هيڪِڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هُئَڻَ جُون.

3

بَنِ! بِيائِي، سُپِرِين! پاڻان مُون ڪي پَلِ؛
”آئُون“ اورِيان جَهلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏَٽِي.

4

هُو پِڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَہ هُنَهان ڌارَ؛
”اَلۡاِنۡسَانُ سِرِّيۡ وَ اَنَا سِرُّهٗ“، پَرُوڙِج پَچارَ؛
ڪَندا وِيا ٽَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙِي.

5

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ؛
سَپِ وِجائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

6

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِجائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

7

نابُودِيءَ نيئِي، عَبّدَ کي اَعليٰ ڪَيو؛
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پڻُ سيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي؟ ڳالِهه پِرِيان جي ڳُجَهه جِي.

8

جن وِجايو وُجُود کي، سي فانِي ٿِيا ”فِي اللهَ“ ۾؛
نہ تِنِ قِيامُ نَہ قُعُودُ ۾، نہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُودُ کي.

## داستان ٻيو

1

اُپِرَنّدي ئِي سِڄِ، پِرِين جي نہ پَسَندِيُون؛
ڪَڍِي ٻيئِي ڏِڄِ، اَکَڙِيُون ڪانگَنِ کي.

2

نيرانا ئِي نيڻَ، نيئِي آچِ پِرِيُنِ کي؛
سَتَرِ ڪاڏا ڪيڻَ، جہ ڏِٺو مُنهُن مَحّبُوبَ جو.

3

تِنِ نيڻَنِ کِي نيرانِ، جِنِ ساجُهرُ سيڻَ سانپيڙِيا؛
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُّ ڪَيو.

4

اَکِيُون عَلَي الصّباح، دوستُ ديکَڻَ آئِيُون؛
اُپِيندِيُون اَرِداسَ ۾، ٻِي نہ ڪَندِيُون ڪاءِ؛
رَچَندِيُون رِءَ پاهَ، پَرِچَندِيُون پِرِينءَ سين.

5

وَسَنِ ۽ وَهسَنِ، ڏيهاڙِي ڏِسَڻَ لَءِ؛
ڏِسِي ڏِسِي آئِيُون، توءِ تَلاشُون ڪَنِ؛
ڍِاپِيو نہ ڍِاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرِينءَ جي.

6

اَڱڙِيُون اَڱڙِيُنِ تي، ڏُمَرَ ڏوسَ ڪَرِينِ؛
جيلانهَ سِڪَڻُ سِکِيُون، تيلانهَ دَعوىٰ مَنجِهه دَڙِينِ؛
ڪِلَنِ ۽ ڪَرِينِ، رُسَنِ پَرَچَنِ پاڻَ ۾.

7

اَکِيُنِ کي آئُون، جان کِي جُهلُون پائِيان؛
لوڪُ لَتاڙي نِندَ ۾، ساجَنُ سوناٿُون؛
مُون کي مارِيائُون، پاڻَ پَرِچِي آئِيُون.

8

اَکِيُنِ پَنهَنجِي مَتِ، پاڻَ سين پاٽَهِين ڪَئِي؛
اُتي وَڃِي لَڳِيُون، جِتي جانِ ڪَپَتِ؛
نَ ڪا ڳالِهه نہ ڳتِ، جِيَّ ڏِني رِءَ نہ جُڙي.

9

اَکڙِيُنِ آرو، مُونهان پُڇِي نہ ڪَيو؛
اُتي وَڃِي اَڙِيُون، جِتي چَوَڻَ نہ چارو؛
هِينئَڙو ويچارو، واٿُون جَهلِيو وِجُهلي.

10

اَکِ اُلِٽِي ڏارِ، وَنءُ اُلِٽو عامَ سين؛
جي لَهِوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُ اوڀارِ؛
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرِينءَ ڏي.

11

تان جي تِيَنِ سامُهان، پُنِيرا سُونهَنِ؛
سَنئون وَرائي سُپِرِين، مُنهُن جي مانڊي ڪَنِ؛
رَڳُون سَڀِ رَچَنِ، تَنَ ۾ تازائِي ٿِئي.

12

اَکِيُون سي ئِي ڏارِ، جِنِ سان پَسِين پِرِينءَ کي؛
ٻِئي ڏانهن کِيمَ نِهارِ، گهڻو رِيسارا سُپِرِين.

# داستان ٽيون

1

ديکُ مَ ڪُون سين ٿَنِ، هِي جي مَجازِياٽِيُون مُنهَن ۾؛
ڪِينَ نہ سُڄاتو سُپِرين، نِهاري نيٽَنِ؛
پِرِين سي پَسَنِ، ٻَئِي جنِين ٻُوٽِيُون.

2

مَجازِي مَ مَٽِ ڪَرِ، پَنِپِيُون اِئَن نہ پيرِ؛
پُڇِي ٿِئين تہ پيرِ، هارِي! حَقِيقِيءَ جي.

3

سَنئِين سُونهائي سَپَڪا، ڪا مُون مُنجهائيِ؛
طَلَبَ ۾ تَحصِيلَ، اورِيان ئِي آهيِ؛
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

4

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪِيءَ جو خِيالُ؛
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَٽان ئِي پَري ٿِيو.

5

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تِيئَن، سوئيرِيان ئِي سَنِهڙو؛
پِرِين پائِيندا ڪِيئَن، توکي اَڱڙِيُن ۾؟

6

اَڪِيُن ۾ ٿِي ويهُ، تہ آئُون واري ڍَڪِيان؛
توکي ڏِسي نہ ڏيهُ، آئُون نہ پَسان ڪِي ٻِيو.

7

ڳَرَ ڪي ڳُپُرُ ڪاءِ، نانگُ مَٽِيارو نِڪرِي؛
اُپِو جو اوناءِ، سُرِ پُرِ سَندِي سَڄَڻِين.

8

سَڄَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوڪان ليکي وِنگِيُون؛
سَندِي سُپِرِيَنِ، پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاڪڙو.

9

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرڪُ؛
جو حُسُنَ سَندو حَقُ، سو ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي!

10

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃِي ٿِيو ويڇُون؛
مُحَبَتَ جُون ميڇُون، ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي.

11

مُئي هاٿِيءَ تي مامِرو، اَچِي ڪَيو اَنڌَنِ؛
مَناڙِين هَٿَنِ سين، اَڪِئين ڪِينَ پَسَنِ؛
"فِي الحَقِيقَتَ" فِيل ڪي، سَڄا سُڄاڻَنِ؛
سَندِي سَرِدارَنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.

## وائي 1

مُنهَن مَنجِه خَلِيلُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئين.
سَڌَ مَ ڪَر صِحَّتَ جِي، اَڃا تُون عَلِيلُ؛
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَلِيلُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ تُون، قَلبُ تان قَلِيلُ؛
والِيءَ جي وِصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ؛
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، سَچو رَڪائِجُ سِيلُ.

## وائي 2

مَوٽَ مُندَ نہ آهي، تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا.
"عَجِّلُوا بِالتَّوبَةِ قَبلَ المَوتِ" ويهُ تُون ويرَمَ لائي؛
پِريان ڪارَڻِ پاڻَ ڪي، سِگهو ويهُ سَنباهي؛
اَجَلُ اَسارَنِ ڪي، ڪامَ وَنِي تو ڪاهي؛
وِڌائِين وَڏَڻَ لَءِ، ڳَنُ ڪُهاڙِيءَ پاهي؛
عِمارَتُون اَنڌَنِ جُون، ڍاهِيو تو ڍاهي؛
نِبا گهوٽَ گهرَنِ ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ ويرَ وَناهي؛
اُتي، عَبدُاللَطِيفُ چَئي، بِنا ڪَفَنَ پَراهي.

# داستان چوٿون

1

مَحرُومَ ٿِي مَرِي وِيا، ماهِرَ ٿِي نہ مُئا؛
چِڙِيءَ جِيئَن چُهِنجَ هَٽِي، لَڏِيائُون لُئا؛
حُبابَ ئِي هُئا، اِنهِيءَ وادِيءَ وِچَ ۾.

2

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پُٺِ سيئِي؛
”لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ“، وَنۡءُ اوڏانهِين پيهِي؛
تِهان مَنجهيئِي، پارِڪَ! پَرِکِجِ حَقَ کي.

3

ڏِسَڻُ ڏِسِين جي، تہ هَمہَ کي حَقُّ چَئِين؛
شارِڪَ! شَڪُ مَ ني، اَنڌا! اِنهِيءَ ڳالهِ ۾.

4

آڏو جو اِثباتِ کي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ؛
هُئي جنهن ۾ حَقُّ، تنهن نَفِيءَ جِهو ناهِ کو.

5

اِنَ پَرِ نہ اِيمانُ، جِئَن کَلِمي گو کوئِائِيين؛
دَغا تُنهِنجي دِلِ ۾، شِرَڪ ءِ شَيطانُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئين.

6

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافَرُ مَ ڪوٺاءِ؛
هِندُو هَڏِ نہ آهِئين، جَٽِيو تو نہ جُڳاءِ؛
تِلَڪُ تِنِين کي لاءِ، سَچا جي شِرَڪَ سين.

7

مُنهُن تہ آهيرِيان ئِي اَجِرو، قَلَبَ ۾ ڪارو؛
بَهَران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو؛
اِنَ پَر ويچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.

8

ٿُون ڪا ڪانِي پاءِ، وَنِ ۾ وِصالَ جِي؛
دُوبِينائِي دُورِ ڪَري، مَعرِفَتَ مَلهاءِ؛
سُپيرِيان جِي سُونهَن ۾، رُخنو ڪونَ رِهاءِ؛
اَکِ اَشَهَد چاءِ، تہ مُسَلِمانِي ماڻِئين.

9

سُرمُون سِياهِيءَ جو، رَنِ ڪي رِهاءِ؛
ڪانِي ڪارائِيءَ جي، مُٺِسُ ٿي مَ پاءِ؛
اَکِيُنِ ۾ اَٿِڪاءِ، لالائِي لالَنَ جي.

10

سُرمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن؛
تَڏهن ڏِٺِي تن، رَوَنَقَ ريٿي جَهِڙي.

11

سُرمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن وِڌو جن؛
تَڏهن ڏِٺِي تن، اَچائِي عالَمَ ۾.

12

مُون تان لِڪائِي گهٽو، روئَڻَ ڪِي روشَنُ؛
رَسِيو ريزالَنِ ڪي، مَنجهان زَردِيءَ ظَنُ؛
ويرِي مُون وَرَنُ، ڳالِهِ ڪَيائِين ڳُجَهہ جِي.

13

لَڪين سَئين مَهَراڻَ، آٿِي سَپِ اُڏَمِيا؛
سَڙان مَنجهِين مانَ، ٻَهَرِ باڦَ نہ نِڪري.

14

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ ڪي، سُٽِي ڪَرِ سَنپالَ؛
وِچان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ هِنَ جو.

15

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ ڪي، طالِبَ! سُٽِجِ ٿُون؛
نَڪا هان نہ هُون، پَردا سَپِ پاسي ٿِيا.

16

”مُون“ مُونهِين ۾ سَپَجي، مُون کي ”مُون“ جُڳاءِ؛
مُونهين جي ساجاءِ، مُونهين مَنجهان ”مُون“ ٿِئي؛
اُنهِين اِئن جُڳاءِ، آن کي اِئن نہ چَوَڻو.

17

گُندِي نِينهُن نہ سَپَجي، ٿُهَ نہ پَچي ماهُ؛
کَچِيءَ پَرِ ڪِئاءُ، ٿِئي سَماجوڳُ سَڄَڻين؟

18

نَظَرُ نِزدِيڪونِ، سَهِي نہ سَگهان ساعَتَ سِيئَن؛
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُون نالي ڳِيڙي نِجُهران.

19

مُون کي مُون پِرِيَنِ، بَڌِي وِڌو بارِ ۾؛
اُيا اِيئَن چَوَنِ، مَڃُڻ پاندُ پُسائِيين.

20

پِيو جو پاتارِ، سو ڪِئَن پُسَڻَ کان پالِهو رَهي؟
سالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پَهُ اِنهِين پاندَ جو.

21

ڪَرِ طَرِيقَت تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُجاڻُ؛
هِنئون حَقِيقَتَ هيرِ ٿُون، ماڳُ مَعرفَتَ ڄاڻُ؛
هوءِ ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسٽان پالِهو رَهين.

22

ڪُوڙِي ڪِج مَ ڪَڌِهين، ڦِڪِي پانئِج ڦانگَ؛
ساري سَناسِيُنِ ڄِئَن، لائِقَ! رَڪِج لانگَ؛
تہ چارَئِي چُنِيءَ پاندَ، اوسا ڳِنهِي اُڪرِين.

23

سُتوئِي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏِئين نہ جانِ؛
صُلِحَ رِيءَ سيٽانِ، مَتان نُونڌين نہ چڙهِين.

24

صُلِحُ جِنِ سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻيندا سي؛
”اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَكَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ“، اِنَ پَر اُيا جي؛
نيئِي نُونڊين تي، ڏِکي چِتي چاڙِهيا.

25

جي تِيا حَلُ حَبِيبَ سين، سُمهڻُ تن ثَوابُ؛
نيڻَ هيرائي نِندَ سين، خوش کَيائُون خَوابُ؛
اوسِيڙو عَذابُ، دِلِيان تَنِين دُورِ ٿِيو.

26

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَڻِيو، دِلِ دَنبُورو جَنِ؛
تَندُون جي طَلَبَ جُون، وَحدَتَ سِرِ وَڄَنِ؛
”وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ“، اِهو راڳُ رَڳُنِ؛
سي سُتائِي جاڳَنِ، نِندَ عِبادَتَ اُنِ جِي.

## وائي

ڪِي اُنهين مَنجِهه آهي، هُو جي جُهونا پَسجَنِ جُهوپِڙا.
اِنَ دَرِ سيئِي اَڳِهيا، جن کي ڪونَ چِتائي؛
ڌارِيان پانئِنِ ڌارِيو، پاڻُ پِرِيان سين ڪائي؛
”اِنَّ اَوۡلِيَائِيۡ تَحۡتَ قَبَائِيۡ“، پَنهنجا پاڻَ پَهرائي؛
”لَا يَعۡرِفُهُمۡ غَيۡرِيۡ“، پَرَ کي ڪِينَ پَسائي؛
پَنهنجِي چَڏِي پَٿَ ۾، رِڙهُ اُنين جي رائي؛
خِدمَتَ ڪَرِ خُلَقَ سين، پاندُ ڳِچِيءَ ۾ پائي؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللّٰطِيفُ چَئي، اِتاهِين ڪِي آهي.

# سُر رپ

## داستان پهريون

1

ڳُوندَرَ ڪَيو غَرَقُ، ماءُ! مُنهِنجو ڄِندُڙو؛
ڏُکويُنِ مَرَڪُ، مَٿي سَڳَرَ پَنڌڙَو.

2

ڳُوندَرَ ڳَڏِياسِ، صِحَتَ نِيَڙِيَمِ سَڄَڻين؛
مادَرِ! مارِياسِ، ڦوڙائي پِرِينءَ جي.

3

ڳُوندَرَ هَٿَ نہ پيرَ، وِرِهُ مَنجِهينِ وَهَٽو؛
ڪُڙهِ ۾ قطارُون ڪَري، سُورَنِ لايا سيرَ؛
مُون جِئَن ڳهاري ڪيرَ، هيڪِلي رِءِ سَڄَڻين؟

4

اُٺي جِئَن مورَنِ، اوپَرَ وَلَهارَنِ ۾؛
سا پَرِ ڳُوندَرَ ڪَنِ، جُہ ڦوڙائو سَڄَڻين.

5

ڳَرَنِ ۾ ڳَرَهيجِ، روئي ڪَجِ مَ پَڌِرا؛
تان سُوراٽي سَهيجِ، جان لا هِيندَڙُ ڪو لَهِين.

6

ڳُرَ ۾، ڳُجهو روءُ، پَڌَر وِجُهہ مَ پَرِينءَ ري؛
سُورَنِ سُپَرُ هوءُ، هِنئَڙا! ڪُمَ ڪَنَنِ جِئَن.

7

جاءِ نہ سَجو ڏِينهُن، هِنئَڙو اوٺي وَڳَ جِئَن؛
مُون پِرِيان سين نِينهُن، ڇِنَڻَ ڪارَڻِ نہ ڪَيو.

8

پَلَ پَلَ ۾ پَلِيانسِ، پَلُ نہ رَهي پِرِينءَ ري؛
جِئَن جهوريءَ کان جَهلِيانسِ، جِهجِيو تِئَن جهوريءَ پَوي.

9

ڪَڪَرَ مَنجِهہ ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنئُون نہ لَهي؛
اَجُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُنا پِرِين اَپارَ؛
آءُ سَڄڻ! لَهُ سارَ، وِرِهَ ويڙهِي آهِيان.

10

مُون مَنجهيئي مِينهُن ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪَڪَرين؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِرِيان جو نہ لَهي.

11

جُہ سي سَنپِرِ جَنِ، سَہَ تنين سين اورِيان؛
لُنوءُ لُنوءُ هيٺِ وَڄَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جِئَن.

12

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، ويٺين واڳيو نہ رَهي؛
رَئيءَ لَٿِجي نِتُ، هِنئَڙو واٺَ وِرِڪَ جئَن.

13

چوري چوري چِتُ، جان نَئِينءَ وِهاڻِيءَ نِڪِران؛
نِينهُن گُهرائي نِتُ، پِرِيان سَندي پيرَ ۾.

14

چيتارِيان چُٽِڪَنِ، وِسارِيان نہ وِسِري؛
ويرو تارَ ڏُکَنِ، سَڄَڻَ پَڳي هَڏَ جِئَن.

15

چيتاري چَونَدِياسِ، ڳَالِهيُون سَپوئي سَڄَڻين؛
جُہ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَپِ وَڃَنِمِ وِسِري.

# داستان ٻيو

1

سَڄَڻَ سان نہ پيٺَ، ڳُجُھ ڳرهِيان ڪِنِ سين؛
ٻَالِهيُون اِنهيءَ ريٺَ، سَلا ٻَڌي مورِيُون.

2

ٻَالِهيُون پيٺَ وَرَنِ ۾، وَڌي وَڻَ ٿِيوُن؛
پَرَ سين مُون نہ ڪَيُون، گوشي پِرين نہ گڏِيا.

3

گوني ۽ گُونِي، پِرين پَٽائين گَجَ جِئَن؛
جي مَنَ مجُوني، سي ڪِئَن وَجَنِ وِسِرِي؟

4

اَندَرِ اَندَرِيُون، جِئَن سي وانجِهيءَ لَٺِ ۾؛
مُون تَنَ تيترِيُون، تہ ”ڪِئَن مِلبو سَڄَڻين؟“

5

جِئَن سي ڪُوهِيءَ نارَ، وَهَنِ واريءَ ڳاڏُئان؛
هِنئَڙو پِرِيان ڌارَ، نِبيرِيانسِ نہ نِبِري.

6

سَبَرُ سِيُّ پِيو، نہ مُون سَوَڙِ، نہ گبرو؛
نہ مُون ڪانڌُ، نہ ڦُوٽُ ڪي، جوبَنُ وَهِي وِيو؛
تنِين حالُ ڪِهو، نِڌَرَ جنِين نِجُهرا؟

7

اُتَرُ اوتُون ڏي، نہ مُون سَوَڙِ نہ گبرو؛
سِيُّ سارِينديُون سي، جنِين نِڌَرَ نِجُهرا؟

8

اُتَرُ ڏِني اوتَ، نہ مُون سَوَڙِ، نہ گبرو؛
چارَئي چُنِيءَ پوتَ، مُون ريڙهِيندي راتِ گئِي.

9

نِينھُن نھِائِينءَ جان، ڏِکِيو ڪوھُ نہ ڏِڪِئين؟
جَرَ جَيري چِڏي، تہ ڪِئن پَچَندا ٿانءَ؟
سَندي ڪُنياران، ڪَنِ ڪَريجا ڳالَھڙِي.

10

نِينھُن نِھائِينءَ جِئَن، ڏِکِيو ڪوھُ نہ ڏَڪِئِين؟
جَرَ جيري چِڏي، تہ رَڃَ پَچَندا ڪِئَن؟
ٿُون پڻ ڪَريج تِئَن، جِئَن ڪنيارَڪَرِن ڪَمَ سين.

11

نھِائِينءَ ڪان نِينھُن، سِکُ مُنھِنجا سُپِرِين!
سَڙي سارو ڏِينھُن، ٻَھَرِ ٻاڦَ نہ نِڪري.

12

نينھَ نِھائِين جان، سُتي لوڪَ ڏِکِيان؛
اُجھامِيو ٻَران، توکي سارِيو سُپِرِين!

13

ڪي جو ڪُنيارَنِ، مِٿيءَ پائي مَنِيو؛
تَنھن مان تِرَ جيتِري، جي پَئي خَبَرَ ڪرَنِ؛
ھِي تان ھُوندَ مَرَنِ، ھنِ اَگَڻِ اوراتو ٿِئي!

# سُر ڪاھوڙي

## داستان پھريون

1

ڪاھوڙِيُنِ خَفِيءَ سين، سوجھي لَڌو سُبُحانُ؛
عاشِقَ اَھڙي اَڳَرين، لَنگِھيا لا مَڪانُ؛
ھُوءِ ۾ ڳَڏِجي ھُوءِ ٿِيا، بابُو جي بِريانُ؛
سَپِوئِي سُبُحانُ، آيو نَظَرُ اُنَنِ جي.

2

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنِين ڏِٺو پِرينءَ ڪيِ؛
رَھِي اَچِجي راتڙِي، تن جُنگِنِ سَندِيءَ جاءِ؛
تِنِين جِي ساجاءِ، تُرھو ٿِئي تارِ ۾.

3

ويئُون پَبِ پَئِي، ڪيرُون ڪاھوڙِيُن جُون؛
آئُون تن ڏوٿِيُنِ جو، پُڇان پيرُ، پَھِي!
رُجُنِ راتِ رَھِي، ڏُونگر جَنِين ڏورِيا.

4

تُون ھَڏِ ڪُڇاڙِيا، سَنجھي سَعيو نہ ڪَرِين؟
سَوارا سَندَ ڳَٽِي، ڪاھوڙِي وِيا؛
آٽِيندين ڪِيا، ڏُٿُ ڏوراٽِي ڏيھَ جو؟

5

ڏوٿِي سا ڏورِين، جا جُوءِ سُئِي، نہ ٻُڌِي؛
پاسا مَٿي پاھَٽين، ڪاھوڙِي ڪوڙِينِ؛
وِڃا اُتِ ووڙِينِ، جِتِ نِھايَتَ ناھِ ڪا.

6

يَڪُلِيا پُوٽَنِ، ڏَڙَ ڪي گَڏِيو ڏُوڙِ ۾ ؛
ٻَالِهيُون، ٻُهِلي لوڪَ سين، پَڌرِ پَئِي نہ ڪَنِ؛
ڪا مُلِ آهي تَن، مُون پِريان جي ٻَالَهڙِي.

7

تان وَنڻُن ويهِي آءُ، اڱڻُ ڪاهوڙِيُنِ جي؛
جوشَ ڏِنائُون جِيءَ کي، لِڪائي لوڪاءُ؛
ڏوتِيُنِ ڪنهن ڏُڪاءُ، سُمهِي سُک نہ ماڻِيو.

8

ڏُٿُ نہ ڪُتو ڏوتِيين، جيڪِي ڏُٿُ ڪَرِينِ؛
اُهَجاڻِيُون عالَمَ جُون، اوريائِين آڻِينِ؛
تِهان پوءِ ڏِسِينِ، پِرِيان سَندِي ٻَالهڙِي.

9

جي ڪو ڏُٿُ ڪَري، تہ ڏُونگَرَ ڏورَڻُ ڏاکِڙو؛
چِپَرُ ڪِينَ ڏِئي، سُوکِڙِيُون سُتَنِ کي!

10

مُون ڪاهوڙِي لَکِيا، گهرين نہ گهارِينِ؛
واحِدَ لَڳِ وِلَهُنِ ۾، رويو جَرُ هارِينِ؛
گُوندَرِ گُذارِينِ، جہُ ڏوتِي ڏُٿَ گَڌُ ٿِيا.

11

ڪاهوڙِيُنِ ڪَٽِي، ساجُهرُ ٻَڌا سَندِرا؛
ڏورِيندي ۾ ڏُونگرين، ڪَيائُون پاڻُ پَٽِي؛
ڏَکَنِ ڏِيلُ هَٽِي، چيهُ لَڌائُون چِپَرين.

12

ڪَٽَنِ نہ ڪَيڪانَ، پَنڌَ پَراهين هَلِيا؛
ڏوٿِيرا ڪَنهن ڏُٿَ کي، جُنبِيا ڏَنهُن جابانَ؛
ڪاهوڙِيُنِ اُهجاڻَ، اَنگ نہ سَڄِي اَڱِڙِي.

13

سُڪا مُنهَن سَندِن، پيرين پُراٽا ڪيتِڙا؛
سا جُوءِ ڏوري آئِيا، سُونهان جِتِ مُنجَهن؛
ڳُجها ڳُجهيُون ڪَنِ، تِهان پَراهين پَندُ جُون.

14

سُڪا سَندَ ڪَڇُنِ ۾، ڪرِڪَٽا پيرين؛
تِمَندي نيٽين، آن ڪي ڪاهوڙِي ڳَڏِيا؟

## داستان ٻيو

1

پيوجن پَرو، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جو؛
ڇَڏي ڪيٺُ گرو، لوچي لاهوتِي ٿِيا.

2

پيئِي جن پَرڪَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي؛
واري سَڀُ وَرقَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

3

پيئِي جنِين باسَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي؛
ڇَڏي سَڀِ لِباسَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

4

ڪَهڙو اَتيئِي ڪامُ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ ۾؟
پَسِي تنهن پاهڻَ کي، اَچي نہ آرامُ؛
مَتان ڏُونگَرَ ڏورِئين، اُجهين ڪُهُ عَوامُ؟
هَرا ڪَري حَرامِ، ڪامُ تہ ڪاهوڙِي ٿِئين.

5

ڏِيهُہ ڏيهائِي ناهِ، جِتي پيرُ نہ پَکِيان؛
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئِي وَڻَ چُوندِيا.

6

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تِتِ ٿِمڪي باھِڙِي؛
ٻِيو ٻارِيندو ڪيرُ، ڪاھوڙِڪِيءَ ڪيرَ ري؟

## داستان ٽيون

1

اَچِي پِيا آتِ ۾، واٺَ وِجائِي جَنِ؛
اُوءِ بصِيرَ بَرّنِ ۾، اَنڌا ٿِيو اُيَنِ؛
ڪَنَن آڏِيُون تاڙِيُون، ڳُنگن جِئَن ڳُھمَنِ؛
فِراقِيءَ فرمان جو، آھي ٻَرُ ٻوڙَنِ؛
لَنگھا ٿِيا لاھُوتَ ڪي، سُتا پِيا سِڪَنِ؛
ڳِپَتِ ڪاھوڙِيَنِ، آهَ اُٿِئي پئي نہ لَھي.

2

ڏِسِي ڏوري ڏُونگرَين، واٺَ وِجائِي جَنِ؛
ڪُرَندان ڪِي پَرُوڙِيو، رَنڌُ سي نہ رِڙھَنِ؛
ٻيئِي دارَ دَيُون ڪَيو، پِيرَتِ تان نہ پُڇَنِ؛
ڏُوڙِپِرِيان لَءِ ڏارِ ڪَيو، ويچارا وِجَھنِ؛
خَبَرَ ڪاھوڙِيَنِ، آھي لِڪَ لاھُوت جي.

3

ڪُپِيرِيءَ ۾ پيرُ، ڪَنھِين پاتو پيرِيين؛
جِيان مُنجھڻَ ماڙُھِئين، سَجَڻَ تِيان ئِي سيرُ؛
اُنَ پُون سَندو پيرُ، ڪوڙِنِ مَنجهان ڪو لَھي.

4

سُونهَپَ ۾ سَپَ ڳھٽا، مُنجَھڻُ ماڪِي ھوءِ؛
پَرو تَنھِين پوءِ، جو اُجِھي پوءِ اُنِ تان.

5

ڏوري ڏوري ڏِيھَ، ماءِ! ڪاھوڙِي آئِيا؛
مَيَنِ پيرين ڪيھَ، ڪُھُ جاڻان ڪَنھن پارَ جِي.

6

جَهنگَلِ هَلِيا، سي نہ پُلِيا، راهَ هَلِيا ڦُرِجَنِ؛
اَوَجهڙِ سي نہ پَوَنِ، ٻيئِي جنِين ڇڏِيُون.

7

جَهنگَلُ آهيڙِيُنِ کي، پَنَڌُ کَيو رُوندو؛
نہ کُتا، نہ کوڙِکُون، چَڙهِيو اُپو چُوندو؛
هَڏهِين نہ هُوندو، اِنهان پوءِ عالَمَ ۾.

8

وَرُ سا سُڄِي ويڙه، جنهن ۾ سَڄَڻُ هيڪڙو؛
سو ماڳُ ئِي ڦيرِ، جِتي کوڙِ کُماڙُهئين.

9

کارِي راتِ، اَڇو ڏِينهُن، اِيُّ صِفَتان نُورَ؛
جِتي پِرِينءَ حضُورُ، تِتي رَنگُ نہ رُوپُ کر.

10

ڏُونگَرين ڏِسجَنِ، اَڄُ پِڻُ رُيُون اُنِ جُون؛
ڏوتِيَڙا ڏُٿَ کي، آراڙان اَڇَنِ؛
خِيما کاهوڙِيَنِ، اَڄُ نہ اُنهِين پيٽِيين.

11

کاهوڙِي گَرا، سُوڏِي خَبَرَ پَکِيا؛
سوجهي جن کَيا مَٿي اَگَڻِ آهِرا.

# سُر بروو سنڌي

## داستان پهريون

1

چا ڪي وَجيو چو، ٻيلِي ٽِئين ٻِيَنِ جو؟
وَٿُ ڪَنجَڪَ ڪَرِيمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو؛
سَؤڪو هُوندو سو، جنهن جو عِشّقُ اَللهَ سين.

2

جِئَن ڪا ڪانِي ڪانهَن، لُسَندي لاتِيون ڪَري؛
اَچِي پَئي اوچِتِي، دَرِدَ پريان جِي دانهَن؛
ويجَ! ڏنِيئين ڪُهُ ٻانهَن؟ سُورَهِنئين ڪي سامُهان.

3

ڏَرَتِي ڏُونهَ جِئَن، سِرَ پَرِ سُپيرِيُنِ ڏي؛
لَڳو آهِ لَطِيفُ چئي، تَنُ پِريان ڏي تِئَن؛
حاصُلُ تِئي هِئَن، قَرِينو قَرِيبَ جو.

4

لَڳِيءَ جو، لَطِيفُ چَئي، نڪو قال نہ قِيلُ؛
لِڪئي لامُون ڪوڙِيُون، نيٽين وَهي نِيرُ؛
هِنئَڙا! تِيُ سُڌِيرُ، ڪالهہ قَرِيبَنِ لَڏِيو.

5

ڪي اوڏائِي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ بہ اوڏا سُپِرين؛
ڪي سَنِپرجَن نہ ڪَڏهِين، ڪي نہ وِسرَنِ مُورِ؛
جِئَن مينهِن ڪُنڍِيءَ پُورِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.

6

كوني كُنائُون، اَجُ پڻ اَگڙيُن سين؛
ماسُ وِراهي هَلِيا، ڪَرنگلُ ڃَڏِيائُون؛
”وَتَوَاصَوۡ ابِالۡحَقّ وَتَوَاصَوۡابِالصَّبۡرِ“ اِئين اُتائُون؛
مُئِي مارِيائُون، كِلِي گهائِيو سَڄَڻين.

7

ماڙهُو گُهرِنِ مالُ، آئُون سَڀِ ڏِينهَن گُهران سُپِرين؛
دُنيا تَنهن دوسِتَ تان، فِدا ڪَرِيان فِي الحالُ؛
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻُ تان پَري ٿِيو.

8

كَڏَهِن طاقِيُون ڏِينِ، كَڏَهِن كُلَنِ دَرَ دوسِتَنِ جا؛
كَڏَهِن اَچان، اَچَڻُ نه لَهان، كَڏَهِن كونِيو نِينِ؛
كَڏَهِن سِڪان سَڏَ كي، كَڏَهِن ڳُجهاندَرَ ڳَرَهِين؛
اَهڙائِي آهينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپِرِين.

9

صُورَتَ گهڻو سُهڻا، ٿاٽا سَندَنِ ٿُوهَ؛
ريلو ڏِئِي رُوحَ، جو كائِي، سو كامِي مَري.

## داستان ٻيو

1

جانِبَ! تُون جيڏو، آهِين شانَ شَعُورَ سين؛
مُون تي ڪَرِ، مُنهنجا پِرِين! توهُ تُسِي تيڏو؛
اِيُ كامِلَ! ڪَمُ كيڏو؟ جِئَن نَوازِينم نِگاهَ سين.

2

جانِبَ مُنهنجي جِيءَ ۾، تُنهنجِي طَمَعَ پوءِ؛
وَٽُ كاتِي، وَڍِ اَنگُڙا، اَدَبُ ڪَرِ مَ كوءِ؛
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساڄَنَ! سَنئون نِهارِئين.

3

جانِبَ! اِيئَن نہ جُڳاءِ، جِيئَن مارِيو، موٽِيو نہ پُڇين؛
رَتِيءَ رَتُ نہ سِنجُري، سِڪَ تُنهنجي ساءِ؛
اَسان تو ئِي لاءِ، پَرِ ۾ پُوڄائُون ڪَيُون.

4

جَڏهِن پَوي يادِ، صُحبَتَ سُپيرِيُنِ جي؛
فَرِيادُون فَرِيادِ، ناگهَ وَجَنِ نِڳيو.

5

ڪَڙو مَنجِھ ڪَڙي، جِيئَن لُهارَ لَپيٽِيو؛
مُنهِنجو جِيُ جَڙي، سُپيرِيان سوگهو ڪَيو.

6

نازَ مَنجهاران نِڪرِي، جَڏهِن پِرِين ڪَري ٿو پَنڌُ؛
پُون پڻ ”بِسمِ اَللهُ“ چئِي، راهَ چُمي ٿِي رَندُ؛
اُپيُون گهٽي اَدَبَ سين، حُورُون حَيَرَتَ هَنڌُ؛
سائِينءَ جو سَوگَندُ، ساڄَنُ سَپَنِئان سُهڻو.

7

فانِي نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪِڙو؛
لَٿي لوڙهُ لَٿُنِ سين، جوڙِيندَءِ، جانِي!
ڪوڏِرِ ۽ ڪانِي، آهي سِرِ سَيَڪَنهِين.

8

اَڄُ پِڻُ اَنگِيَمِ اَنگَ، هٿان حَبِيبَنِ جي؛
جا پَرِ سَوَنٽِيءَ سَنگَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئِي.

9

اَڄُ پِڻُ جُڙِيَمِ جوڙَ، دوسِتُ پيهِي دَرِ آئِيو؛
سُڪَنِ اَڃِي ڏُکَنِ ڪي، مُحَڪَمُ ڏِني موڙَ؛
جا پَرِ ڪَٽِيءَ ڪوڙَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئِي.

# داستان ٿيون

1

عِشقُ اَهڙِي ذات، جو مانجِهي مُنجهائي مَيَنِ کي؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏونگرين، روئَڻُ سَڄيائِي راتِ؛
اُٿي ويٺي تاتِ، مِيان! مَحَبُوبَنِ جِي.

2

يارُ سَڏائي سَيُکو، جانِي زِبانِي؛
آهي آسانِي، ڪَمَ پِئي ٿِي ڪَلَ پَوي.

3

آدِمِيُنِ اِخلاصُ، مَٿائي مانو ڪَيو؛
هاڻِ ڪائي سَيُکو، سَندو ماڙُهُوءَ ماسُ؛
دِلبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهندو واسُ؛
بِئي سَڀُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَدِلِ هُوندو هيڪڙو.

4

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سپِرِين! جِئَري، جانِي يارَ!
ويٺي جن جي وَٽِ ۾، ڪوڙين ٿِيا قَرارَ؛
ڏَٿِيَم! ڪَرِ مَ ڏار، پاڙو تِن پِرِيُنِ کان.

5

ڪوڙي، ڪَڻُ مَ سُپِرِين! ڳنيَئِي تان ڪوڙِ؛
عادَتَ جا اَکِيُن جِي، سا نيئِي نِباهِج توڙِ؛
مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ، تُون پاڻُ سُجاڻِج، سُپِرِين!

6

ڪِئان سِکِئين سُپِرِين، ڪاسائِڪِي ڪارِ؟
تِکِي ڪاتِي هَٿِ ڪَري، مُنِيءَ سين مَ مارِ؛
چوري چاڪَ نِهارِ؛ سورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.

# سُر رامڪلي

## داستان پهريون

1

نُورِي ۽ نارِي، جوڳِيَڙا جَهانَ ۾؛
ٻَري جن ٻارِي، آءٌ نہ جِيئندِي اُنِ ري.

2

جوڳِيَڙا جَهانَ ۾، هُئا مَنجِهہ حَمامَ؛
آرامان اَرَڱُ ٿِيا، اوڏا نہ آرامَ؛
ڪَيائون قِيامَ، آءٌ نہ جِيئندِي اُنِ ري.

3

وارو! ويراڳِيُنِ کي، ويلَ مَ وِساريجِ؛
قَدَمُ ڪاپَڙِيُنِ جا، لِيلائي لَهيجِ؛
پِيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَجَهَ کي وجيجِ؛
راتو ڏِينهَن رِڙهيجِ، آءٌ نہ جِيئندِي اُنِ ري.

4

واجَهَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَتِ وَڏِي وَٿُ؛
سونُ سَيوئِي سِڱيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٿُ؛
ويساهي ويلَ ڪَنهِين، پُورَبِ ويندو پَٿُ؛
هَلُ! ڪَنياٿُون هَٿُ، آءٌ نہ جِيئندِي اُنِ ري.

5

واجَهَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَتِ وَڏو مالُ؛
مَقالان مَهَندِ ٿِيا، ڪونهي وَٽِنِ قالُ؛
حاصُلُ جنِين حالُ، آءٌ نہ جِيئندِي اُنِ ري.

6

جان ڪِي مُون ڪي ني، پَڳه پائي پاڻَ ڏي؛
پَهَ پَرُوڙِيَمِ پَٽَ جا، مَنجهان ڪِينَرَ ڪي؛
هاڻي جي هِنئي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

7

سَتُرُ سِگُڙِيُنِ سين، لَحظي لاٿائُون؛
ڪِينَرَ ڪُنِي آهِيان، اُنِهن جي آئُون؛
مُون ڪي مارِيائُون، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

8

ميڙِيو ياڻُ يَرِيون ڪَيو، جوڳِي جَلائِينِ؛
سامِي سِگُڙِيُنِ سين، خودِيءَ ڪي کائِينِ؛
هُو جي تارِ تَڳائِينِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

9

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، اُڌُوها اَڇَنِ؛
ڪِينَرَ ڪاپَڙِيُنِ جا، صُبُحَ تان نہ سُڄَنِ؛
جي رائي منجِهه رَهَنِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

10

آسَڻَ وَٽِ آهُون ڪَرِيان، وَسِ نہ مُنهِنجي واٽُ؛
لَڳُمِ لاهُوتِيُنِ جو، ڪِينَرَ مَنجهان ڪاٺُ؛
هَلڻَ ڪي هَيهاتُ! آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

11

وَٽِنِ وينِي آهِيان، ڏِسِيو ڪِينَ ڏِسان؛
جَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، سا ڪا سُونهَن سَندِيانِ؛
پَسِيو ڪِينَ پَسانِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

12

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نہ آسَڻَ وَٽِ؛
خودِي ڪانئِي هَلِيا، پيرُ نہ لائي پَٽِ؛
”هَيءِ! هَيءِ!“ جنِين هَٿِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

13

بابُو بِيڪاري ٿِيا، پَجِي ڇڏِيائُون پاڻُ؛
نِسوروئِي نِينهَن جو، نانگَنِ وَٽِ نِڌاڻُ؛
سِرِ گَندُ جَنين ساڻُ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

14

نانگا نانِيءَ هَلِيا، هِنگِلاجان هَلِي،
ديڪِي تن دُوارِڪا، مَهيسِيُنِ مَلهِي؛
آڳهُ جن عَلِي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

15

پاٺَهِين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَرِياٺِينِ؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا، آسَڻُ اُجهائِينِ؛
رُخِصَتَ رُئارِينِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

16

جُزو وِڃايو جوڳِئين، ڪُلَّ سين آهينِ ڪَمُ؛
آسَڻُ جِنِ عَدَمُ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

## وائي

سَندَڙِيانِ سِڱَڙِي، ٻَالِهہ ٻُجهڙِي، مُون مارِيندي ڪَڌَهِين.
جا وَڃائِينِ جَتَڙا، نہ تَنهِن نَڙَ جَهڙِي؛
مُرلِيءَ کي جَنهِن ماتِ ڪَيو، نہ تَنهِن ٿُلِ ٽُنبَڙِي؛
تارِيو جَنهِن توڏِيءَ کي، نہ سو گِهندُ نہ گِهندَڙِي؛
ڏارِيو جَنهِن ڏِياچَ کي، تَندُئان تَنهِن تِڪَڙِي؛
نہ سِري، نہ سِنڌُ ڪا، نڪا هِندُ هَهڙِي؛
مِٺائِيان مِٺِي گهٽو، ڇَوندا جن ڇَڪَڙِي؛
وَنئُن اونائي اُنَ کي، ويهُ مَ، ڪَڻُ وِڪِڙِي؛
بيخودِ بابُو سي ٿِيا، بُرَندِي جن ٻُڏَڙِي؛
جا ساراهيلَ سُبحانُ جِي، تَنهِن واڪاڻُ ڪَهڙِي؟

سَهَسين سُرودَنِ کي، پاڻان پوءِ وِجَھندَڙِي؛
گھاندارَ مِرُون موهِيا، هِيءَ ماڑُھو مُهَندَڙِي؛
اَديون! عَبۡدُاللّطِيفُ چئي، هِيءَ مُئا جِيارِيندَڙِي.

## داستان ٻيو

1

ڪَيَمِ ڪاپَڙِيُنِ جي، پَهرين ڏِينهن پَرُوڙَ؛
سَگھا ساعَتَ نہ ھڪڙي، چارئي پَھرَ چُورَ؛
سدائين سيَّدُ چئي، هونِ سناسي ۾ سُورَ؛
جوڳِي ساڻَ ضَرُورَ، لِڪا ٻُڻَنِ لوڪَ ۾.

2

ويهي ويراڳِـيُنِ جو ٻُئي ڏِينهن ٻُڌُمِ حالَ؛
اُنِ جا ڏاڍا ڏُوڙِ ڀَڪُليا، جاڳوتا زَوالَ؛
تن جاڙِي جَتائُون جَڏِيُون، چوتا چَڳِيءَ چالِ؛
ويچارا وُجودَ جِي، ڪَنهِن سان ڪَنِ نہ ڳالِ؛
نانگا ٿِيا نِهالُ، لِڪا ٻُڻَنِ لوڪَ ۾.

3

ٽِئين ڏينهن ٽِمڪائِينِ، دُونهِيُون دائِرَنِ ۾؛
ميڙِيو ڪَڙِجَ ڪانِيُون، جوڳِي جَلائِينِ؛
سَندِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون، آديسِيُن آهِينِ،
ڳُجُھ نہ ڳالهائِينِ، لِڪا ٻُڻَنِ لوڪَ ۾.

4

چوٿين ڏِينهن چَوڳانَ ۾، ڪَنهن جَنهن پَہ پِيا؛
وَهَمَ پِريان جي وَڍِيا، تن ۾ ڪُوڙَ ڪِها؟
اندَرِ آديسِيُن ڪي، اَچَنِ جوشَ جِها؛
سامِي سونُ ٿِيا، لِڪا ٻُڻَنِ لوڪَ ۾.

5

ڪَنهن جَنهن پُورَ پَچائِيا، پَنجين ڏِينهن پَئِي؛
اَندَرِ آديسِيُنِ کي، سُورَنِ شاخَ ڪَئِي؛
مُحَبَتَ جي ميدان ۾، لاشَڪُ پِيا لَهِي؛
تن کي ساري راتِ، سيَّدُ چئي، گُوندَرَ ساڻُ گَئِي؛
ڪَريو سيڻَ سهي، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

6

پِيا ڪَنهِن پَرياڻَ ۾، ڇَهين ڏِينهن ڇَٽِي؛
اَندَرِ آديسِيُن کي، ڏُريان ئِي ڏٽِي؛
ٻَرِي ٻاجهارا ڪَيا، ڪانئِي خاڪَ ڪٽِي؛
پِنِيو پَنجَ ڪَٽِي، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

7

سَتين ڏِينهن، سَيَّدُ چئي، ڏاڄا ڏوتائُون؛
اُپِي اَلَکَ سامهُون، ٻانهُون ٻَڌائون؛
وَڏِيءَ ڪَنهن وِلاتِ جا، اُهُجَ آندائُون؛
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پُوتائُون؛
گَٽِيو ڪِدائُون، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

8

اَٺين ڏِينهن، اُپِي وِيا، جوڳِي جاءِ ٻَجاءِ؛
سا پَرِ سامِي سکيا، جا پَرِ جوڳَ جُڳاءِ؛
ويروتارَ وُجودَ ۾، اُنِ کي رامُ رَهيوئِي آهِ؛
ڪَنهن جَنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

9

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳِي اُجارِيا؛
سَٻاجهي ٻاجَهه ڪَئِي، سُجاٽي سيٽانِ؛
جِتي نَظَرُ ناٿَ جو، اُتي اوتارانِ؛
اِهي اُهُجاٽانِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

10

ڏهين ڏِينهن ڏِکَ ٿِيا، پِرِينءَ پابوهِيا، پَسُ؛
وَرقَ جي وِصالَ جا، سي واري کياڻُون وَسُ؛
لَذاتُون، لَطِيفُ چئي، سَندو گُروءَ گَسُ؛
جوڳِيُنِ کَٿِيو جَسُ، لِکا پُٽَنِ لوکَ ۾.

11

وَريو ويراڳِيُنِ جو، کارِهين ڏِينهن کَرَمُ؛
جوڳِيُنِ جاتاڻُون پُنِيُون، هَلِي وِيا حَرَمُ؛
دائِمِ جَهلِيو دَمُ، لِکا پُٽَنِ لوکَ ۾.

12

مَنَ مُرادون پُنِيُون، بارِهين ڏِينهن بَئِي؛
جوڳِي اِنَ جاتا کي، ٿي سِکِيا سَپِيئِي؛
سَمانا سيئِي، جي گُرَ گَڏِجي آئِيا.

## داستان ٿيون

1

سَدائِين سَفَرَ ۾، رَمَنِ مٿي راهَ؛
پُرَنِ پُورَبَ پَنڌَ ڏي، مَنجِهه موالِي ماهَ؛
جنِ اَلَکَ سين آگاهَ، هَلو! تَکِيا پَسُون تِنِ جا.

2

نِکرُ ناهِ کُلهي کَري، هو مَ هُوندَنِ جِيئَن؛
لاهُوتِي، لَطِيفُ چئي، هُونِ نہ آديسِي اِيئَن؛
سي کاپَڙِي کِيئَن، جي ڏارِين تَعَلُقُ تِرَ جيتِرو؟

3

کَنَ کَٿَ، کاپَٽَ، کاپَڙِي، کَنوتِيا کَنَ چِيرَ؛
سَدا وِهَنِ سامُهان، عاشِقَ اُتَرَ هِيرَ؛
تَسا ڏيئِي تَنَ کي، ساڙِياڻُون سَرِيرَ؛
جي فَنا ٿِيا فقِيرَ، هَلو! تَکِيا پَسُون تِنِ جا.

4

سامِي كامِي پرينءَ لَءِ، كُسِي تِيا كَبابُ؛
جَهِڙو ڏِسَن ڏوهَ كي، تَهِڙو تِن ثوابُ؛
اوتِين اَرِتي گاڏُئون، مَنجهان اكِيُن آبُ؛
سَندو ذاتِ جَوابُ، ڏُون ڪِئَن پُڇين تِن كي؟

5

سامِيُن سِڱُ كُلَهَنِ تي، سَنگُ مِڙوئِي سُورُ؛
كَهَندا وِيا كابُلَ ڏي، كو جو پيَڙُنِ پُورُ؛
مَڙهِيءَ جو مَذِكُورُ، كالَهه كَندا وِيا كاپَڙِي.

6

سامِي! مَڙهِي سَندِياءِ، سامُهِين مون سيلَهه ڏِي؛
سا تان كُهُ اَڏِياءِ، جان نانگا وَڃين نِڪِرِي؟

## داستان چوٿون

1

جي يانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڱَ سَيِيئي ڇِنُ؛
وڃِي دَرِ دوسَتَنِ جي، نانگا! ڪِيمَ نِنُ؛
پَٽِ تِنِين جي پِنُ، جِنِ بُجِهي نہ بُجهيو.

2

جي يانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڱَ سَيِيئِي ٽوڙِ؛
جي چاوا نہ چاپَندا، جِيُّ تنِين سي جوڙِ؛
تہ ڏُون پَهُچِين توڙِ، مُحَبَّتَ جي مَيدانَ ۾.

3

جي يانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ مَنُ پُوري، منجِهه مارِ؛
دائِمُ دُونهِين دِلِ ۾، مَنَ سين مالِها وارِ؛
سَهُ سَيَڪا آرِ، آگي جي اَدَبَ سين.

4

جي پانـئِين جوڳِي ٿِيان، تہ ڪِين پيالو پِيُّ؛
ناهِ نِهاري هَٿِ ڪَري، ”آءٌ“ سين اُتِ نہ پِيُّ؛
تہ سَندو وَحدَتَ وِيُّ، طالِبَ! توڙان ماڻـئِين.

5

جي پانـئِين جوڳِي ٿِيان، تہ مُنهَن ۾ مُندِا پاءِ؛
ڪَنين ڪِينَ وِجائِيو، جِنِ ۾ ڪوڙين ڪَڪَرَ وِڌاءِ؛
ڇَڏِ چادَرَ، ٻَڌُ چَمِڙا، جُتِي تو نہ جُڳاءِ؛
تہ سامِيَڙا! سَندِياءِ، گُرَ وَٽِ ڳِلا نہ ٿِئي.

6

جوڳِيُنِ جوڳُ جُڳاءِ، جوڳُ پِڻُ سُونهي جوڳِيين؛
جوڳِيُنِ سَندِي جانِ ۾، ڳُجُھ ڳُجھاندَرُ آهِ؛
هاءِ! مُونهِين ڪي واءِ! جا آءٌ جوڳُ نہ سِڪي.

7

جوڳَ نہ جوڳو ٿُون، ڪَرِين پَچارُون جوڳَ جُون؛
هِڪِڙو پَنڌُ پِرِيُنِ جو، ٻِي ٿُنهنجِي پُون؛
سامِي سيڻَنِ ڏُون، رُئَندا ئِي رَتُ وِيا.

8

جوڳِي هُونِ نہ جِئَرا، پائي جوڳُ مَ جِيُّ؛
هارِيا! هِنِ ڪَنَنِ سين، سُڻُ سَنِيهو اِيُّ:
”وِجائي وُجُودَ کي، پاڻان پاسي ٿِيُّ“؛
هَڏِهِين ڪونهي هِيُّ، اَسارا! ”آءٌ“ چَوِين!

9

جان ڪي جوڳِي ٿِيُّ، نا تہ نِرجا! وَنئُن نِڪِري؛
ڪوهُ ٿو ڪَنَ ڪَپائِين، جان نہ سَهِين سِيُّ؟
يَجُ! پَراهُون ٿِيُّ، مَتان ٻِيا لَڄائِيين.

10

جوڳِي ٿِيَنِ نہ يارَ، ڪَنهِين سين قَرِيبُ ٿِي؛
مان مُلاقِي اُنِ سين، جَنِ پُورَبَ جي پَچارَ؛
اَنَـئِي پَهَرَ اُنِ جِي، آهِ نانِيءَ ڏانهَن نِهارَ؛
لائي وِيا لَطِيفُ چئي، اَندَرَ مَنجَهه اَپارَ؛
سامِيُنِ ساڻُ، سَتارَ! لاهُوتِي لالُ ٿِيان.

11

گولا جي گِراهَ جا، جُوٺا سي جوڳِي؛
ڦِٿَلَ سي ڦوڳِي، جِنِ شِڪَمَ سانڍِيا.

12

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپڙِي، جِندا! ٿِيُّ مَ جوءِ؛
سِرَ سِپاهِيُنِ وِڪيا، سو ڪِ نہ، سامِي! سوءِ؛
جيڪِي پُڇِين، پُڇُ سو، گُنگا نِيَنِ نہ گوءِ؛
وَڃُ لاهُوتِي لوءِ، عِجِزَ کي آجو ڪَري.

13

نِسوروئِي نِينهَن جو دِلِ ۾ دُودُ دُکاءِ؛
آڻي آڳِ عِشقَ جِي، ٻاري جانِ جَلاءِ؛
جِندا! اِيئَن جُڳاءِ، جِئَن آتَشان آبُ ٿِئي.

14

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ جا، سُوڌو سو نہ سُڻِينِ؛
اَندَرِ جي آهِينِ، سُڻُ سَنِيهو اُنِ سين.

## داستان پنجون

1

مُونا طُور سِينا، سَندا سَنياسِيُنِ؛
پُورَبِ گَنيو نہ پاڻَ سين، بُودُ بيراڳِيُنِ؛
رِدا آهي رازَ جِي، اَوچَڻُ آديسِيُنِ؛
ڦُربُ ڪاپَڙِيُنِ، نَهَن چوٽِيءَ سِيئَن ڍَڪِيو.

2

مُونا جن مِحِرابُ، جُسو جامِعَ تِنِ جو؛
قِبلِي نُماءُ قَلَبُ ڪري، تَنَ ڪي ڪَيائُون طَوافُ؛
تَحَقِيقَ جِي تَڪِبِيرَ چئِي، جِسمان ڪَيائون جوابُ؛
تِنِ ڪَهِڙو ڏوهُ حِسابُ، جن هِنئَڙي هادِي حَلُ ٿِيو.

3

مُنهُن مِحِرابُ پِرِينءَ جو، جامِعَ سَڀَ جَهانُ؛
فَرَهِيءَ تان فُرقان جِي، ڪاٿِيائون ڦُرآنُ؛
اُڏامِي اُتِ وِيو، عَقُلُ ۽ عِرفانُ؛
سَپوئِي سُبحانُ، ڪاڏي وڃِي نِيَتِيان.

4

مَنجِهه مُحَبَتَ مَچُ، ٻَهَر ڏُوڏا ڏُوڙِ سين؛
ڇَڏِيائُون ڇُرَ لَهِي، ڪُوڙُ، ڪُلڪَڻُ، ڪَچُ؛
اَوَڳُڻَ اوڏا نہ ٿِيا، ڳُڻُ ڪَيائُون ڳَچُ؛
جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَچُ، جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَنَرا.

5

ڪيهي ڪامَ ڪاپَڙِي، ٿا اَهڙِي رَوَشِ رَوَنِ؟
نڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نڪِي بِهِشتُ ڳُهرَنِ؛
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلمانِي مَنِ؛
اُپا اِيئَن چَوَنِ، تہ پِرين ڪَجو پانهِنجو.

6

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڻُ آديسِيَنِ؛
سَدا سُڪِ وَسَنِ، طالبَ اوءِ تَقدِير جا.

7

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڻُ آديسِيُنِ؛
ڪَڏَهِين تازِيءَ پُٺِ تي، ڪَڏَهِين هيٺ هَلَنِ؛
سامِيَڙا سَمُوندَ ۾، تنبي جِئن تَرَنِ؛
جي واڳوءَ واتِ وجَنِ، تہ ڪُسَنِ، ڪُچَنِ ڪِينَ ڪِي.

8

لالَ کي لالُ ٿِيا، لالُ لَنگھِيو جَنِ؛
عَدَمَ جي اوڙاهَ تي، ڪَيا آسَڻَ آڏوتِيَنِ؛
گِردانِيو گُنگَنِ، گِردابَ کي گِيانَ سين.

9

وِلهُون، ويلا، واوَ، جوڳِيُنِ جَهلِيا جانِ ۾؛
اَجهو رِءَ اَللهُ، ڪونهي ڪاپڙِيُنِ جو.

10

نا مُرادِي نِجُهرو، عَدَمُ اوتارونِ؛
رَضا راڄُ سَندونِ، مُورُ نہ مَگَّنِ کِي پِيو.

## داستان ڇهون

1

ڪَنهِن جنهِن ڪُنا ڪات، جِئَن سامِي مُورُ نہ سَنرا؛
ڏِينهان ڏکِي ڏِيلَ ۾، سُورُ سَڄائِي راتِ؛
سَندي جوڳِيان ذاتِ، جِيجان! هوءِ جَڏائڙِي.

2

رُوح ۾ رَهِيُنِ رامُ، بَهرِ بولِينِ کِي بِيو؛
پِيالو پُرُ ڪري، جوپَ پِيتائُون جامُ؛
تِهان پوءِ تَمامُ، تنِ تَڪيا تاکي ڇَڏِيا.

3

مَٺا مُوءِ ٿِيانِ، سَدا سُوئِيتا ڪاپڙِي؛
ڪوني ڪَنهِن نہ پُڇِيا، کي اَندَرِ اَندوهِيانِ؛
جيڪا ڄَمارانِ، سا مَنجِهہ گُوندَرَ گُذرِي.

4

وينـي جَنهِين وَرِهَ ٽِيا، مَـٿي سين ميري؛
اَڪِيون جَنهِن جُون اَلَڪَ ڏي، پُون ڏي نہ پيري؛
ڪاراٽِيان ڪَڪا ٿِيا، ڄَراٽِيا ڄيري؛
لُڙِڪَ لال لَطِيفُ چئي، ڪنبي ۽ ڪيري؛
نِينهُن نہ نِبيري، سُورَ چَرندي سَنَرو.

5

نانگَنِ ڪِينَ نَمايو، ناٿُ نَمايو نِينهَن؛
مَڙِهنِ اُنا مِينهَن، جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ ڪي.

6

نَڪِي نَمَنِ ناٿَ ڪي، ناٿُ نہ نَمائِينِ؛
جاٽا ڪَنِ نہ جوڳَ ڪي، جوڳُ نہ جُهارِينِ؛
آديسِي آٽِينِ، اُهيجاٽِيُون اَلماسَ جُون.

7

هَرَ هَرَ ڪَنِ اُميسَ، ڏُوَنِ ڏِهاٽِي ڏوتِيا؛
جن نہ مارِي ميسَ، ناٿُ نہ نَمي تن ڪي.

8

گُهندِنِ پاسي گِهندَ، گَڏُ گُذارِينِ گودَڙِيا؛
پَليتِيءَ ڪان پانهِنجا، پاڪُ رَکِيائون پِندَ؛
نانگا ڪَنِ نہ نِندَ، وَڃَنِ رُوندا رامَ ڏي.

9

ٿَهِڙا ڪَڙَڄَ ڪَڪِرا، جَهِڙا جائُنِ ڦُلَ؛
تِنِ سامِيُنِ جي سڌ مَران، جِن جي گودَڙِيُنِ ۾ گُلَ؛
اندَرِ مُلان مُلَ، ٻَهَرِ ڪوجها ڪاپَڙِي.

10

يادِ ڳُرُو ڪَنِ گودَڙِيا، پَرِ بازارِ بِيٺا؛
پَڙهَنِ سُورَ سُبحانَ جِي، پِيَنِ ٿَنهِن پِيٺا؛
جيلان مُنهَن مِيٺا، تيلان نَشا چاڙِهيائُون نِينهَن جا.

# داستان ستون

1

ڦُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙِي، طعامَ نہ طاماعُو؛
سَيِنَ هَنيائُون سُجَ ۾، پَهرَ نہ پيِنائُو؛
اَوَسَرَ آسائُو، اُتِي گُوندَرَ گَڏِيا.

2

پِنَنِ ڪِينَ پَٽُ ڳَٽِي، گُهرَنِ ڪِينَ گهران؛
مَهيسِي مخَلوقَ جي، اُپِيَنِ دُورِ دَران؛
پُڇَنِ ڪوهُ شَرعان، جُہ اَندَرِ عَدالَتَ اُنِ جي؟

3

پِنَنِ جِو پَٽُ ڳَٽِي، سو جي سُجاڻِنِ؛
تہ بَرَ ۾ بِيکَ لَهَنِ، پَهرَ نہ پِنَنِ ڪاپَڙِي.

4

اَسُڪُ جِن اَويرَ، سي سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، آڌِي ڏيَنِ اُليرَ؛
سُتو لوڪُ پَسي پِيا، سامي مٿي سَيرَ؛
ڪيڏانهُن ڪندا پيرَ؟ مِڙوئي مٿو ٿيو.

5

وِچِينءَ وينا رَهَنِ، سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
ٻُڪَ مَرندي ٻِڪِيا، ڪَنهِن ڪان ڪينَ گُهرَنِ؛
پيٽَ نہ هيرِيائُون پانهِنجا، چوري ساڻُ چَسَنِ؛
ڦَڪِي فَقِيرَنِ، ماڳيان پِنِي ماٺِ جِي.

6

ڪَشي ساڻُ ڪَشَنِ، ڏِيلَ ڪَيائون ڏُٻِرا؛
پيٽَ نہ هيرِيائُون پانهِنجا، چوري ساڻُ چَسَنِ؛
اهِڙِيءَ راهَ رَسَنِ، ڪاپِڙِي ڪابُولَ ڪي.

7

آديسِي آديسُ، هِتان ڪَري هَلِيا؛
ڪاپَڙِيُنِ قَلَبَ ۾، ڪَيو ڏُوراٽو ڏيسُ؛
ويراڳِي نئون ويسُ، راوَلَ ڍِڪي رَميا.

8

آديسِيُنِ اَدَبُ، آهي اَڪَڙِيُنِ ۾؛
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪي، نہ اَما نہ اَبُ؛
سامِيُنِ ڪي سَيين پرين، رُوحَ ۾ رَهيو ربُ؛
رِءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇِي ڪَنِ نہ پانڻَ سين.

9

لُنگُ ڪَڍيائون لانگَ، موٽِي ڪَنِ نہ مَسَحُو؛
جا اِسلامان اَڳِي هُئِي، سا سُئائُون بانگَ؛
سامِي ڇَڏي سانگَ، ڱَڏِيا گورَکناٿَ کي.

10

پُوڄا ڪارِ مَ پانڻَ کي، ڪوءِ راوَلَ! ٻَنِ رُجاٿُ؛
لِباسان لَطِيفُ چئي، پَلِ ويراڳِي! واٿُ؛
مَنُ ماري ڪرِ ماٿُ، تہ تِيرٿَ پَسِين تَڪِيو.

11

پُوڄا ڪارِ مَ پانڻَ کي، جوڳِي! رَکِج جوڳُ؛
خَلِقَ خادِمُ جِئَن ڪَرِين، اِيُ راوَلَ! وڏو روڳُ؛
پَڳَنِ ڪونهي پوڳُ، نانگا وَڃَنِ نِڱِيا.

## داستان اٺون

1

رَهِيا اَٿَيئِي راتِ، صُبُحَ وِيندءِ صابرِي؛
لُنءَ لُنءَ منجِهہ، لَطِيفُ چئي، ڪَرِ تنِين جِي تاتِ؛
سَندِي جوڳِيانِ ذاتِ، ٻِئي پِيري مَسَ مِڙي.

2

تان ڪِي ساٽَنِ اورِ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾؛
ڏَه ڏَه ڀيرا ڏِينهَن ۾، پاڻُ مَتانئُن گهورِ؛
وِيا جي هِنگلورِ، تہ ڪَرَمِ مِلَندءِ ڪاپَڙِي.

3

تان ڪِي وَٽِنِ ويهُ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا، ڏُورِ چِتائي ڏيهُ؛
ڇَڏي سُکُ ساڙِيهُ، مٿي گَنگا گَجيا.

4

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، جاڳُرُ جوڳِيَڙَنِ جو؛
ساري سَناسِيُنِ ڪي، رُئَندين تان رو؛
پَسُ! پارِيان تو، لاهُوتِي لَڏي وِيا.

5

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِينِ؛
آديسِي اُٿِي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ؛
جي جِيَّ ڪي جِيارِينِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

6

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، سندي جوڳِيُنِ جوڙَ؛
ساري سَناسِيُنِ ڪي، ڪامِي ٿِيَسِ ڪوڙَ؛
مَنَ جنِين سين موڙَ، سي لاهُوتِي لڏي وِيا.

7

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، ڪَرڳِل ڪِينَ رُوئَنِ؛
نہ اُهي آديسِي اَسُڪا، جن سين مَڙهِيُون سُونهَنِ؛
مَڙُهُ پُورِيائُون ماٿِ تي، واڄَٿَ ڪِينَ وَڄَنِ؛
وِيا نانگا سي نِڪِرِي، پَهرَ نہ پُورِبِيَنِ؛
سارِيو سَناسِيُنِ ڪي، اولاڪا اَچِنِ؛
لاڄُئُون لاهُوتِيَنِ، جوڙي ڏِنيُون جِيَّ ڪي.

8

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهِين، ڏُنڌُ، نہ لاٽَ؛
وِيا ويراڳِي، نِڪِرِي، ڇتَ ڇَڪائي ڇاٽَ؛
آءٌ مارِيَسِ تَنهِين ماٽَ، ڄِيجان! جوڳِيَڙَنِ جي.

9

ڄِياسُون جوڙَ ٽِي، جوڳِيءَ لاٽو جارُ؛
سندو پُورَبَ پارُ، آڇِيائِين اَنڌَن کي.

10

هيءِ! جي هُئا هِتِ، تہ مَٽِن هُوندَ حَقُّ ٽِيو؛
مَٽِيُون، مُورَتَ، مَتِ، مانَ وِسرِيُون ڪِي لَهان.

## داستان نائون

1

بُڪَ وِڏائُون بُکِرِيين، جوڳِي کندا ڄُڄَ؛
طَلَبَ نَہ رَکَنِ طَعامَ جِي، اوتِيو پِيَنِ اُڄَ؛
لاهُوتِيُنِ، لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري کيو مُڄَ؛
سامِي جهاڳِي سُڄَ، وَسَنئُن کي ويجها ٿِيا.

2

نہ ڳِندا نہ ڳبَرِي، نہ لانگوٽِي لِڪَ؛
جيڏَنهِن پَرِينِ وِڪَ، تيڏَنهِن صاحِبُ سامهُون.

3

ڪِڇي ڪاڇوٽِي، نانگن بَٽِي نِينهَن جِي؛
جَهِڙا آيا جَڳَ ۾، تَهِڙا وِيا موٽِي؛
اُنِين جِي چوٽِي، پُورَبِ ٽِيندِي پَٽِرِي.

4

ڄِئَن ٽا پُڇَنِ اَنَّ کي، تِئَن جي پُڇَنِ پَنڌُ؛
تہ رِڙهِي لَڏائُون رَندُ، لَٽِيَنِ لُکَ لَطِيفُ چَئي.

5

جا بَرادَ بُتَنِ جِي، سا اُجَ بُکَ آديسيَنِ؛
روزا رِندَ رَکنِ، عيدَ نہ اوڏا کاپَڙِي.

6

جَنهِن سَناسِيءَ سانڍِيو، گندي ۾ گِراهُ؛
اُنهِيءَ کان اللهُ، اَجا اَڳاهُون ٿِيو.

7

وينو پُڇين پَرُ، کَر کا هِنئارَ هَلَڻَ جي؛
اَڄُ، آديسِي! مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَپُکو.

8

پرِينديئِي پيرِ ٿِيا، چڙهي گنجو گامُ؛
گُروءَ سندي گسَ ۾، جِن کَيا تَنَ تَمامُ؛
ويهِي کَيو نہ وِچَ ۾، تِنِ آديسِيُنِ آرامُ؛
رَهَ ۾ گڏِيُنِ رامُ، پَنڌان چُٽا کاپَڙِي.

9

اَکِيُون، آلو ماهُ، سدا سَناسِيُنِ جُون؛
واري نيڻَ نِندهُ، جاڳِي جَهلِيا جوڳِئين.

10

اجا سي آهِينِ، جي سَزاوارَ سِڱِيُنِ جا؛
وينا وَڃائِينِ، جي سَناسِي! سُٽِئين.

11

مَرَڻُ مُسَلَّمُ جِنِ، واحِدُ تِنِ نہ وسري؛
مٿي سَڳُرُ کاپَڙِي، کا نانگا نِندَ نہ کَنِ؛
نيڻَ سدائِين تِنِ، اوجاڳِنِ اُجارِيا.

12

ڏورَڻُ گهٽو ڏاکِڙو، ڏورِج مَ رِءَ ڏِئي؛
تان تان هوئِج حُجِري، جان سين يارُ جِئي؛
جڏهِن پاسي پاڻَ ٿِئي، تَڏهِن چَڏِج تَکِيو.

13

ڏورِ مَ ڏِئان ڏارَ، ڏورَڻُ گهٽو ڏاڪِڙو؛
ڪوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اُونداهِيءَ اَندا ڪَيا.

14

تو جو ڏِئو پانئِيو، سا سُورَجَ سُهائي؛
اَنڌَنِ اُونداهِي، جي راتِ وِهامِي ڏينهُن ٿِيو.

15

ناٿُ جَنهِين نِنڌِ، تِتِ نہ نهارِيو جوڳِئين؛
ڪي ڪُوِيساهِيا ڪاپَڙِي، پُرِيا پَراهين پَنڌِ؛
هُو هِنَهِين هَنڌِ، ٿي هُنهَئِين وِيا هِنڪِلاجَ ڏي.

16

ناٿُ جَنهِين نِنڌِ، تِتِ پِڻُ نِهاريو جوڳِئين؛
سي سُوِيساهِيا ڪاپَڙِي، پُرِيا پَراهين پَنڌِ،
هُو هُئو هِنَ هَنڌِ، هُنِ هِنڪِلاجان هَٿِ ڪيو.

17

گُذَرَ گَئِي گُذِرانُ، ڪِينَ قَبُولِجِ ڪاپَڙِي؛
عَلِيءَ جو مَيدانُ، سَڪَرُ سَناسِيُنِ ڪي.

18

هُو جي ٿِيا هَرِڪيسَ، تِنِ لڳِي ڪينَ لِباسَ سين؛
وَتَنِ وِلَهي ويسَ، لاهُوتِي لَطِيفُ چئي.

19

بُکَ اُنِين جِي بِکِيا، ڏُوڙِ اُنِين جو ڏُوپُ؛
ڪَيائُون سو ئِي رُوپُ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

20

سِڱِيُون، سيلِيُون، گَبَرِيُون! ٽيئِي ٽولَ ٽَڳو؛
پَٽُ هَٽِي پَٽَ سين، پيري تِنِ پَڳو؛
لاهُوتُ جِنِ لَڳو، سي مَڙِهيان مُورُ نہ نِڱِيا.

21

کوءِ گَودَڙَ! ٻَنِ گَبَرِيُون! نيئِي کِدائُون کانءِ؛
جيڏانهِين جوڳُ وِيو، نيڻَ تيڏانهِين نانءِ؛
پُٽو اِيئَن پانءِ، تہ سِگِّيون شُومَتَ هَٿَ جُون.

22

جا گُرَ ڏِنِي گَودِڙِي، سا مُون کي ٿِي مَرَڪُ؛
چيلا! ماري چِرَخُ، اوڍِي ويهُ اَدَبَ سين.

23

جا گُرَ ڏِنِي گَودِڙِي، سا ٿِئي لاهِيندي لَڄَ؛
سندا تنهن سُهَڄَ، چيلو چوندو ڪيتِرا؟

24

جا گُرَ ڏني گَودِڙِي، سا مُون گهٽِي سُهاءِ؛
نيئِي رَساٽِي ماءِ، اوڍِئين جي اَدَبَ سين.

25

اَندَرِ رِلا رِليُون، ٻَهَرِ پَٽولا؛
اِنَ پَرِ ڪاپَڙِي، گَڏَهَ جا گولا.

26

ٻَهَرِ رِلا رِليُون، اندَرِ پَٽولا؛
اِنَ پَرِ ڪاپَڙِي، خدا جا گولا.

27

گُلَ گُلَ پَسِي گَودِڙِيا، گهٽا مَ پانئيِجِ؛
سوئِي سُجاڻِيجِ، هِيُ هُو آهي هيڪِڙو.

28

پَٽَ چَڏِيائون پَٽَ ۾، ڏَندَ چَڏِيائُون ڏِسُ!
آلائِشان اَڳِي ٿِيا، موٽِي ٿِيَنِ نہ مِسُ؛
هِيُ چَڏِيائُون حِسُ، وَڃِي ڪالَهہ ڪُلُ ٿِيا.

# سُر ڪاپائتي

## داستان پهريون

1

توٽي تُون ڪاتارِ، جِمَ هيڪِلِي پيرِئين؛
ڏِنِي ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِنَهِين سُٺَ ۾.

2

جان ڪَتِين تان ڪِتُ، هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي؛
ڪاپائِتِي سَيَڪا، ڪِتي سيباڻِي؛
ڄاتو جِن ڄاتِي، تِنِ هَٿان پَهِي نہ چَڏِي.

3

هيءَ هَڏِ وِهاڻي، جان ڪَتين تان ڪِتُ؛
ڪو پنَهِنجي عِيدَ ڪي، پيري ڪَڄ پَرَٿُ؛
مَتان روئِين رَٿُ، صُباحَ وِچَ سَرتِيين.

4

ڪَتَڻَ جي ڪانہ ڪَرِين، سُتي ساهِين هَڏُ؛
صُباحَ ايندءِ اوچِتو، عيدَ اُڳهاڙَنِ ڳڏُ؛
جِتِ سَرتِيون ڪَندءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءَ سينگارَ ڪي.

5

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ ڪي مَرِين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
پوري! توسين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيترا؟

6

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ ڪي مَرِين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
مونا اُنجِي اُڪَڙِيا، اَرٿَ ڍَرڪِي مالَ؛
هَيءِ! تنِين جي حالَ، جن ڪاپي منجهان ڪِينَ ڪَيو.

7

سي تو ويهي وِجائِيا، جي ڪَتَڻَ سندا ڏينهَن؛
اَرِٿَ اوڏِي نہ ٿِئين، پورِي! پوري سِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَٽنڊِينءَ ڪِيئَن، اَگَڻِ عجِيبَنِ جي؟

8

سونَ سارِيڪا هَٿَڙا، ڪوهُ نہ ڪَتِين رَڏِ؟
ويهِي ڪُنڊَ، ڪاپو ڪَرِ، گُهتُون گوهِيُون چَڏِ؛
تہ صَرافاٽِي سَڏِ، مَرَڪِيو هُوندَ مَٿائِيين.

9

پَڳو ئِي پيرِ، جانسين رَتو راسِ ٿِئي؛
بُرِيءَ بيڪارِيءَ سين، هارِي! پاڻُ مَ هيرِ؛
ڪِٿُ ڪَتِينديُون ڪيرِ، نَئِين سين نہ چاڙِجي؟

10

پيرِئين ۽ پانئِيين، اِئَن وِڏُوڙو ڪانڌُ؛
وينِي اورِ اَرَٿَ سين، ڳِچِيءَ پايو پانڌُ؛
تہ تُنهِنجو ئي وِڙواندُ، ڪِتو وِتو نہ ٿِئي.

11

چائُتِ پائي چِتَ ۾، سَنهو ڪَتيو جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، ڏُڪو داخِلِ نہ ڪَيو.

12

مُحَبَتَ پائي مَنَ ۾، رَنڊِا روڙِيا جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، اَڻَ تورِيو ئِي اَگهائِيو.

13

ڪو جو وَهُ ڪاپائِتِيَنِ، ڪنبَن ۽ ڪَتَنِ؛
ڪارَڻِ سُودَ سَوارِيُون، آتَڻَ مَنجهه اَچَنِ؛
اُنِ جِيءَ سُونهَنَ، سَيَّدُ چئي، صَراف ئي سِڪَنِ؛
اَگِهيا سُٽَ سَندَنِ، پائي ترازِيءَ نہ تورِيا.

14

سُڻُ اُنِين جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پِجائِينِ؛
آوازُ اَرَٽَ جو، ساهَ نہ سُڻائِينِ؛
لِڪايو، لَطِيفُ چئي، ڪَنبِيو ڪَتائِينِ؛
جي ماڻِڪَ موٽائِينِ، توءِ مُلُھ مَھانگو اُنِ جو.

15

ڪي اوبِينِ عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجِھ ڪِتَنِ؛
سُڻُ اُنِ جو سَڦرو، مَٽِيو ماڻِڪَنِ؛
قادرَ ڪِيمَ ڪَدَنِ، ٽيلھي ٽُلھي وارِيُون.

16

پيرِئين، ۽ پانـئِيـين، پانـئِڻُ پَڄي ڇَڏِ؛
ڪِتو وِتو پورِھيو، ھوڏَ وِڃھنديءِ ھَڏِ؛
ھِتي ڏيڍو مَٽِج ڏَڏِ! جتي ڏَڪَنِ ڏھَسئي وارِيُون.

17

اولياڻِيانِ اَرَٽَ، ڪيڏانھن ڪَتَڻَ واريون؟
پَھيُون مٿي پَٽَ، لُڙجَنِ لاڪِيڙَنِ جُون.

18

ڪَتي ڪَتي ڪالَھ، اَڄُ نہ آتَڻِ آئِيُون؛
اَرَٽُ اُڪلي مالَھ، پُوري ويئِيون نِجُھرا.

19

نہ سي وَوُڻَ وَڻَنِ ۾، نہ سي ڪاتارِيُون؛
پَسِيو بازارِيُون، ھِنئَڙو مون لُونُ ٽِئي.

20

تاڄِي توريائُون، عَيبَ نِڪتا اَڳِيان؛
ڪوني ڪاپائِتِيُنِ ڪي، پَرِ ۾ پُڇِيائُون؛
اَڳلَڙي آءٌ، مُون ڪان پڙا پَڳا نہ ٽِيا.

# وائي

كا هِنئين سين لاءِ پوري! كا هِنئين سين لاءِ.
تُنبائي تاكِيدَ سين، جِنِ پِجايو پاءُ؛
لَسي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تِنِ هَٿاءُ؛
پَهيُون تُنهِنجُون جِهرِڪَنِ جهورِيُون، بِيُون اُڏايُون واءَ؛
اَرَٿَ پاسي اوجِهرِين، توکي سُمَهَڻَ آيو ساءُ؛
آڏيءَ، عَبدُاللّطِيفُ چئي، رِوئِي رِيجهائِجِ راءُ.

# سُر پورب

## داستان پهريون

1

ڪري، ڪانگ! ڪُرنِشُون، پيرين پِرينءَ پَئيجِ؛
آءٌ جو ڏِيَنئِي سَنِيهو، وِچ مَ وِساريجِ؛
اَللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالِهائيجِ؛
چُئان تِئَن چئيجِ، تہ ڪِنياتا! خوشِ هُئين.

2

آءُ اُڏامِي، ڪانگڙا! پارانپانِ پَچارِ؛
ويهِي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪو ترُ تَنوارِ؛
جي ڏِسَڻَ ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

3

پارانپانِ پَچارِ، مٿي لامَ لَطِيفُ چئي؛
ڦيرِ مَ فَضِيلَتَ ٿُون، جا ڪُرَ اَوَان جِي ڪارِ؛
جي ڏِني ۾ ڏينارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

4

وَهِلو وَرُ، وَرِيا پِرين، آءُ ڪانگا! لَنئُن لاتِ؛
وِيا جي ڦَلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

5

ڪانگلَ! سي ئِي ڪوٺِ، پِرين جي پَرڏيهِ وِيا؛
جنِين رِءَ جَهانَ ۾، اَڪَڙيُن اَروٺِ؛
الله لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڪَجِ ڳاراچو ڳوٺِ؛
جي ڏَمِريا ڪَنهِن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

6

پِرين جي پَرديسَ ۾، تِنِ جي ڪانگا! ڪَجِ خَبَرَ؛
تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پکِي! تُنهِنجا پَرَ؛
گُهمِي مَٿان گهرَ، ڏِجِ پارانيا پِرينءَ کي.

7

ڪڍِي، ڪانگا! تو ڏِيان، هِنئون ساڻُ هَٿَنِ؛
وَڃي ڪاءُ وِلاتَ ۾، اڳِيان عَجِيبَنِ؛
پرين مانَ چوَنِ، تہ هِئَن قُربانُ ڪيرُ تِئي!

8

ڪانگَلَ قَرِيبَنِ جا! اچِي وائِيءَ وَڻُ؛
تو ۾ بُوءِ بَهارَ جِي، مُشڪَ ڪَٿورِيءَ مَڻُ؛
اچِي عَجيبَنِ جو، اورانگِهج اڱَڻُ؛
تو کي پَسِي تَڻُ، سُورَنِئان صافُ تِئي.

9

آندِيوُن ڪانگَ قَرِيبَ جُون، اَجُ واڌايُون واهَ؛
مَنَ مُرادُون پُنِيُون، ٿِيون سَرَهائِيُون ساهَ؛
آندا پِرين اللهَ، سَڌَ مُنهِنجا ساڀِ پِيا.

10

ڪانگَلَ! تُنهِنجِي چانگَ، جَڏو جِيُ جِياريو؛
مٿان لامُنِ لَتَ ڏِيو، ٻولِئين سِرِ ٻيلانگَ؛
اُڏِرُ مٿان ڦانگَ، تہ گهرِ آوَنِ سُپِرِين.

11

ڪانگَلَ! نيئِي ڪانگِ، مُنهِنجِي ڏي مَحبُوبَ کي؛
”لالَنَ! لايَئِي ڏِينهَڙا، ڪَنهِن سِٽاڻي سانگِ؛
اَوان رِءَ اَڙانگِ، ويئِي وِرهَ وَسائِيان.“

12

رِءَ پِرِيان پَرديسَ ۾، وِرِهَ وَڏِي ڪِي وَسَ؛
اَکِيُون پارِ پِرِيُنِ جي، ٽِيُون گامَ نِهارِينِ گَسَ؛
ڏِيندا پانڌِي ڏَسَ، ڪِينءَ جُون آڻي خَبَرُون.

13

زاغَ! تُنهِنجِي ذاتِ جو، ٿورو مَٿي مُون؛
اُڏامِجِ، عَبدُاللّطِيفُ چئي، صُبحَ سيڻَنِ ڏُون؛
ڪَجِ وينَتِيُون وِتَرِيُون، ٻاجهائِجِ ٻَهُون؛
تہ ”لالَنَ! ڪونَ لَهُون، جِهو تو جَهانَ ۾.“

14

ڦَرِيبَنِ جو ڪانگڙو، مٿي ٿارَ ٿِلي؛
ڳَٽِيو ڪِنياتو خَبَرُون، ڪِيرُون ڏِيو ڪِلي؛
لائِي جَنهِن لالَنَ سان، مُنهِنجي باتِ ٻِلي؛
سو وَرُ چَشِمَنِ سان چَلي، جو دَرِبارِي دوسَ جو.

# داستان ٻيو

1

تَن اَکِيُنِ اُتان سُکَ، کِلندي ڳَٽَنِ جي؛
پِرِيُنِ پاٻوهَڻَ سان، ڏُورِ ڪَيا سَڀِ ڏُکَ؛
ماڙُهنِ ليکي ٻُکَ، سامِي سُورَ سَنَا ڪيا.

2

سامي چائِيين، سُکُ طَلبِئين، سِکِئين نہ، سامِي!
اَجا اورِئين پَنڌَ ۾، وينئين وِسامِي؛
گُرَ کي ٿُون نہ گَڏِئين، چائِيين اِنعامِي؛
دائِمُ مُدامِي، پورو رَهِجِ پِرِينءَ سين.

3

پُورَبِيا پُوري وِيا، آسَڻَ آڏِيءَ راتِ؛
سُيَمِ نہ سَنياسِيُنِ جُون، پَچارُون پِرِياتِ؛
ڪا جا جوڳِيءَ ذاتِ، مِٺَ نہ معذُورَنِ جا.

4

مٿي راهَ رَوان ٿِيا، پُورَبِ پُورِيائُون؛
هي گھرُ گھورِيائُون، آڳانڍِيائُون اڳِيان.

5

پُورَب پُورَب تَبِ ڪَرُون، جَب هِنئَڙي آوَنِ پُورَ؛
سِڪَندي ڪي سَڄَڻين، نِڪُون لائِيُون نُورَ؛
مارِيَسِ تَنهِن سُورَ، جِئَن ساجَنُ سُڄي، نہ مِلي.

# سُر ڪارايل

## داستان پهريون

1

”وَحدَهٗ“ وائِي، چَڙَهندي چَيائِين؛
سو لُڙُ لَنگِهيائِين، جِتي پارَڪَ پَڪِيان.

2

ٻَگهن سين ٻاڻُ هَڻِي، اُڏاڻو آڪاسِ؛
جِتي پِرِين سَنداسِ، سو سُر مَٽِي هَنجَڙو.

3

اڪڙيُون اوڙاهَ ۾، اُپو تَڪي تارِ؛
پِڻُون جي پاتارِ، هَنجُ تِنين جو هيرَئُون.

4

وَڃِين نہ پيهِي، پِڻُن لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪنڌِيءَ ۾ ڪيهِي، هاجَ ٿُنهِنجِي هَنجَڙا.

5

ٽِيو حُضُورِي هاڻِ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي؛
گَندي لَڌِي ڪاڻِ، پَڪِيَڙي پاتارَ ۾.

6

اچو پاڻِي لُڙُ ٽِيو، ڪالُورِيو ڪَنگَنِ؛
اِيندي لَڄَ مَرَنِ، تَنهِن سَرَ مٿي هَنجَڙا.

7

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي گَڻَ ڪري نِهارِئين؛
ٻَگهنِ ساڻ ٻِيهارَ، ٻيلَهہ نہ ٻَڌِين ڪَڌِهِين.

8

آءُ اُڏامِي هَنجَڙا! سَرَ ۾ سارِينَئِي؛
مَتان مارِينَئِي، پاڙِهيري پَهُ ڪَري.

9

ڪَوُنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَوُنر پِري آڪاسِ؛
بِنين سَندي ٻَالِهڙي، رازِقَ آندِي راسِ؛
تَنهِن عِشقَ کي شاباسِ، جَنهِن مُحبَتي ميڙِيا.

10

ڪَوُنر پاڙُون پاتارَ ۾، پَوُنرُ پِري ۾ سُجَ؛
بِنِين سَندِي ٻَالهڙِي، عِشق اِيُّ اُهجَ؛
توءِ نہ لَهينِ اُجَ، جي پِيو پِيَنِ پاڻَ ۾.

11

جيهَرَ لوڪُ جَهپَ ڪري، اوهيرَ اُڏامَنِ؛
پِٿُون جي پاتارَ جا، چيتارِيو چُڳَنِ؛
ڪوهُ ڪَندا کي تَنِ، پاڙِهيڙِي پَهُ ڪَري؟

12

وِيا مورَ مَرِي، هَنجُ نہ رَهِيو هيڪِڙو؛
وَطَنُ ٿِيو وَرِي، ڪُوڙَنِ ڪانِيَرَنِ جو.

## داستان ٻيو

1

سو پَڪِي سو پِڄِرو، سو سَرُ سوئِي هَنجُ؛
پيهِي جان پَرُوڙِيو، مون پانهِنجو مَنجُهہ؛
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏَنجُهہ، سو مارِي ٿو مَنجِهہ ڦِري.

2

سَنها پانءِ مَ سَپَ، وياءَ واسِينگَنِ جا؛
جَنِين جي جهڙَپَ، هاٿِي هَنڌان ئِي نہ چُري.

3

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، اُوءِ ڪَچَرَ وِهَ گري؛
تِن جا مُنهَن مَلَڪَنِ جهِڙا، ٽِڪو نان نہ ٽَري؛
جي اُنهِين ساڻُ اَڙي، تہ ڪانهي جاءِ جَرِيءَ جي.

4

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، تن جي وِهُ جو وَرَنُ ٻيو؛
تن جو ڪَندو ئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَٿِس پيرُ پِيو؛
پُرِيَنِئان آهي پَڌِرو، تن نانگَنِ جو نِهو؛
ڪِلي ويلَ ڪِهو، جو سامُهون ٿِئي سَپَنِ کي؟

5

ڪَنهِن ڪَنهِن ڪاريءَ ذاتِ کي، مورَ بہ مَٿائِينِ؛
جي چَٽُرا چَڪِيا ڪَري، تہ وَڳَ وَرائي ڏِينِ؛
ساٿَ سَمُورا نِينِ، جي مَنين پائي موٽِيا.

6

پَهرِين ڪاري نانگَ جِي، ڪو چِرڪِيَلُ چيڙَ ڪَري؛
هي هَٽِي ڏَنگَ ڏَسائِيو، تہ ويجهو تان نہ وَري؛
جيڪي ٿَپ مَري، جيڪي سِڪي صِحَتَ کي.

7

ڪَپُرَ! گاروڙِيُنِ سين، وڏو وِڏُءِ ويرُ؛
نانگَ! نہ ويندين نِڪِرِي، تو ڏَرِ مَٿي پيرُ؛
هِيُّ تنِين جو ڏيرُ، جن جُهوناڳُڙُهہ جَلائِيو.

# سُر پرڀاتي

## داستان پھريون

1

اِيُّ نہ ڀانئِنِ ڀيرُ، جِئَن ڪينرُ ڪِيرِيءَ ٺَنگِيو؛
سُونھاري صُبُوحَ سين، وِڄھي ويٺين ويرُ؛
توکي ڇَوَندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ ڏاران مَڱَڻو؟

2

سُتو ڪِئَن نِنڊُون ڪَرِين، رو وِھاڻِيءَ روءِ؛
سُڀان ساڙُ سندوءِ، ڀِيو ھُوندو ڀَٽَ ۾.

3

سيرانڊِيءَ ساڙُ ڪيو، سُمھِين سارِي راتِ؛
جاڄِڪاڻي ذاتِ، اِيَ ھوءِ اَڳِھين؟

4

جنِين سُڪُ ناھِ ڪو، چارَڻَ سي چَئِجَنِ؛
رُڄُنِ راھَ ڀُڇَنِ، مٿي ڪُلَھنِ ڪِينرا.

5

مُوڙھو ڀُڻين مَڱَڻا! ڪيڏانھن ھُئِين ڪالَ؟
لَنگھا! چَڏِ لَطِيفُ چئِي، اُجھڻَ جا اَفعالَ؛
سَڀَڙَ دَرِ سُوالَ، ڪَرِ تہ قيمَتَ آڻِئين.

6

چارَڻُ لَڱو، ڀَنڊُ گھڻو، ڪِي چوٽاڻِيءَ چَئِيجِ؛
ھِتِ ڪِي ھلائيجِ، اُتي آءٌ نہ اچڻو.

7

جيڪِي ڏُڏَنِ ڏي، ڳُجِهيان ئِي ڳُجَھ ۾؛
سي جي سُڻَنِ ڪَنَّھِين، ڪِرتِ وارا ڪي؛
تہ سازَ مِڙوئي سي، هُوندَ پِٿون ڪَنِ پَلَڪَ ۾.

8

اُتِ ڪِرتِ وارا ڪيتِرا، ڪِرتِ ڪَبو ڪوهُ؟
جيڪِي بَندو ڪَمُ ڪري، سو مِڙوئِي ڏوهُ؛
تون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين تہ سونُ ٿِيان.

9

اُٿِيو اَبوجهاءُ، سَپَڙَ جو سَڏُ ٿِيو؛
جِئَن اَئِين ڪِيرَتَ ڪَٿُ نہ سِڪِيا، تِئَن پاٽا رِيڌو راءُ؛
مگُو مون مُلاءُ، آءٌ اَوهان جو آهِيان.

10

ڏاتِ نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي؛
آريُون اَبوجَهنِ جون، سَپَڙُ جامُ سَهي؛
جو راءَ وَٿِ راتِ رهي، تَنهِن جُڪِي تان نہ ٿئي.

11

ڏَڏُ ٿِي ڏانُ گُهريجِ ٿُون، چِڏِ وِجا وِجائي؛
سَپَڙَ راتِ سَنباهِيا، تازِي تو لائي؛
جو چاٽي نہ ڳائي، تَنهِن سين ٻيلي ڏٽِيءَ ٻاجَھ ڪِي.

12

پِيو ليٿِين لُٿَ، سَچِيُون راتِيُون سُمهِين؛
اُٿِي آڏِيءَ نہ ڪَرِئين، سَپَڙَ ساڻُ سَهَٿَ؛
رُونجهي راتِ اُپَٿِيا، پيٿِنيَئُون پاڻَيٺَ؛
ميڙي تِئان مَٿَ، چُوندي پَرِيا چَارٽِين.

13

ڏاتارَ ڏُکَ ڪَيا، پاٽا مَتي مَگَّڻين؛
”مُون دَرُ ڇَڏِيو، مَگَّڻا! مَگِين ڪوهُ ٻِيا؟
تَڏِهن تو پِيا، وِچان وِلَها ڏِينهَڙا.“

14

مَگُّ تَنهِين کان، مَگَّڻا! جو ڏِيهاڙي ٿو ڏِئي،
ڪُوڙا دَرَ دُنِيا جا، جاجِڪَ! مَگِين جي؛
سُيان توهِين کي، موٽي ڏِيندا مُنهَن ۾.

15

ڪَڙَهَ اَگِيان ڪَپُ، ڏِهاڙِي ڏاتارَ جي؛
لَنگها! لاهِ مَ لِڪَ سِيئَن، مَٿان چانئُٺِ ڇَپُ؛
مَگَّڻهارَنِ مَپُ، ڪونهي ٻِيو ڪِيرَتَ ري.

16

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاجِڪ! جِمَ وِسارِئين؛
ريهي رُپي سَندِيُون، تَندُون تُنبي کي پاءِ؛
لَنگها! تون لِيلاءِ، اِگِيان وڃِي اُنَ جي.

17

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون صاحِبُ، آءٌ سَگُ؛
پُڇِي تُنهِنجو پَڳُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.

18

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آءٌ ڏوهُ؛
تُون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَڃِين تہ سونُ ٿِيان.

19

اُپِرِيو تارو، اُٿِي وَرَ وِهاڳُ ڏي؛
سَپَڙُ رِيسارو، چِتِ پَرِکي چارَڻين.

# سُر ڏهر

## داستان پهريون

1

ڪَرِ ڪي ڳالَهڙِيُون، ڪَندا! ڊِورَ ڏٽِـيُنِ جُون؛
ڪِئَن سي راتَڙِيُون، ڪَنهِن پَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟

2

جان تو هُئَڙو سُورُ، ڪَندا! ڊِور ڏٽِـيُنِ جو؛
متي لامُنِ ٻُورُ، مورِيءَ مَجَرَ نہ ڪَرِئين.

3

ڪَندا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَرِيو ڊِورُ وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو گڏِيو پَهِيَڙو؟

4

سَچُ ڪِ سُڪو ڊِورُ، ڪنڌِيءَ اَڪَ ڦُلارِيا؛
جُنگَنِ چَڏِيو زورُ، سَرُ سُڪو، سُونگي گيا.

5

سُڪِي ڊِورُ ڏِيُون ٿِيو، ڪنڌِيءَ ڏِنو ڪائو؛
سو پاٽي پَٽِيهَلَ ۾، اَڳِيون نہ آيو؛
ماڙُهنِ ميڙائو، ڪَنهِين ڪَنهِين پيٽـِئين.

6

ڊِورُ نہ اَڳِينءَ ڊارَ، مهَندِ مَلاحَنِ لَڪِيو؛
موڙِي چوڙِيا مَڪُڙا، پَسِي پاٽيءَ پارَ؛
جَسودَنِ جيها يارَ، پِيَڙا وِيرَ وِماسَ ۾.

7

جان واھُڙَ ۾ وَھُ، تان تون، مَڇَ! نہ موٽِئين؛
ڪائي ۾ ڪوہ ڪَرِئين، پوءِ موٺڙَ جو پَھُ؟
سِرَ مَٿي ٿُون سَھُ، مَھِميزُون مَلاحَنِ جُون.

8

جان جَرُ ھُئَڙو جالَ، تان ٿُون، مَڇَ! نہ موٽِئين؛
پَوَندِيَءِ اَج ڪِ ڪالَ، سانپيُون سانگِنِ جُون.

9

جان جَرُ ھُئڙو سِيرَ، تان ٿُون، مَڇَ! نہ موٽِئين؛
آڏا اَڏي ڪِيرَ، گھٽ بہ جَھلِيَءِ گھاتُئين.

10

مَتو آھِين مَڇَ! ٿُلھو تو ٿُونا ھَٽِين؛
جا تو ڏِٺِي اَڄَ، تَنھِن پاٽِيءَ پُنا ڏِينھَنڙا.

11

ڪُنڍِي ڪَلِيُنِ وِچَ ۾، جَڏھِن ھَنيائُون؛
موتِ نہ مارِيائُون، ڏورِ ڏئي وِيا ڏُکَ جِي.

## وائي

لايَءِ جا وَرَنَ ڪي، سا ڪانڌَ! مُنھِنجي ڪورا.
ماءُ! مارِيندَمِ ڪَڏھِين، ھِنَ پِرِينءَ جي ھورا؛
اَچَنِ پِرِين پَبَڪِيا، ڪَرَ بابِيھو جِئَن مورا؛
سيٽِين سِرگَندُ سَپَجي، بِيو عَطُرَ پِرِين اَتورا؛
چَپَرُ ڪَٿُورِي ٿِيو، بِي تازِي ڦُلَنِ ڦورا؛
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ ڪي، سانوَل ميڙِ سَنيُوڙا.

# داستان ٻيو

1

مَدِيني جا مِيرَ! سُڻُ مُنهِنجا سَڏَڙا؛
سَرَڻِ تُنهِنجي سِيرَ، ٿُون پارِ لَنگهائِيين پِيَڙا.

2

ڏَٽِي! سو وارِئين واءُ، جو ميڙائو سَڄَڻين؛
وَهِيءَ واٿَ مَٿاءُ، هِنئَڙي آسَرَ مَ لَهي.

3

نيڻَ جي نِهارِينِ، سي اَڄُ نہ اوٺِي آئِيا؛
هَنجُون نہ هارِينِ، پاٽِي پُنهُونءَ ڄامَ ري.

4

نيڻَ نِهاري مُنهِنجا، روئِي ٿِيا رَتُ؛
پُنهُونءَ هوءِ پَهَتُ، تہ پارِي نِيَنِ پاڻَ سين.

5

اڄُ اَڱَڻُ ڪيٽانِ، آسَرَ لَڳِي سورِيانِ؛
ڏُونگرِ ڏِينهَن لَڳانِ، مانَ وَرِڪَنِ سُپِرِين.

6

اَللهَ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسِرو؛
خالِقَ! تُنهِنجي ڪاندِ جو، پَرو پاندُ نہ ڪوءِ؛
نالو، ربَّ! سَندوءِ، رَهِيو آهِمِ رُوحَ ۾.

7

صاحِبَ! تُنهِنجِي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِٺِي سُون؛
پَنَ ٻوڙِين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارِين ٿُون؛
جيڪَرَ اڇِين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

8

جيڏو تنُهِنجو نانءُ، ٻاجَهه ٻـ اوڏِيائي مَڱَّانءِ؛
رِءَ ٿَنِيين، رِءَ ٿُوڻِيين، ٿُون ڇِپَرُ، ٿُون ڇانءَ؛
ڪُجاڙو ڪَهانءِ؟ توکي مَعلُومُ سَيَڪا.

9

سَتَرُ ڪرِ سَتّارَ! آءٌ اُگهاڙِي آهِيان؛
ڍَڪِئين ڍَڪَڻَهارَ! ڏيئِي پاندُ پَناهَ جو.

## وائي

مُون ڪي نِندَ نـ نيڻين نيڻين، ڪالَهُون پوءِ لَڪَن ۾.
موٺُ ٿُون آيَلَ! مُنهِنجِي ماءُ! تان تو ڏُکُ نـ ڪيڻين ڪيڻين؛
هُوءِ نـ نينِمِ پاڻَ سين، جا ويندڙِي سيڻين سيڻين؛
ڪالهُوٺِيان اَڄُ گهڻِي، جهورَڙِي جهيڻين جهيڻين.
ٻِيُون سَيُ واڳِيون وَرَنِ سين، آءٌ جا واڳِڙِي ويڻين ويڻين.
هِنئُڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن، روئِي رَتڙو نيڻين نيڻين.
اَلا! عَبدَاللَطِيفُ چئِي، مُحِبَ اسان ٿُون ميڙين ميڙين.

## داستان ٿيون

1

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌَ! مُون نِماڻِيءَ جي نِجهري؛
پِرِين! تُنهِنجي پاندَ، ڍولا! ڍَڪِي آهيان.

2

جِئَن تون قائِمُ، ڪانڌ! تِئَن آءٌ وَرَ! وِلَهي نـ ٿِيان؛
پَڪي چِنان پاندَ، ڳَنڍُ نـ ڇاڻي ڪو ٻِيو.

3

ڪانڌَ ٻِيُنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وڏِي ڪانڌِ؛
پاڻا ڍَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوهُ اَڪِيُنِ سين.

4

وَرَ سين وِڃهيو ڪاڻِ، ڳَرَ سين ڪِلَڻ پائِيين؛
پورِي! مُنڌَ اَڄاڻِ، ڪَڻَ ڇَڏِيو ٿُهَ ميڙِئين.

5

سُتا! اُٿِي جاڳُ، نِنڊَ نہ ڪَجي ايتِرِي؛
سُلطانِي سُهاڳُ، نِنڊُنِ ڪندي نہ ٿِئي.

6

ڪِي سُمهُ، ڪِي جاڳُ، نِنڊَ نہ ڪَجي ايتِرِي؛
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٿِيهُ پانئِيو.

7

جاڳَڻَ مَنجهان جَسُ، آهي اَدا! جن ڪي؛
لاهي جو، لَطِيفُ چئي، مَٿان قَلَبَ ڪَسُ؛
وَرنهَ! ڪَجان وَسُ، صُبُحَ ساڻ، سَيّدَ چئي.

8

هِي تان ٿورَڙِيُون، جي ٿُون، پورا! پَسِي پُلِئين؛
راتِيُون ٻِيُون گهٽِيُون، جي تو اِيندِيُون هيڪِلي.

9

سُمَهَڻان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏو ئِي ٿِيو؛
پِرِين سين پاڙو، مُنهِنجو نِنڊَ نِبيرِيو.

10

پِرَهَ ڦُٽِي، راتِ گَئِي، جهيڙا ٿيا نَڪَٿَ؛
هارِي! وِيَءَ وَٿَ، ڳهٽا هَٽندِينءَ هَٿڙا.

11

پيئِي جا پِرِياتِ، سا ماڪَ مَ پَسو ماڙُهئا!
روئِي ڇُڙِي راتِ، ڏسي ڏُکوِيَنِ کي.

12

ڍولُ مَ ڪٽي ٻانهَنڙِي، پِرِهَ مَ ڳٽي پانڌُ؛
آءٌ پَنهِنجو ڪانڌُ، لوڪان لِڪي رائِيان.

13

ڦِريا پَسِي ڦِيڻُ، ڪَرِيَنِ ڪِيرُ نہ چَڪِيو؛
دُنِيا ڪارَڻِ دِينُ، وِڃائي وِلَها ٿِيا.

## داستان چوٿون

1

روهِ راماڻا ڪَنِ، اَڄُ پڻ هَلَڻَ هارِيُون؛
ڪَرڪِلُ ڪُونجَڙِيَن، رائي ۾ راتِ ڪَيو.

2

وَڳَرُ اُڪِيري سَرُ سارِيو، سُورَ چَري؛
جُهري جِهجندي ڏِئي، سَنِيها ڪي سَڄَڻين.

3

وَڳَرُ وِساري، وينِين ڪِئن ماٺِ ڪَري؟
ڪِ تو نہ ماري، رُڻُ جُهڻُ سَندِي سَڄَڻين؟

4

وَڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالَهہ تُنهِنجا ڪُونجَڙِي!
ڪَندِين ڪوهُ رهِي، سَر ۾ سُپيرِيُنِ ري؟

5

وَڳَرَ ڪَيو وَتَنِ، پِرتِ نہ چِنَنَ پاڻَ ۾؛
پَسو پَکِيَڙَنِ، ماڙُهنِئان ميٺُ گهڻو.

6

مَ لنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هِنئين چاڪَ؛
ڦِٽيُون جي فِراقَ، سي گهرِ گهارِينديُون ڪيتِرو؟

7

ڪُونجَڙِيءَ ڪالَهہ لَنئِي، سَڄَڻَ وِڏَمِ چِتِ؛
آءٌ جِنين رِءَ هِتِ، گهنگهرَ گهارِيان ڏِينهَڙا.

8

أُتَرَ ڏي آلاپَ، ڪالَھُونڪَرَ ڪُونجَ ڪَري؛
پِرِين پَسِي مَنجِھ خوابَ، وِھاڻِيءَ وايُون ڪَري.

9

ڪُونجُون تِيُون ڪُڙِڪَناَ، جيڪُسِ ھَلَڻَ ھارِيُون؛
ٻَچا پوءِ اَٿَنِ، وَجَنِ وانڌا ڪَندِيُون.

10

آيُون ڏورَ ڏِري، اصُلَ سَندي آسِري؛
ڳَنيَڙَ يُونءِ ڳرِي، پاٽان پَير ڏُکويا پَڪَڻين.

11

ڪُونجَ نہ لَکِيو باڻُ، مارِيءَ سَندي مَنَ ۾؛
اوچِتي پَرياڻَ، وَڳرَ ھَٽِي ويڇُون ڪَيا.

12

ڪُونجَ! نہ پَسِين ڪَڪَ، ڏَٻُ جَنهِن سين ڏِٻيو؛
مارِيءَ ماري لَکَ، وَڳرَ ھَٽِي ويڇُون ڪَيا.

13

مارِي! مَرِين شالَ! ڏَٻ وَجَنئِي ڏِٻيُون؛
جِئن تو اَڇِي ڪالَ، وِڌو وِڇُ وِرِھَنِ ڪي.

14

ڪَيرَ ڪَرِيندِي رِيسَ، آيَلِ! سَنگھارَنِ سين؛
جنِين جي خَمِيسَ، وارِيُون واري ڇَڏِيُون.

15

جِيَنِ سي سَنگھارَ، اَجھي جنِين گھارِيان؛
ماڻَ لَھَنئُون سارَ، وِڇ وِلَھين ڏِينهَڙين.

16

جي پانئِين وَسَ ڇَران، تہ سَنگھارَنِ سين لَڏِ؛
تہ ھاجي سَندِي ھَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُڻِين ڪَڏھِين.

17

مَنڊِيُون مَٿِ ڳُڙَنِ، جهوڪَ ٻـِ سُونهَنِ پَهِيَڙا؛
سَندِي سَنگهارَنِ، جُوءِ جِئاري جَڏَّڙين.

18

جاڳو، جاڙيجا! سما سُک مَ سُمهَو؛
پَسو، آن پاريا، لاکو ٿو لوڙيُون ڪَري.

19

ٿاٿُونڪِينِ پَلاڻَ، سَدا هَٽَنِ ڪَرِڪِرا؛
لاکي لوڙائِنُ جا، اَهِڙا ئِي اُهجاڻَ؛
ڏيئِي تَنگَنِ تاڻَ، ڪُوڪَ ڪارِيندا ڪَچَڙي.

20

ريـٻارَڻِ! رِيجهاءِ، لاکو لُولاٽِيُنِ سين؛
سائُو مانَ سَندِياءِ، نَٿُ مَٿائي ٿاڪُرُو.

21

لاکا لَکَ سُجَنِ، ڦُلاڻِيءَ پـيرُ ٻِيو؛
جَنهن پَرِ راڻا، راڄِيا، ڪوٺَنِ مَنجهه ڪُنبَنِ؛
جَنهِن جو جاڙيجَنِ، سُتي سَنچو نـ لَهي.

22

لاکو لکِيءَ تي چَڙهي، لَکِي لاکي هيٺِ؛
سونهرايُون سِرِ ڪَيو، پِيڙي ٻَڌي بيٺِ؛
ڪَندو ڏَمَرَ ڏيٺِ، صُباحَ ساڻُ سَپَڪَنهِين.

# سُر بلاول

## داستان پهريون

1

وِسَهُ اِنَھِين ويڻَ کي، جِئَن دَعوَتَ ڪِي داتا؛
مَضّمَضَہ واتا، وِجُھ تہ ڏيئِي واتَ ۾.

2

پيُ مَ طَھُورا، وانءُ اورانگھي اورِيان؛
وِچان جي وِصالَ کي، سي سَڀ اُجُورا؛
حاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَڀ ٿِئي.

3

سَما! تو سِرَ ڇَٽُ، ناتَ پاڳارا پُرَسَ ٻِيا؛
ڳَھَڻَ! تُنھِنجي ڳِجَھِي، اڇي جالَ جَڳَٽُ؛
جِنِ جيھا ئِي پَٽُ، تِنِ تيھا ئِي ٻِڪِيا.

4

سمو تِنِ سَڏَ ڪري، جِنِ تي وڏو ويرُ؛
اُٺي تہ آجِي ٿِيان، پائي پاڪوڙي پيرُ؛
تو رِءَ ٻِيو ڪيرُ، سَرَٽِيُنِ جا سونٿا سَھي.

5

سَرَٽِيُنِ جا سونٿا سَھي، وَسِيلو وِلَھَنِ؛
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، اَڱِيان لالُ لَکَنِ؛
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پابوھي پَڌِرو.

6

تَڙِ تَڙِ ڪِيمَ تَرَسُ، سَرُ نِهارِ ج سَيَرو؛
ڏِيندُءِ لَکَ، لَطِيفُ چَئي، راجَ راهُوءَ جي رَسُ؛
وِلَها جنهن وَنهِيا ڪَيا، پاڳَ تَنهِنجِي پَسُ؛
ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٿُ ڪٺي.

7

علاؤالدِّينُ آئِيو، ڪَٺِي چَلِ چُڳيرُ؛
ڪَنهِين ڪِينَ هِمَٿِيو، ڪانَ جَهلِيندو ڪيرُ؟
سُومِرينِ سامَ ڳنئِي، اَبڙي ڪَيو اُٿَ پيرُ؛
هو مُهانئِين مِيرُ، پر مَسِتُوراتِنِ مارِيو.

8

سَرَٽِيُنِ جي سُکَ لَءِ، سامَ ڳنئِي سَردارَ؛
جي آيُون اَبڙي جي آڌارَ، سي سُونگ نہ ڏِينديُون سُومِرِيُون.

9

ٻِيَنِ مِڙَنِي ڏِنيُون، ڏِئي نہ ڏُونگرَ راءُ؛
اَڻَ ڏِنِيُنِ آڏو ڦِري، ڏِنِيُون ڏِئي ڪِئاءُ؛
لورِيُون لَکَ مَٿاءُ، اُنَ مَٿيري موٿائِيُون.

10

اَبڙو اَڳاهَنِ ۾، پَرَ جَهلو پارِي؛
سَمي سُوالِيُنِ ڪي، ويلهَ وسارِي؛
مَنَهَن مُنِي جَڪرو، طامائُنِ تارِي؛
پُڇي سي پارِي، جي عاجِزَ اَجورَنِ ۾.

11

ابڙو اَڳاهَنِ ۾، سَيَرُ جِئَن ٻيلي؛
سي پَٽَ ڪَنهِن نہ پُورِيا، جي ٿو پَڙُ پيلي؛
سَجَڻَ سانوَڻَ مِينهَنءَ جِئَن، رُڃُون ٿو ريلي؛
اَڃَنِ جي ويلي، تِنِ بورَ بَخِشي پِٽَ ڏَٽِي.

12

اَبڙو وَڏَوَڙو، سُوَڙو، سَمو، سُونهن سَيَنِ؛
تَنهِن دَرِ سَڀ اَچَنِ، ڪَنڌُ نہ ڪَڍي ڪَچَ ڏٽِي.

## داستان ٻيو

1

جَکِرو جوڙي، پاڻَ ڏٽِيءَ پيدا ڪَيو؛
ڪيهَرَ جِئَن ڪَرُ ڪٽي، مُچُون مَلُھ موڙي؛
سَمُوندَ جِئن سِيرَ ڪَيو، ٿو بارِ جِئَن ٻوڙي؛
گھوٽُ چَڙهِيو گھوڙي، پيچِيُنِ لائي پيچِرا.

2

جَکِرو جَسَ گرو، ٻيا سَڀِ اَنِيرا؛
جِيائِين جُڙيو جَکِرو، تِيائِين نہ ٻيا؛
مِٽِي تَنهِن ماڳا، اَصُلُ هُئِي ايتِرِي.

3

ڏِني جادَمَ جَکِري، چِتِ نہ ٻيا چَڙهَنِ؛
تہ ڪي کُوهَ کَڄَنِ، جہُ سَرُ لَيِي سَيَرو؟

4

هَٿان جادَمَ جَکِري، وِٿِي وِچ مَ پوءِ؛
پِي پِي سو پُرِ ٿِيو، جو حاتِمَ پاسي هوءِ؛
ڪَيف ڏاران ڪوءِ، جِئي ڪو مَ جَهانَ ۾.

5

هَٿان جادَمَ جَکِري، وِٿِي پوءِ مَ وِچُ؛
”اچو! آيا نِچُ!“ سَمي وائِي واتَ ۾.

6

جَکِري جِهو جُوانُ، ڏِسان ڪونَ ڏيهَ ۾؛
مُهَڙُ مِڙَني مُرَسَلِين، سَرسُ سَندسِ شانُ؛

”فَكَانَ قَابَ قَوۡسَيۡنِ اَوۡ اَدۡنَىٰ“، اِيُ مُيسَرُ تِيُسِ مَكانُ؛
اِيُ آگي جو اِحسانُ، جَنهِن هادِي ميڙِيُمِ هَهِڙو.

## داستان ٽيون

1

ڪوهُ نہ جُهارِئين جَڪِرو، جنهن ڏيهَ ڍِيا ڏيئي؟
جي لُڏِيا ٽِي لِينگهن ۾، شالُن ۾ سيئِي؛
سَمِي سَيِيئِي، طاماعُو تارِ ڪيا.

2

اَلا! جُنگَ جِيَنِ، جنِين اَجهي گهارِيان؛
شالَ مَ سُڪي ويئَرِي، جِئان پِيَّ پِيَنِ؛
مَرَڪَڻَ! اَڪَڙِيَنِ، تو ڏِني مُون سُڪُ ٽِئي.

3

اِيندي لَٽِي اُجَ، پِيرَ پِيرِيندي ٿَرِيا؛
مَنجِهه ويئَرِيءَ سُجَ، ڪَرَ لَڏِي رِڻُ اُڪارِيين.

4

تُون اوڍَرُ، تُون اوڍَڪو، تُون اجهو، تُون اَڳُ؛
هِتِ پِڻُ تُنهِنجو تَڪِيو، مَهَندِ پِڻُ تُونهِين ماڳُ؛
سي لورِيُون ڏِيَنِ نہ لاڳُ، جي اَجهي آيُون اَبِڙِي.

5

پَسَنديئِي پُرِ تِيا، جَڪِرو ئي جاچِڪَ؛
تِئان ڏِنِي مَگّڻِي، طَهُورا جِي تِڪَ؛
سَمِي يَڳِيَنِ سِڪَ، واصِلُ تِيا وِصالَ ۾.

6

جي اُڏَمِيو اَجُ، تہ وَسندو سونَ سَنگُ؛
جالَ ڍَئِيندو جُنگُ، جَڳُ ڍَئِيندو جَڪِرو.

# داستان چوٿون

1

وَڳِندُ وَرِي آئِيو، وَسَنِ ڪينَ وِڏوسِ؛
گندِي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسي پِيرَ ٿِيوسِ.

2

وَڳِندُ وري آئِيو، پينارَنِئُون پوءِ؛
مُحڪَمَ لَڳَسِ موچِڙا، ذَرو نہ ڏِنُسِ جوءِ؛
وينو اِئين چوءِ، تہ پِيران پاسي نہ ٿِيان.

3

اَسُورَ سَندي آسِري، وينو آهِ وڳِندُ؛
هَڏِ نہ ڇَڏِيندو هَنڌُ، آيَسِ بُوءِ بَهارَ جِي.

4

اَسُورَ سَندو آسِرو، وَڳِندَ ڪي وَڏو؛
جُسي ۾ جَڏو، پر ڪِيَنڱَ تي ڪُتا ڪٽي.

5

وَڳِندُ ورِي آئِيو، بَدُو سين بَدِبُوءِ؛
خاوَندَا! ڏي خُوشبُوءِ، تہ سُرهو ٿِيان سُپِرِين!

6

وَڳِندُ ورِي آئِيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو؛
ڇَڏي نہ موزو، لَڳُسِ آرُ عَطارَ سين.

7

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳِندُ وينو پَسُ!
تَنهِن روڳِيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزارَ سين.

8

وَڳِندُ ورِي آئِيو، نِسورو ئِي نَرَڳُ؛
گندا گُلابِي ڪَري، سَيّدَ جو سَرَڳُ؛
عَطُرَ سين اورَڳُ، تہ هُئِين سَدائِين سُرَهو.

9

وَڳِنڌُ وِرِي آئِيو، ٻَڌُو ٻي نِمازُ؛
جِئَن تِتِرَ مٿي بازُ، وَڳِنڌُ تِئَن سُرهاڻِ تي.

10

وَڳِنڌُ وِرِي آئِيو، ڪوتِڙِيان ڪُلاٿُ؛
سَندو ڪِرِڙَ ڪاٿُ، هَڻُ ٿَرِڳِيءَ کي نِڪَٽين.

(محترم عبدالماجد پرڳڙي جي ٽيڪسٽ انپٽ)

سنڌي عوامي برقي ــ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books